
شاهہ جي شاعريءَ جو
پهاڪاتي پهلو
مرتب:
انجنيئر عبد الوهاب سهتو

# شاهه جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلُو

(مقالا ۽ مضمون)

مرتب

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
قنبر - ٢٠١٨ع

Gul Hayat Institute

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر ٦٠
© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر ٢٠١٨ع

[هيءُ ڪتاب حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ٢٧٥-هين عرس، ١٤ صفر ١٤٤٠هہ، جِي نسبت سان ڇپي پڌرو ڪيو ويو.]

ڪتاب: شاهہ جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلُو
مرتب: انجنيئر عبدالوهاب سهتو
پهريون ڇاپو: آڪٽوبر ٢٠١٨ع
ٽائٽل: ڊاڪٽر احسان دانش
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر

قيمت: ٢٤٠ رپيا

"Proverbal Aspect of Shah's Poetry"
Compiled By: Engr. Abdul Wahab Sahito
1st Edition: October 2018 A.D
Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar
E-mail: drmuhabbatacademy@gmail.com
riazatburiro@yahoo.com
Rs. 240/-

Gul Hayat Institute

هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين امتياز احمد مغل، ذڪي پريس، ڪراچيءَ مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر، پاران پڌرو ڪيو.

# انتساب

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام اندر، مختلف النوع علم يڪجاءِ آهن، جن جي نشاندهي اهو عالم ئي ڏاهو ڪري سگهي ٿو، جنهن کي ايترن علمن تي دسترس هجي. اهي علم آهن داستان، وياڪرڻ، صرفي نحوي ترڪيب، اصطلاح، ورجيسون، تشبيهون، تمثيلون، تلميحون، پهاڪا، چوڻيون، وغيره .

شاھ صاحب جي ڪلام اندر موجود پهاڪي يا چوڻيءَ واري خوبيءَ کي پرکي نروار ڪرڻ به وڏي ڄاڻ رکڻ وارن جو ڪم آهي. ان نقطي ڏانهن پهرين پهرين جنهن سنڌي عالم يا ڏاهي جو ڌيان ويو، سو آهي مرزا قليچ بيگ، جنهن اهي سٿون سوڏي سنواري، نکيري نروار ڪري، ”لطيفي لات“ جي نالي سان ڪتابي صورت اندر ڇپايون، جنهن کان پوءِ ٻين عالمن ۽ ڏاهن جو ان طرف ڌيان ويو ۽ انهن به شاھ صاحب جي ڪلام ۾ موجود ان پهلوءَ تي پنهنجو قلمي پورهيو عام آڻو آندو.

مان پنهنجي هيءَ محنت، سنڌي زبان جي ان ڏاهي ۽ شمس العلماءُ، **مرزا قليچ بيگ** صاحب ڏانهن منسوب ڪيان ٿو.

**- انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

Gul Hayat Institute

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”شاهه جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلو“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ناميارِي ليکڪ **انجنيئر عبدالوهاب سهتي** پاران مرتب ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ اهي سڀ ميسر تي سگهيل مقالا ۽ مضمون ڳَنڍي ڪيا ويا آهن، جيڪي شاهه لطيف جي شاعريءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين تي لکيا ويا آهن. ان ريت، ڄاڻايل موضوع تي هيءُ پهريون مرتب ڪيل ڪتاب چئي سگهجي ٿو.

هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر، پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري رياضت برڙي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون سائين عبدالوهاب سهتي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

Gul Hayat Institute

# فھرست

پيش لفظ ..................................... رياضت ٻرڙو 7

سادا اکر ................. انجنيئر عبدالوھاب سھتو 9

مضمون ۽ مقالا:

1. لطيفي لات: پھاڪن ۽ چوڻين طور ڪتب ايندڙ مصرعون
- مرزا قليچ بيگ 25
2. شاھ جا پھاڪا - ڊاڪٽر اياز قادري 42
3. شاھ جي ڪلام ۾ پھاڪا ۽ چوڻيون - ڊاڪٽر شاھنواز سوڍر 49
4. روزمره جي سنڌي زندگيءَ ۾ شاھ جا قول - ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي 51
5. آيتون آھين (الف-بي وار چونڊ پھاڪا ۽ چوڻيون) - ڪريم بخش خالد 59
6. شاھ ۽ پھاڪا - سيد اظھر گيلاني 83
7. شاھ لطيف جي ڪلام ۾ اصطلاح ۽ پھاڪا - ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي 88
8. شاھ ڀٽائي جا بيت _ پھاڪا - حافظ محمد احسن چنا 94
9. شاھ لطيف جي شاعري ۾ چوڻيون - ڊاڪٽر غلام قادر سومرو 100
10. سر ڪلياڻ ۾ آيل چوڻيون، محاورا ۽ اصطلاح - مير محمد پيرو 138
11. شاھ جون چوڻيون (سسئي آبري، معذوري،
ديسي، ڪوھياري ۽ حسينيءَ جي حوالي سان) - نياز ھمايوني 144
12. سر ديسيءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو
- ڊاڪٽر محمد علي مانجھي 149
13. سُر ديسيءَ ۾ پھاڪن ۽ چوڻين جو استعمال - ڊاڪٽر مخمور بخاري 156
14. سر حسينيءَ ۽ سر مارئيءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو
- ڊاڪٽر محمد علي مانجھي 163

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري، سنڌي ٻوليءَ ۾ سرجيل هڪَ مُلهائتي مُوڙيءَ مثال آهي: اها مُوڙي، جنهن جو قدر وقت گذرڻ سان وڌندو ئي رهي ٿو ۽ جنهن ۾ سمايل فڪر ۽ فن جي اهميت اڳي کان اڳري ۽ وقت جي تقاضائن سان مُنهن ڏيندڙ ثابت ٿي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي، ته ”**شاهه جو رسالو**“ فقط شعرن جو رواجي ميڙو نه آهي، پر انساني سماج جي بهتريءَ، ڀلائيءَ ۽ چڱائيءَ ڏانهن وٺي ويندڙ مٿانهَن قدرن جو مجموعو آهي. شاهه جي شعرن ۾ سمايل خيال سماجي تقاضائن کي نبيريندڙ ٻه آهن ته انهن جي عڪاسي ڪندڙ ٻه. ڏسجي، ته شاهه جي رسالي ۾، انيڪ اهڙيون سٽون بيحد خوبصورتيءَ سان اُٽيل آهن جيڪي اسان جي سماجي وهنوار ۾ عام جام ڪتب ايندڙيون رهن ٿيون، جهڙوڪ:

| | |
|---|---|
| ٻيائيءَ کي ٻڪ، جن وڌو سي ورسيا. | (ڪلياڻ) |
| جي ورق وارين وِيهه، ته اکر اهو ئي هيڪڙو. | (يمن ڪلياڻ) |
| دنيا سپ درياهه، ڪو ڪو تارُو تنهن ۾. | (سري راڳ) |
| عقل مَت شرم، ٿيئي نينهن نهوڙيا. | (سهڻي) |
| پيرين پنڌ وسار، هل هنئين سين هوت ڏي. | (سسئي آبري) |
| تتيءَ ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي. | (حسيني) |
| ڏک سُکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏکن ري. | (حسيني) |
| اِي نه مارن ريت، جئن سيڻ مٽائِن سون تي. | (مارئي) |
| مُنهن ۾ موسىٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس. | (آسا) |
| گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا. | (ڪيڏارو) |
| ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين. | (بروو سنڌي) |
| ويا مورَ مرِي، هنجُ نه رهيو هيڪڙو. | (ڪارايل) |
| ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي. | (پرڀاتي) |
| ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري. | (ڏهر) |

اِهي ۽ اهڙيون ٻيون اڻ ڳڻيون ”شاهه جون سِٽون“، صرف سِٽون ئي نه رهيون آهن، پر ”**شاهه جا ڀهاڪا ۽ چوڻيون**“ بڻجي چڪيون آهن، جيڪي سماج ۾ پنهنجو ڪارج ۽ ڪردار ادا ڪندي نظر اچن ٿيون ۽ انساني

Gul Hayat Institute

جذبن، احساسن، امنگن، خوابن، خيالن، ڪيفيتن ۽ عملن جون ترجمان بڻجن ٿيون. ان ڪري ئي، اسين مختلف حالتن ۾، پنهنجي پاران ڪي جملا جوڙڻ بدران، شاهه سائينءَ جي انهن "سونَ ورنن پهاڪن ۽ چوڻين" کي، پنهنجي پاران ڪتب آڻيندا آهيون.

شاهه سائينءَ جي انهن پهاڪن ۽ چوڻين جو واهپو تہ سماج ۾ ٿيندو رهيو آهي، پر شاهه جي انهن پهاڪاتي سِٽن ۽ بيتن تي تحقيقي ۽ علمِي ڪم تمام گهٽ ٿيو آهي. جڏهن تہ ان جي ضرورت تمام گهڻي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾، پهاڪن ۽ چوڻين تي، گذريل ٽيهارو ڪن سالن ڪان، نامور محقق، انجنيئر عبدالوهاب سهتي انتهائي ڪارائتو ڪم تسلسل سان پئي ڪيو آهي، جنهن جي شاهدي سندس پهاڪن ۽ چوڻين جا تحقيق، تاليف ۽ تدوين ڪيل ۱۵ ڇپيل ڪتاب آهن ۽ هاڻي ۱۶-هون ڪتاب "**شاهه جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلُو**" ڇپيو آهي. خوشيءَ جي ڳالهہ تہ انهن ۱۶ ڪتابن مان ۱۰ ڪتاب، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

انجنيئر عبدالوهاب سهتي، شاهه جي رسالي مان مروج ٿيل پهاڪن ۽ چوڻين توڙي ورجيسن ۽ اصطلاحن تي تحقيقي ڪم ڪرڻ چاهيو پئي، پر هن ضروري سمجهيو تہ نئين ڪم جي ابتدا ڪان اڳ، پهرين ٿيل ڪم کي بہ سهيڙجي. ان نيت هيٺ، سهتي صاحب هيءُ ڪتاب سهيڙيو آهي، جنهن ۾ وڏ ۾ وڏ ممڪن ڳولا بعد، اهي سڀ ميسر ٿي سگهيل مقالاءِ مضمون ڳَني ڪيا ويا آهن، جيڪي شاهه جي شاعريءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين تي لکيا ويا آهن. ان ريت، جاٽايل موضوع تي هيءُ پهريون مرتب ڪيل ڪتاب چئي سگهجي ٿو. هِن ڪتاب جي اڳيري وِڪ طور، اسان کي سهتي صاحب جي ان ڪم جو بہ انتظار رهندو جيڪو هُو شاهه جي پهاڪن ۽ چوڻين تي مستقبل قريب ۾، اميد تہ، ضرور ڪندو.

سدائين گڏ.

**رياضت ٻرڙو**

ڊائريڪٽر (اعزازي)

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر

۲۳-آڪٽوبر ۲۰۱۸ع

۰۳۳۳۷۵۳۳۰۱۱

Gul Hayat Institute

# سادا اکر

پھاڪو (Proverb) يا چوڻي (saying)، ننڍڙو ۽ جلد ياد ٿي وڃڻ جيترو بياني جملو آھي، جنھن ۾ نصيحت، چتاءُ، اڳڪٿي يا سوچيل سمجھيل مشاھدو سمايل ھوندو آھي، جيڪو عام لوڪن جي زبان ۾ بيان ٿيل ھڪ روايتي حقيقت تي مشتمل ھوندو آھي ۽ ضرب المثل طور استعمال ٿيندو آھي.

پھاڪا ۽ چوڻيون، لوڪ ادب جي صنف منجھان آھن. سندن سرجڻ ۽ اپڙڻ، وڌڻ ۽ ويجھڻ جو سرچشمو عوام جا سينا ۽ زبانون آھن. لوڪ جي سينن ۾ نسرن ٿا ۽ سندن زبانن تان ٿيندا، سيني بہ سيني اڳتي وڌن ۽ اسرن ٿا. جڏھن تہ اصطلاح يا محاورا، ان لحاظ کان پھاڪي ۽ چوڻيءَ کان جدا نموني سان نھن ٿا، جنھنڪري اھي لوڪ ادب جي دائري ۾ ڳڻڻ بجاءِ لغت يا ٻوليءَ وارن علمن منجھ ڳڻيا وڃن ٿا.

پھاڪن منجھئون، لوڪن جون عادتون ۽ اطوار، بيان ۽ گفتگوءَ جو انداز، رسمن ۽ ريتن، اٿڻ ويھڻ ۽ کائڻ پيئڻ، ھنڍائڻ ۽ ورتائڻ بابت ڄاڻ ملي ٿي. پھاڪا/چوڻيون، لوڪي تاريخ، لوڪي ٻوليءَ ۽ لوڪن جي ڄاڻ wisdom جا پندار آھن.

پھاڪي يا چوڻيءَ لاءِ ”ٻول/ قول“، ”ڪھاوت“، ”سياڻن جو سخن“، ”ٻھڳڻن جو ٻول“، ”گفتار جي غازين جو گفتو“، ”سپ جا سپورنج سندي“، ”سُڌ جا سونھان ڏين“، ”وڏڙن چواڻي“ ۽ ”وڏڙن جي واتان ٻڌل“ جھڙا لفظ، نعم البدل طور تي مروج آھن. اھي عوام جي سينن ۾ ٽپي ٽپي اٿن ٿا. واتين سري، واڳين سرن ٿا. رستي ۾ ڪين نہ ڪا جھل، نہ ئي ڪا رنڊ روڪ ٿئي ٿي. اڏامندا وڃن ٿا ۽ صدين تائين سندن پڙلاءُ ٻُرندو رھي ٿو. جڏھن تہ چوڻيءَ جي خاصيت آھي: روپ ننڍڙو، جملو مڪمل، نڪتو سمايل ۽ عوام جي زبان تي روان ھجي. اگر انھن ڇئني خوبين مان ڪا ھڪڙي ڪٽل اٿس تہ اھا چوڻي ناھي. چوڻيءَ کي پھاڪي جي پد تي پھچڻ لاءِ، اجا ھڪ ڏاکو وڌيڪ پنڌ ڪرڻو آھي، سو آھي: پنھنجي اکري معني کان علاوھ ٻي معني ۾ بہ استعمال ٿيڻ جي خاصيت رکڻ.

Gul Hayat Institute

پهاڪا، آڳاٽن مذهبي ڪتابن جي اندر پڻ آيل آهن. بائبل (Bible) جي پراڻي عهدنامي (Old Testament) ۾ تہ اخلاقي سکيا ۽ عملي نصيحتن سان ڀريل نقطن تي مشتمل ”پهاڪن جو ڪتاب“ عنوان سان هڪ جدارو باب ڏنل آهي. اهي پهاڪا، حضرت سليمانؑ ڏانهن منسوب ڪيا وڃن ٿا. انگريزي ٻوليءَ ۾ مروج ڪيترا ئي پهاڪا، پراڻي عهدنامي تان ورتل آهن.

پهاڪي جي مجيل وصف مطابق: پهاڪو، پاڻ ۾ نقطو رکندڙ اهو مختصر ۽ مڪمل جملو آهي، جيڪو عوام جي زبانن تان اسري، يا ڪنهن آسماني ڪتاب اندر آيل احڪام ٻڌڻ سان سرجي، يا ڪنهن ڏاهي جي چيل ڳالھ تي غور ڪرڻ سان روپ ڌاري نروار ٿئي. لفظي معني سان گڏ، ورجيسي معني پڻ ڏئي.

ڪي شاعر، پنهنجي ڪلام ۾ پختگي پيدا ڪرڻ واسطي، عوام جي ٻولي استعمال ڪندا آهن، جو سندن پيغام يا نياپو هوندو ئي انهن لاءِ آهي، جنهنڪري هو انهن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. انهن جي زبانن تي آيل محاورا يا ڪهاوتون استعمال ڪندا آهن. جنهنڪري اڳتي هلي ائين بہ ٿيندو آهي جو اهڙن شاعرن جو ڪلام، جڏهن عوام جي زبانن تي چڙهندو آهي تہ سندن سرجيل سٽون پهاڪن جو روپ اختيار ڪري وٺنديون آهن.

ماموئي فقيرن جا قول هجن يا شاھ ڪريم جو ڪلام، قاضي قادن جا دوها هجن يا لطيف سائينءَ جا بيت، گرهوڙيءَ جون پيشنگويون هجن يا شاھ عنايت جا گفتا، سچل جا سنيها هجن يا ساميءَ جون سپون، مڙني منجھ عوام جي ذهن آهر ڳالهيون چيل آهن، جنهن سببان سندن ڪلام، لوڪ جي زبانن تي چڙهيل ئي چڙهيل رهي ٿو.

Gul Hayat Institute

لوڪ قصا ۽ لوڪ ڪهاڻيون، پڻ پهاڪن ۽ چوڻين جي جڙڻ جو سرچشمو آهن. اهي قصا عوام جي زبان تان ٿيندا، پٽن پيڙهين جي زبانن تي چڙهي، جڏهن ڳاتا وڃن ٿا تہ عوام منجهانئن حظ حاصل ڪرڻ سان گڏ نقطا پڻ چوندي ٿو، جيڪي نصيحت طور اڳتي استعمال ڪري ٿو. ناصح، اهڙن قصن ذريعي، عوام کي دين ۽ دنيا جون نصيحتون ڪرڻ فرمائيندا آهن، ڇو جو اهي قصا اڱوات، عوام کي ذهن نشين ٿيل هوندا آهن ۽ منجهن سمايل نقطا فقط اجاگر ڪرڻا هوندا آهن. جيڪي ناصحين پنهنجي علمي

ڏانءَ ۽ ذهني بلاغت سان ڪوٺي نروار ڪندا آهن. هونئن به قصن ۽ ڪهاڻين ذريعي پيغام رساني آسانيءَ سان ٿيندي آهي.

جن به وڏن شاعرن اهڙن قصن کي ڳاتو آهي، تن جو ڪلام، عوام اڪين تي رکيو آهي. انهن جي ٻولي عوامي هئڻ سان گڏ جڻ عوام جي اندر جو آواز ٿي پئي آهي. اهو اشارو، لامحالہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ڏانهن ئي آهي. سنڌ اندر اهو واحد بزرگ آهي جنهن جي ڪلام جو چڱو حصو، عوام جي زبان تي چڙهيل آهي ۽ مثالن طور پڻ ڪتب اچي ٿو. سندس ڪلام جي ان عوامي پسنديدگيءَ، سندس ڪلام کي لازوال ڪري ڇڏڻ سان گڏوگڏ، پهاڪي جي پد تي پڻ پڄائي ڇڏيو آهي.

ڪيترا ئي ليکڪ، پنهنجي ڪتابن ۽ مضمونن منجهہ، جتي ڪا ڳالهہ مثالن سان سمجهائڻ اٽڪر هجي، اتي پهاڪن سان گڏ شاهہ جي رسالي مان سوين ورنيون سٽون چوندي پڻ استعمال ڪن ٿا، جيڪي عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ پهاڪن، مثالن ۽ چوڻين طور ڪتب اينديون آهن.

ان جي ابتڙ، ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدواڻي، پنهنجي ڪتاب ’شاهہ جو شعر‘ ۾ لکي ٿو ته: ”هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو هڪ وڏو خزانو هوندو آهي، جي ان ٻوليءَ جي زباني ساهتيہ جو مکيہ انگ هوندا آهن. اڪثر انپڙهہ پرش ۽ استريون، پنهنجا پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ وقت، انهن کي وڏيڪ وزندار ۽ چيندڙ بڻائڻ لاءِ رواجي ٻوليءَ ۾ انيڪ پهاڪن ۽ چوڻين کي ڪتب آڻيندا آهن. سندن ان قسم جي استعمال ۾ سياويڪ روانيءَ جي جهلڪ ملندي آهي. جيتري قدر ادب ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جي وڏيڪ استعمال جو سوال آهي، ائين مڃڻو ئي پوندو تہ انهن جو گهڻو استعمال ڪرڻ بہ سنو ڪين آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي وڏيڪ استعمال ڪرڻ سان ٻوليءَ جو واڌارو رڪجي ويندو آهي. ليکڪ ۽ شاعر، پنهنجا ويچار، پراڻن قالبن ۾ ظاهر ڪندا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ ٻوليءَ ۾ ڪا نواڻ نہ ايندي آهي ۽ نوان قالب نہ گهڙجي سگهندا آهن. پر تنهن هوندي بہ ان ۾ تہ ڪو شڪ نہ آهي تہ ليکڪ ۽ شاعر لاءِ ڪتي پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال ڪرڻ تمام ضروري هوندو آهي. ممڪن آهي تہ ائين

Gul Hayat Institute

نہ ڪرڻ سان سندن ٻوليءَ جي اھا رواني نہ اچي سگھي ۽ اھا عام واھپي جي ٻوليءَ کان پري ٿي وڃي.

شاھ صاحب پنھنجي ٻوليءَ ۾ چوڻين ۽ پھاڪن جو اتي ئي استعمال ڪيو آھي، جتي انھن جي خاص ضرورت آھي. دراصل سندن استعمال سان ئي شاھ جي ٻوليءَ ۾ رواني ۽ سليستا اچي ويئي آھي، جنھن جا ڪجھ مثال ھيٺ ڏجن ٿا:

”جن مھانگو لھي ميڙيو، سي ٿا ھٽ ھڻن.“

شاھ صاحب جي ڪلام ۾ موجود پھاڪن ۽ چوڻين کي چوندي، جن محققن نروار ڪيو آھي، تن جو بيان ھيٺ ڏجي ٿو.

**١) لطيفي لات: پھاڪن ۽ چوڻين طور ڪتب آيل مصرعون:**

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب (١٨٥٣ع - ١٩٢٩ع) ولد فريدون بيگ، ٽنڊي نوڙھي ۾ ڄائو. سندس تصانيف ۽ تاليف جو تعداد ٤٥٠ کان مٿي آھي، جيڪي شاعريءَ کان علاوھ، اخلاقي، مذھبي، روحاني، تاريخي، عجيب ۽ نصيحت آميز ڳالھين، ناولن، ناٽڪن ۽ عام واقفيت، لطيفيات، وياڪرڻ وغيرھ جھڙن موضوعن تي مشتمل آھن.

لطيفيات تي، سندس تاليفات جي وچور ھيءَ آھي: ١. لطيفي لات، ٢. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو احوال، ٣. لائف آف شاھ عبداللطيف ڀٽائي (انگريزي)، ٤. شاھ جو رسالو، ٥. لغات لطيفي، ٦. شاھ جي رسالي جي ڪنجي، ٧. سر آبريءَ جي تشريح، ٨. سر سريراڳ جي تشريح، ٩. سر سھڻيءَ جي تشريح ۽ ١٠. سر ديسيءَ جي تشريح.

”لطيفي لات“ شاھ جي رسالي مان چونڊيل مصراعون، جيڪي پھاڪن يا چوڻين وانگي سنڌي ۾ ڪم اينديون آھن، تن تي آڌاريل ڪتاب آھي، جنھن جو پھريون ڇاپو سال ١٩١٢ع ذاري قيصريه پريس ۾ ڇپيو. منجھس جملي صفحا ٢٧ ھيا، جنھن جو ڇپائيندڙ: آتمارام ڪندن مل حيدرآباد وارو ھيو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو: ”لطيفي لات“ نالي سان، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩٤ع ۾ ڇپايو، منجھس جملي صفحا ٣٠ ھيا.

Gul Hayat Institute

ان لحاظ کان مرزا قليچ بيگ صاحب سنڌي ٻوليءَ جو پهريون اسڪالر ۽ مصنف آهي، جنهن جو شاهه جي رسالي ۾ آيل ٻهاڪن ۽ اصطلاحن ڏانهن ڌيان ويو ۽ ان متعلق، سُر وار، داستانن جي نشاندهي ڪندي، الفابيٽ ترتيب سان ڪتاب جوڙي ڇپايائين. اهو ڪتاب جيئن ته سائيز ۾ تمام ننڍڙو آهي، جنهن سببان وري وري ڇپجي نه سگهيو ۽ ان بابت لطيفيات سان دلچسپي رکندڙ گهٽن دوستن کي ڄاڻ به ناهي. اها ڳالهه ڳڻ ۾ رکي، ساڳيو مضمون هن ڪتاب اندر شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن لطيفيات جي شائقين کان علاوه عام ماڻهن جي استفادي هيٺ رهي سگهي.

**٢) شاهه جا ٻهاڪا**:

پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري (١٩ جنوري ١٩٢٧ع - ١٥ ڊسمبر ١٩٩٧ع) ولد فقير غلام سرور قادري، لاڙڪاڻي جي مشهور قادري خاندان ۾ ڄائو. ناميارو محقق، ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ماهر تعليم هو. سندس تصنيفن ۾ ”زلفِ اياز“ (شاعري)، ”ٻِلو دادا“ (ڪهاڻين جو مجموعو)، ’متيءَ لڏو ماڻُ‘، ’عشقيه داستان‘ ۽ ’پرين جون ڪهاڻيون‘، ’مون مطالع سپرين‘ (لطيفيات) مشهور آهن. ان کان علاوه ترجما پڻ ڪيائين، جهڙوڪ: ١. ’مئڪسم گورڪيءَ‘ جي ”منهنجي آتم ڪهاڻي (ٻه حصا: تربيت، ۽ منهنجا درسگاهه)“، ٢. جِي الانا جي انگريزي ڪتاب Our Freedom fighters جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ’اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ‘، ٣. ڊاڪٽر جميل جالبي جي ڪتاب ’پاڪستاني ڪلچر‘ جو ترجمو. ’سنڌي غزل جي اوسر‘، جي عنوان سان علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۾، پي ايچ ڊي لاءِ مقالو پڻ لکيائين.

هن ڪتاب اندر، ”شاهه جا ٻهاڪا“ عنوان سان شامل ڪيل مضمون، سندس ئي لکيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب ”مون مطالع سپرين: شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو اڀياس“، جيڪو شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، اپريل ١٩٩٥ع طرفان شايع ٿيو هيو ۽ منجهس ص ٥٩ کان ص ٦٦ تائين موجود آهي تان، ٿورن سان کنيو ويو آهي. ياد رهي ته ساڳيو مضمون، ”شاهه جو ڪلام ٻهاڪن طور“ جي عنوان سان ”لطيفي لاٽ ـ مرتب: ممتاز

Gul Hayat Institute

مرزا“، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٩٢ع (ص ١٨ کان ص ٢٥) ۾ ڇپجي شايع ٿيل آهي.

### ٣) شاهہ جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون:

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر (١٠ مئي ١٩٤٠ع - ١٥ مارچ ٢٠٠٣ع) ولد در محمد سوڍر، اڳوڻي لاڙڪاڻي ضلعي ۽ هاڻوڪي قمبر-شهدادڪوٽ ضلعي جي تعلقي وارهہ اندر ڳوٺ فيض محمد سوڍر ۾ ڄائو. ڪهاڻين ۽ ڊرامن لکڻ کان علاوه، لطيفيات جي موضوع تي ”سنڌي ثقافت ۽ شاهہ عبداللطيف“ (١٩٨٨ع) جي عنوان سان مقالو لکي، پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪيائين.

لطيفيات تي ڇپيل ڪتاب ”شاهہ عبداللطيف پتائي“ (١٩٩٠ع)، ”سنڌي ثقافت ۽ شاهہ عبداللطيف“ (١٩٩١ع) ۽ ”اوجاڳي اجاريا“ (٢٠٠٠ع) اٿس.

هن ڪتاب اندر مٿي ڄاڻايل مضمون، پي ايچ ڊيءَ لاءِ لکيل سندس مقالي ”سنڌي ثقافت ۽ شاهہ عبداللطيف“، پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، پٽ شاهہ، ڇاپو پهريون، سال ١٩٩١ع، (ص ٤٢٦ کان ص ٤٣٠ تائين) تان، ٿورن سان کنيو ويو آهي. اهو مضمون عاجز رحمت الله لاشاريءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”شاهہ جي شاعريءَ ۾ سُگهڙائپ جو رنگ“: حسن درس اڪيڊمي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون سال ٢٠١٦ع ۾ ڇپجي شامل آهي، جيڪو سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ويب سائيٽ تي رکيل آهي.

### ٤) روزمره جي سنڌي زندگيءَ ۾ شاهہ جا قول:

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي (١٣ جنوري ١٩٣٦ع - ٢٨ جنوري ٢٠٠٨ع) پٽ واڌومل جوتواڻي، روهڙي شهر، تعلقي ۽ ضلعي سکر ۾ ڄائو. ادبي سفر ڪهاڻين لکڻ سان شروع ڪيائين. هو هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار ۽ محقق هو. ”شاهہ لطيف: هز لائيف اينڊ ورڪس“ جي عنوان سان پي ايچ ڊي جو مقالو لکي، ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪيائين. سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ منجهہ، سانيڪو ڪن ڪتاب لکيل اٿس. سندس ديهانت هندستان جي شهر پٽني ۾ ٿيو.

Gul Hayat Institute

متي ڄاڻايل عنوان وارو سندس لکيل مضمون، ”ڪلاچي“ تحقيقي جرنل: شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر ٢٠٠٤ع، صفحو ٦٩ کان ص ٧٨ تائين، تان ٿورن سان ڪنيل آهي. اهو ئي مضمون رکيل مورائي صاحب، پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ”شاهہ لطيف: هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس“ ۾، صفحي ١٧٤ تي ڏنو آهي، جيڪو ثقافت کاتي سنڌ، نومبر ٢٠١٥ع ڌاري ڇپايو آهي.

**٥) آيتون آهين (الف-بي وار چونڊ پهاڪا ۽ چوڻيون)**:

ڪريم بخش خالد (١٥ ڊسمبر ١٩٢٨ع - ١٧ مارچ ٢٠٠٣ع) ولد محمد عثمان ميمڻ، شڪارپور ضلعي جي شهر ڳڙهي ياسين ۾ ڄائو. سن ١٩٤٥ع ۾ سنڌي فائنل، سن ١٩٤٥ع ۾ بمبئي مان انٽرميڊيٽ ڊرائنگ، سن ١٩٥٢ع ۾ ڪراچي مان بي اي ۽ سن ١٩٥٧ع ۾ پنجاب مان صحافت ۾ ڊپلومہ جي ڊگري حاصل ڪيائين. سن ١٩٦٩ع ڌاري، ”سرڪاري ڪمن جي تشهير“ ۾ لنڊن مان ڊپلومہ جي سند حاصل ڪيائين. سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪندي، ڊائريڪٽر جنرل اطلاعات جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. پنهنجي حياتيءَ ۾ نوي ڪن ڪتاب تاليف يا ترتيب ڏنائين، جن منجهان اٺ ڪتاب، سنڌي توڙي اردوءَ ۾، لطيفيات تي مبني آهن.

هن ڪتاب اندر سندس متي ڄاڻايل عنوان سان سندس مضمون، سندس ترتيب ڏنل ڪتاب ”شاهہ جو رسالو - سنڌ جي تاريخ جو ماخذ“، جيڪو شعبہ اشتهارات، مطبوعات ۽ پريس، سنڌ اطلاعات کاتو، بلاڪ ٩٦، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي، طرفان حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٢٢٦ عرس جي موقعي تي شايع ڪيو ويو، تان ٿورن سان ڪنيو ويو آهي.

**٦) شاهہ ۽ پهاڪا**:

سيد انور علي شاهہ عرف سيد اظهر گيلاني (١١ آڪٽوبر ١٩١٥ع - ٢٢ جولاءِ ٢٠٠٥ع) ولد اصغر علي شاهہ، پنهنجي ناناڻي ڳوٺ لالو رائنڪ، تعلقو وارهہ، ضلعو لاڙڪاڻو (موجوده قمبر-شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. ناميارو شاعر

Gul Hayat Institute

هيو، جنهن ۾ سؤ کن ڪتاب، ترتيب و تاليف ڪرڻ سان گڏ ”قصرالادب“ نالي سان ادارو پڻ قائم ڪيو.

لوڪ ادب جي ميدان ۾ ”پهاڪو ڇا کي چئجي؟“ مضمون کان علاوه، لطيفيات سان منسلڪ ”شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا“ ڪتاب تاليف ٿيل اٿس. هن پنهنجي ڪتاب جي اندر شاهه صاحب جي ۳۴ سُرن منجهان اهي بيت چونڊي رکيا آهن، جيڪي پهاڪي وارا آهن يا منجهن پهاڪي واري مصرع آهي يا محاورو آندل آهي. هر هڪ بند جي حاشيي ۾ پهاڪي جي نشاندهيءَ لاءِ ’پ‘ ۽ محاوري لاءِ ’م‘ اشاري طور ڏنل آهن. ڏکين لفظن جون معنائون فوٽ نوٽ ۾ ڏنل آهن. جڏهن ته ”عاجزانه الفاظ“ نالي سان لکيل مقدمي ۾ شاهه جي شعر اندر آيل صنعتن تي سير حاصل بحث آندو اٿائين، جيڪو پڻ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ ۾ اضافو ڪري ڇڏي ٿو. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، سنڌ، سال ۲۰۰۴ع ڇپايو آهي جيڪو ۱۴۴ صفحن تي پکڙيل آهي. سندس ان ڪتاب ۾ موجود مهاڳ، مختلف حصن ۾ تقسيم ڪيل آهي، منجهانئن اهو حصو، جيڪو پهاڪن ۽ چوڻين سان منسلڪ آهي، سو هن ڪتاب اندر، پڙهندڙن جي ڄاڻ واسطي، مٿي ڄاڻايل عنوان سان شامل ڪيو ويو آهي.

**۷) شاهه لطيف جي ڪلام ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا:**

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي (جم: ۴ ڊسمبر ۱۹۴۰ع) پٽ سويراج لڇاڻي، پير جو ڳوٺ، خيرپور ۾ ڄائو. سندس پهريون ڪتاب، ڪهاڻين جو مجموعو هيو، جيڪو ۱۹۵۷ع ڌاري ”خاموش زندگي“ نالي سان شايع ٿيو. هن وقت تائين، مختلف موضوعن جهڙوڪ: ڪهاڻيون، تنقيد، لوڪ ڪهاڻيون، ٻاراڻا ناول ۽ ڪهاڻيون، سنڌي ادب، سائنس فڪشن، شخصيات، سفرناما وغيره تي، لڳ ڀڳ ۵۰ ڪتاب لکي، ڇپائي چڪو آهي. جن مان ٽي ڪتاب: ”شاهه ۽ صوفي مت“ (۱۹۸۵ع)، ”آڇيندي لڄ مران“ (۲۰۱۵ع) ۽ ”تون ڏاتار، آءٌ ڏُڃُ“ (۲۰۱۷ع) لطيفيات تي مبني آهن. ”آڇيندي لڄ مران“ ڪتاب تي ڪيس سنڌي ساهتيه اڪيڊمي طرفان سال ۲۰۱۷ع ۾ ايوارڊ به مليو آهي ۽ اهو ڪتاب سنڌ ثقافت کاتي ٻيهر سال ۲۰۱۷ع ۾ پڻ ڇپايو آهي.

Gul Hayat Institute

هن ڪتاب اندر مٿئين عنوان سان شامل مضمون، ”تون ڏاتار، آءٌ ڏڏُ“: ويڙها پبليڪيشن الهاس نگر، ڇاپو پهريون، سال ٢٠١٦ع، ص ١١٤-١٢١ تان، ٿورن سان ڪنيو ويو آهي. اهو ڪتاب، لطيفيات تي پي ايچ ڊي ڪندڙ ڊاڪٽر احسان دانش جي ذاتي لائبرريءَ ۾ موجود آهي.

### ٨) شاهه ڀٽائي جا بيت ـ پهاڪا:

حافظ محمد (١٢ اپريل ١٩٠٠ع - ١٨ جون ١٩٨٦ع) ولد جمع خان چنهٔ صاحب، دادو ضلعي جي ڳوٺ ملڪاڻي شريف ۾ ڄائو. قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ سان گڏ، علامه غلام محمد صاحب ملڪاڻين واري وٽان عربي فارسي به سکيائين. شعر و شاعريءَ ۾ ”احسن“ تخلص سان گڏ، ١٩٢١ع کان شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ۽ حڪيم ماستر جمع خان ”غريب“ جي اصلاح سان شعر جي شروعات پڻ ڪيائين. ڳوٺ ۾ مدرسو اسڪول قائم ڪري علم جي خدمت ڪيائين. ٻه ڊزن کن ڪتاب جهڙوڪ: ”ديوان احسن“، ”گلزار شعر“، ”احسن اخلاق“، ”رباعيات احسن“، ”مظاهر مصطفوي“ ”گلدستهٔ احسن“، ”لطيفي لات“، ”احسن الاشعار“، ”ترغيب العلم“، ”سچن تي ستم“، ”سوانح مخدوم بلال رح“، ”شاهه جو پيغام“، ”قصص الانبياءُ“، ”سنڌي گرامر“، ”سراپاءِ رسول“ ۽ ”اصلاح المسلمين“ لکيل اٿس. آخر ڏاري دادو شهر ۾ پرنٽنگ پريس کولي هئائين، جتان هفتيوار ”آواز سنڌ“ اخبار باقاعدگيءَ سان ڪيندو هيو.

هن ڪتاب اندر مٿئين عنوان سان سندن مضمون شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو ماهوار ”نئين زندگي“، ڪراچي، (خاص پرچو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ۽ حضرت صوفي شاهه عنايت شهيدؒ)، جنوري ١٩٨٠ع، ص ٣٤ کان ص ٣٦ تان، ٿورن سان ڪنيو ويو آهي.

### ٩) شاهه لطيف جي شاعري ۾ چوڻيون:

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو (١٥ فيبروري ١٩٣٣ع - ١٠ آڪٽوبر ٢٠٠٥ع) ولد نبي بخش، ساهتي پرڳڻي جي ڳوٺ ڏيتا، لڳ نارو شاهه، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. نامور تعليمدان ۽ محقق، ڪهاڻيڪار ۽ اديب هيو.

Gul Hayat Institute

لکڻ جي شروعات ۱۹۵۵ع ڌاري، پهرئين ليک ”سيد الشهداءِ“ سان، ڪيائين. ڪهاڻين جي ٻن مجموعن ”.... ۽ ڏوڙيا پئجي ويا“ ۽ ”سهڻا توهہ“ ڪان علاوه سؤ جي لڳ ڀڳ ڪالم ۽ مضمون تصنيف ڪري مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڊائجسٽن ۾ ڇپايائين، جن ۾ لوڪ ادب سان لاڳاپيل مضمون؛ ۱. ”شاهہ لطيف جي شاعري ۾ چوٽيون“. ۲. ”سُر مارُئي ۾ ڪم آيل اصطلاح“. ۳. ”ٽهاڪا ۽ ڊونگل“ پڻ شامل آهن.

”سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح“ جي عنوان تي پي ايچ ڊي جي مقالي ڪان علاوه ”سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت“ ۽ ”سنڌي ٻولي ۾ انگن جو ادبي ڪارج“ ڪتاب پڻ ڇپيل اٿس. جڏهن تہ اڻ ڇپيل ڪتابن منجهہ سر فهرست ”ساهتي لغت“ اٿس، جيڪو ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهي.

هن ڪتاب اندر شامل ڪيل مٿي ڄاڻايل عنوان وارو سندس مضمون، ماهوار ”نئين زندگي“ حيدرآباد جولاءِ آگسٽ ۱۹۹۳ع، ص ۲ ڪان ص ۱۵ تان، ٿورن سان ڪنيو ويو آهي.

**۱۰) سر ڪلياڻ ۾ آيل چوٽيون، محاورا ۽ اصطلاح:**

پروفيسر مير محمد پيو (۱۵ آگسٽ ۱۹۲۱ع - ۲۵ ڊسمبر ۱۹۹۲ع) ولد شير محمد پيو، ڳوٺ عبدو نزد ڇَڪ، تعلقو لکي، ضلعي سکر (هاڻي شڪارپور) ۾ ڄائو. پرائمري اسڪول عبدوءَ ڪان، پرائمري استاد جي حيثيت سان عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. محنت ڪندي پروفيسر جو عهدو ماڻيائين ۽ نوڪريءَ دوران وجي حيدرآباد جا وڻ وسايائين. اتي ئي رٽائر ڪيائين، اتي ئي وفات ۽ مدفن ٿيو. لطيفيات جو محقق ۽ نثر نويس هيو. (سائينءَ بابت معلومات، سندن فرزند رٽائرڊ پروفيسر نذير احمد پيو ڪان فون ذريعي موصول ٿي.)

لطيفيات تي، لاڳيتو ۽ مسلسل، بنا ساهيءَ جي مقالا لکيائين، جيڪي شاهہ صاحب جي ساليانی عرس تي پيش ڪندو هيو ۽ اهي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ طرفان شايع ٿيندڙ مڪالمن ۾ شايع ٿيندا هيا. لطيفيات تي لکيل سندس مقالا ڪجهہ هن ريت آهن: ۱. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار، ۲. سر ڪلياڻ ۾ آيل چوٽيون،

Gul Hayat Institute

محاورا ۽ اصطلاح، ٣. سر جمن جو موضوع، ۴. سر ڪنيات جو روحاني راز، ۵. سر سريراڳ جو روحاني راز، ٦. سر سهڻي جو روحاني راز، ٧. سر سسئي آبري جو روحاني راز، ٨. سر معذور ۾ روحاني راز، ٩. شاهه: سنڌي زبان جو محسن، ١٠. شاهه ۽ عشق رسول ﷺ، ١١. سر گهاتو جو روحاني راز، ١٢. سر رامڪلي جو مجموعي مطالعو، ١٣. شاهه جو جوڳي، ١۴. سر سارنگ جو روحاني راز. لطيفيات کان علاوه مختلف موضوعن تي لکيل مقالا ”نئين زندگي“ رسالي ۾ ڇپيل اٿس. جهڙوڪ: ١. شاهه عنايت شهيد (ڊسمبر ١٩٨١ع)، ٢. سنڌڙيءَ جو شهباز (مئي ١٩٨٣ع)، ٣. واديءِ مهراڻ جو شهباز قلندر (مئي ١٩٨۴ع)، ۴. قائد اعظم ۽ پاڪستان (سيپٽمبر ١٩٨۵ع)، ۵. مارچ جي اهميت (مارچ ١٩٨٦ع).

هن ڪتاب اندر شامل سندس مقالو، ”مڪالمو نمبر-۴، سر ڪلياڻ جو مطالعو“، حضرت شاهه عبداللطيفؒ جي ٻه سؤ سترهين عرس (١٩٦٩ع) جي موقعي تي منعقد ڪيل مڪالمي جي ڪاروائي، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاهه، ڇاپو پهريون، اپريل ١٩٧٠ع، سائيز ڊيمي، صفحو ٧٧ کان صفحو ٨٣ تان، ٽورن سان ڪنيو ويو آهي.

**١١) شاهه جون ڇوٽيون (سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسينيءَ جي حوالي سان):**

نياز حسن همايوني (١ اپريل ١٩٣٠ع - ٣ جنوري ٢٠٠٣ع) ولد قائم الدين، ڳوٺ همايون، تعلقو ۽ ضلعو شڪارپور ۾ ڄائو. سندس ڇپيل ادبي ۽ تحقيقي ڪتابن جي وچور هن ريت آهي: ”هفت زبان لغت“ (١٩٧۵ع)، ”فرهنگ جعفري“ (٣ جلد، ١٩٦٠ع)، ”ملوڪ الڪلام“ (خواجه محمد زمان لواريءَ واري جي بيتن جو منظوم فارسي ترجمو، ١٩٧٧ع)، ”تاريخ مظهر شاهجهاني“ (فارسي دستخط جو سنڌي ترجمو، ١٩٧٩ع)، ”تاريخ طاهري“ (فارسي کان سنڌي ترجمو، ١٩٨٨ع)، ”مقصود العارفين“ (فارسي کان سنڌي ترجمو، ١٩٨٩ع)، ”راهه عشق خميني“ (فارسي کان سنڌي منظوم ترجمو،

Gul Hayat Institute

۱۹۹۳ع)، ”تاريخ تازه نواءِ معارڪ“ (ترجمو، ۱۹۹۵ع)، ”فرھنگ ھمايوني“ (مولانا عبدالغفور ھمايوني جي لکيل طبي لغت جي ترتيب، ۱۹۹٦ع)، رسالا اويسيہ (شاھ لطيفؒ جو مخدوم معينؒ ڏانھن خط ۽ ان جو جواب، فارسي کان سنڌي ترجمو، ۱۹۹٦ع)، ديوان مفتون (مولانا عبدلغفور مفتون ھمايوني جو ڪلام- ترتيب، ۱۹۷۳ع)، سندھي نامہ (۱۹۷۸ع)، ”انتخاب سنڌي شاعري“ (سنڌ جي اساسي شاعرن جو چونڊ ڪلام اردو ترجمو، ۱۹۸۷ع)، ”آھوانِ صحرا“ (قاضي قادن جي ڪلام جو اردو ترجمو، ۱۹۸۸ع)، ”ساٽيھ جي ساک“ (دودي چنيسر جو منظوم داستان، ۱۹۷۷ع)، ”ڌرتيءَ جا گيت“ (شعري مجموعو، ۱۹۷۷ع)، ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالھہ“ (صوفي دريا خان جو ڪلام، ترتيب، ۱۹۸۹ع)، ”ارمغان لطيف“ (شاھ جي رسالي جو منظوم فارسي ترجمو، پندرھن (۱۵) سر-ڇپيل. (جن مان ٽي (۳) سُرَ: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ ڪنيات، ٽہ-ماھي مھراڻ ۴/۱۹۷۲ کان ۱/۱۹۷۳-۲ع ۾ ڇپيل آھن).

سندس اڻ ڇپيل ڪتابن جي وچور آھي: ۱. اذان العارفين، ۲. سنڌي رانديون، ۳. سنڌ جي طبي تاريخ (جلد ٽيون)، ۴. اَک پچي ٿيا اَنار، ۵. جتي منھنجا ماروئڙا، ٦. دوزخ ۾ رھڻ جي ريھرسل، ۷. ڏکيا سکيا ڏينھن، ۸. شاھ جو گنج، ۹. گلبانگ لطيف، ۱۰. اوناٽيون اويس جون، ۱۱. اڌ صديءَ جو اکين ڏٺو احوال، ۱۲. سمندر ڪي سانس.

ڪالمن، مضمونن ۽ مقالن جو تعداد تنھن کان سواءِ آھي.

مٿي ڏنل سندس مضمون، ماھنامہ الرحيم، شاھ ولي الله اڪيڊمي، صدر، حيدرآباد، جنوري-فيبروري ۱۹۷۹ع، ص ۱۸، کان ص ۲۳ تان، ٿورن سان ڪنيو ويو آھي.

Gul Hayat Institute

**۱۲) سر ديسيءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو:**

مانجھي محمد علي جماري عرف ڊاڪٽر محمد علي مانجھي (ڄم: ۳ فيبروري ۱۹٦۸ع) ولد سُھند جماري، ڳوٺ دبيار، تعلقي ۽ ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. ”شھيد شاھ عنايت ۽ سندس سلسلي جا شاعر“ جي عنوان تي پي ايڇ ڊي لاءِ مقالو لکي ڊاڪٽريٽ جي سند ورتائين. شاعريءَ ۾ ھائيڪو جي صنف

تي دسترس اٿس. ”مڪلي ۽ مانجهي“ ڪتاب ان ڳالھ جو شاهد آهي. ان کان علاوه شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب، ”جهڙي سچ ڪڪور“ پڻ شايع ٿيل اٿس.

ثقافت کاتي سنڌ طرفان، سندس ترتيب ڏنل ڪافي ڪتاب، جهڙوڪ: ١. سر آسا (٢٠٠٩ع)، ٢. ننگر ننٿو (هڪ مطالعو) (٢٠١٠ع)، ٣. سر پرڀاتي (٢٠١٠ع)، ۴. سر پورب (٢٠١١ع)، ۵. جهڙي سونهن سنڌياس (٢٠١٢ع)، ٦. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر ”شاھ عبداللطيف ڀٽائي ـ مقالا ۽ مضمون“ (٢٠١٢ع)، ٧. مون ۾ تون موجود (٢٠١٢ع)، ٨. سدا سرها گل (شاھ شهيد جي سلسلي جا روهڙيءَ جا شاعر) شايع ٿيل آهن. مانجهيءَ کي جس هجي جو تدريسي ۽ انتظامي امورن، جهڙوڪ: ڪاليج جي پرنسپالي يا ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽري سنڀالڻ سان گڏ، مختلف ڪتابن سهيڙڻ ۽ لکڻ جو ڪم ڪندو رهي ٿو.

هن ڪتاب اندر، مٿي ڄاڻايل سندس مقالو، ”ديسي سيڻ ڪجن: سر ديسي جو مطالعو“ مرتب: تاج جويو، ڇپائيندڙ: ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھ/حيدرآباد، ڇاپو پهريون ٢٠٠۵ع، صفحو ٢٢٠ کان صفحو ٢٢٨ تائين، تان ٽورن سان ڪنيو ويو آهي.

**١٣) سُر ديسيءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال:**

سيد رشدالله شاھ بخاري عرف ڊاڪٽر مخمور بخاري (ڄم: ٣٠ مارچ ١٩٧٩ع) ولد پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز بخاري، ضلع مٽياري جي شهر هالا ۾ ڄائو. ”سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر“ جي عنوان تي پي ايچ ڊي مقالو لکي، ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان سال ٢٠٠٨ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪيائين. پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي چونڊجي، سروري اسلاميھ ڪاليج هالا ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. هينئر سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور مقرر آهي.

لکڻ جي شروعات ٻاراڻين ڪهاڻين کان ڪيائين. هن وقت تائين ڪيترا ئي مضمون، مقالا، ڪالم، تاثر، تبصرا، ڊراما ۽ ڪهاڻيون لکي چڪو آهي، جن جو تعداد سؤ کان مٿي آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ اٺ ڪتاب سچل سرمست بابت آهن. جڏهن تہ ”قلندر ۽ قلندري فڪر“ ۽ ”هالا جي ادبي تنظيمن جو تنقيدي جائزو“ پڻ لکيل اٿس.



Gul Hayat Institute

هن ڪتاب اندر متي ڄاڻايل سندس مقالو، ديسي سيڻ ڪجن (سر ديسيءَ جو مطالعو)، مرتب: تاج جويو، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، سال ٢٠٠٣ع، ص٢٦٤ ڪان ٢٩٠ تان، ٽورن سان ڪنيو ويو آھي.

**١٤) سر حسينيءَ ۽ سر مارئيءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو:**

ڊاڪٽر محمد علي مانجھيءَ جا ٻہ مقالا، جھڙوڪ: ١. سر حسينيءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو ۽ ٢. سر مارئيءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو، مختلف ڪتابن اندر آيل آھن. پھريون مقالو، "حسينيءَ جي ھاڪ (سر حسينيءَ جو مطالعو)" (شاھ جي ٢٦٠هين عرس جي موقعي تي پڙھيل مقالا)، مرتب: تاج جويو، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ/حيدرآباد، ڇاپو پھريون مارچ ٢٠٠٥ع، سائيز ڊيمي، صفحو ٧١ ڪان صفحو ٨٢ تان، ۽ ٻيو مقالو، "شاھ لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج"، مرتب: خالد آزاد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ڇاپو پھريون ٢٠٠٧ع، سائيز ڊيمي، صفحو ٦٣ ڪان صفحو ٧٧ تائين، تان ٽورن سان ڪنيا ويا آھن.

هن ڪتاب اندر انھن ٻنھي کي ھڪ مقالو ڪري رکڻ جو سبب اھو ھيو جو ٻنھي جو مھاڳ، جيڪو ستن صفحن تي آڌاريل آھي، ساڳيو آھي ۽ ببلوگرافيءَ وارو اُنون صفحو پڻ ساڳيو آھي. مختلف ڪتابن اندر تہ ھر ھڪ، پنھنجي پنھنجي مھاڳ سان صحيح ھيو پر ھڪ ڪتاب ۾ ورجاءُ تي پوي ھا ۽ پڙھندڙ کي مزو نہ ڏئي ھا. ان ورجاءَ کي ختم ڪرڻ واسطي، ٻئي مقالا ھڪ ئي عنوان ھيٺ، ٻن ذيلي عنوانن سان، رکيا ويا آھن.

ان ڪان علاوھ، 'جي تو بيت ٻانيان' (شاھ لطيف جي شعرن جو انتخاب ١٩٩٩ع) ڪتاب جي سھيڙيندڙ، نور الدين سرڪي، (٥ مارچ ١٩٢٧ع - ٢٦ سيپٽمبر ٢٠٠٧ع) ولد ڪمال الدين جو ڪتاب "پھاڪا - ڪلام جا ڏيئا" (پھاڪا ۽ شاھ جي رسالي مان چونڊيل سونَ ورنيون سٽون، ٢٠٠٦ع)، جيڪو نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي طرفان ڇپرايل آھي، تنھن ٦٨٠ 'سون ورنيون سٽون'، الف-بي وار ترتيب سان ڏنيون آھن. اھو ھڪ ڪتاب آھي،

Gul Hayat Institute

جيڪو نيٺ تي پڻ رکيل آهي. سٽن تي نه ڳاڻيٽي جا انگ، نه سُرَن/داستانن جي نشاندهي ٿيل آهي. معنىٰ ۽ تشريح پڻ ڏنل نه اٿن.

هن ڪتاب اندر آندل مختلف مضمونن جي سهيڙڻ ۾، المنعم لائبرري لاڙڪاڻو کان علاوه مختلف دوستن تعاون ڪيو، تن جا ڳڻ پڻ ڳڻڻ جهڙا آهن. منجهن خاص تعاون رياضت برڙو صاحب جو رهيو، جنهن پنهنجي ذاتي لائبرري مان گهرڻ تي ڪتاب ۽ رسالا مهيا ڪيا. گهڻو تعاون سائين ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو السندي صاحب جن جو، جنهن قاسميه لائبرريءَ جا دروازا کولي ڇڏيا، پنهنجي گوناگون مصروفيتن مان سارو ڏينهن ڪڏي اسان سان وينو رهيو ۽ مختلف مضمونن جا فوٽواسٽيٽ پڻ ڪرائي ڏنائين. ڊاڪٽر احسان دانش جا پڻ ٿورا، جنهن پنهنجي لائبرريءَ جو هڪ هڪ ڪتاب لاهي، اڳيان رکيو ۽ گهربل ڪتاب حوالي پڻ ڪري ڇڏيا. ڊاڪٽر بدر ڌامراهہ صاحب پڻ پورو هڪ ڏينهن پنهنجي لائبرري، پاڻ سميت، اسان جي حوالي ڪئي ۽ رسالا فوٽو ڪاپيءَ لاءِ ڏئي ڇڏيا. چنيهاڻين جي محمد عثمان عباسي صاحب جا به لک لائق جو گهربل مواد ڏيڻ ۾ اصل ڪيبايائين ئي نه. وڌو ٿورو عاشق منگي صاحب جن جو جنهن پنهنجي لائبرريءَ جا ڪتاب، پري ٻڌي ڏئي ڇڏيا ۽ نوٽ به نه ڪيا ته ڪهڙا ڏنائين. ڦڙي ڦڙيءَ تلاءُ، وانگر هيءُ ڪتاب سهيڙجي، جڙي پيو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان عقيدت جي طور، لطيفيات جي پارکوئن آڏو پيش ڪجي ٿو.

**مددي ڪتاب ۽ رسالا:**

١. سنڌي گرامر، پهاڪن، اصطلاحن ۽ محاورن جو تاريخي اڀياس-٣ (سنڌي پهاڪن، اصطلاحن ۽ محاورن جو تاريخي اڀياس)؛ ناسف علي شيراز، ٽه-ماهي مهراڻ، شمارو نمبر ١-٢٠١٥ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
٢. شاهہ جو شعر؛ ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدواڻي، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر ١٩٧٣ع. سنڌ ۾، ١٩٩٦ع ڌاري ’ڇپر ڇاتون مڪيون‘ نالي سان پڻ ڇپيو.
٣. شاهہ جي شاعريءَ ۾ سُگهڙائپ جو رنگ؛ مرتب: عاجز رحمت الله لاشاري، حسن درس اڪيڊمي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون سال ٢٠١٦ع.

Gul Hayat Institute

۴. پلئه پايو سچ (تحقيق ۽ تنقيد)؛ ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ، سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، ڊسمبر ٢٠١٦ع.

۵. عظيم سنڌي انسان؛ ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ماڊرن بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو، ڇاپو پهريون، ١٩٨٠ع.

٦. جي مون سانديا ساهه ۾ (مضمون ۽ خاڪا)؛ علي نواز آريسر، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون، ٢٠١۴ع.

٧. تذڪره مشاهير هالا سنڌ؛ سهيڙيندڙ، خادم حسين علوي، طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا، ٢٠١۵ع.

٨. مون ۾ تون موجود؛ سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠١٢ع.

٩. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.

١٠. ماهوار السنڌ اسلام آباد، شمارو ٩٧، سال تيرهون، جولاءِ-آگسٽ ٢٠٠٣ع.



**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

٨٩ پروفيسرس ڪالوني-٢

قنبر روڊ- لاڙڪاڻو


Gul Hayat Institute

مرزا قليچ بيگ

# لطيفي لات

[شاهہ جي رسالي مان چونڊيل مصراعون، جي پهاڪن
يا چوڻين وانگي سنڌي ۾ ڪم اينديون آهن.]

جڏهن ڪڏهن ڪنهن ملڪ يا قوم ۾ ڪو مشهور شاعر يا عالم ٿي گذرندو آهي تڏهن انهيءَ جي ڪلام، جو نہ رڳو اُنهي ملڪ يا قوم تي اثر ٿو ٿئي، پر اُنهي جي ٻوليءَ تي بہ ٿو ٿئي ۽ انهيءَ جا بيشمار شعر يا گفتا ٻوليءَ ۾ گڏجي هڪ ٿي وڃن ٿا ۽ گفتگو ۾ توڙي لکپڙهہ ۾ اُهي پهاڪن يا مثالن وانگي ڪم ايندا آهن. جهڙيءَ طرح ڪ انگريزيءَ ۾ شيڪسپيئر قديم ۽ مکيہ شاعر آهي. اسان جي سنڌ ملڪ لاءِ اهڙو هڪڙو ئي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي. انهيءَ جو ڪلام نہ رڳو ساري سنڌ ۾ ڏاڍي سوز سان پڙهبو ۽ ڳائبو آهي، پر انهيءَ جا چڱا چڱا بيت يا بيتن جا ڀاڱا مثالن ۽ پهاڪن وانگي ڪم ايندا آهن. چڱا بيت تہ بيشمار آهن. انهن جي انتخاب لاءِ ڌار ڪتاب گهرجي، مگر جي مصراعون اڪثر پهاڪن يا چوڻين وانگي ڪم ۾ اچن ٿيون سي سُر وار گڏ ڪري مون هتي ڏنيون آهن. اُهي قريب ٽي سؤ آهن. اِهي نہ رڳو ضرب المثل آهن، پر انهن ۾ بعضي اهڙا عميق نُڪتا ۽ عجيب اشارا آندل آهن، يا نصيحتون ڏنل آهن، يا سَچ سمجهايل آهن، جي سونن اکرن ۾ لکڻ جي لائق آهن. اميد آهي تہ سنڌ جي ماڻهن کي هن ننڍڙي ڪتاب جي پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ مان گهڻي خوشي حاصل ٿيندي. هن ڪتاب جو نالو "لطيف لات" رکيو ويو آهي، جو شاهہ صاحب پاڻ ڪارايل جي سر ۾ چيو آهي تہ:-

"لئج لطيفي لات، تہ ويجهو ٿين وصال کي."

**قليچ بيگ**

حيدرآباد، جُون ١٩١٢ع

**سُر ڪلياڻ:**

سُوري جني سيج، مرڻ تن مشاھدو[1].
ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن سين.
ڪاتي ڪونھي ڏوھ، ڳن وڍيندڙ ھٿ ۾.
عاشقن اندوھ[2]، سدا معشوقن جو.
عاشق زھر پياڪ، وِھ[3] پسيو وِھسن[4] گھڻو.
تو جني جي تات[5]، تن پڻ آھي تنھنجي.
پريان سندي پار جي، مڙئي منائي.
جيڏانھن ڪريان پرک[6]، تيڏانھن سڄڻ سامھون.
جيڪي فراقان، سو وصالان نہ ٿئي.

**سُر يمن ڪليان:**

سڄڻُ جي سارين، سي نڪي رُون، نہ چون ڪي.
پرت جن پُوري، تن رويو وھامي راتڙي.
ويڄنيؤن[7] ويئي، تي وَھِيٽي[8] سڄڻين.
چور[9] تہ لڳئي چاھ، ڪَم ڪمندن[10] ڪتيو.
ڪاٽا[11] تني ڪتيو، اُجھاڻن اونداھ.
ويھ تني جي وَوڙ[12]، جني سانگ[13] نہ ساھ جو.
جني ساڻس وير، ٿئي تني جو واھرو[14].
ڏني ڏکويا اڻ ڏني راضي رھيا.
پاٽان ڏوھَ چڙھن، جيئن ورق وارِين وِترا[15].
جي ورق وارين وِيھ، تہ اڪر اھو ئي ھيڪڙو.

Gul Hayat Institute

(1) خدا جو لقاءُ يا ديدار. (2) غم، درد. (3) زھر. (4) خوش ٿين. (5) ڳُڻتي، طلب. (6) نظر، خيال. (7) ويڄن يا طبيبن ڪان. (8) بلي، ڪانياري. (9) ڪوشش ڪر، محنت ڪر. (10) ڪميا وارن، تحمل ۽ صبر وارن. (11) شوق وارا، درد وارا. (12) پاسي، ڳولا، طلب. (13) سانگو. (14) مددگار. (15) گھڻا.

دم نہ سڄاڻن، ڏانهُون ڪن مُنن جيئن.
منجهان صبر سِڪ، جي سنواريا سمجهين.
ڪمُ ڪمندن ڪٿيو، هارايو هُوَندَن[1]،
چڪيو نہ چُوندِن، هو جو ساءُ صبر جو.

اَڻ چوندَن مَ چئو، چوندن چيو وسار،
مُفتي[2] منجهہ وِهار، تہ قاضيءَ[3] ڪانيارو نہ ٿِين.

ڪيئن مائيندا مَن ۾، خودي ۽ خداءُ.

**سراڳ**:

ڪايو[4] ڪمايوم، موتيمُون نہ وٽجيا[5].
ڪوڙ ڪماء مَ ڪَچ، اُتي اورِ[6] الله سين.
عدل ڇتان آءُ نہ، ڪر ڪو ڦيرو فضل جو.
هڪڙي ٻانهي من ۾، ٻي صاحب سنواري.
هڪڙي ٻانهي من ۾، ٻي جا ڪري الله.
چڱا ڪن چڱائيون، منايون مَنن،
جو وڙ[7] جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.
جي نہ سڃاڻن سچ ڪي، ويهُ مَ تني وٽ.
قدر وارا ڪم ٿيا، ڪُتا خريدار.
اگهيو ڪائو ڪَچ، ماڻڪن موت ٿي.
سُونهن[8] جي صلاح، وٽ تہ وِيرَ[9] لنگهي وڃين.
دنيا سپ درياهہ، ڪو ڪو تارُو تنهن ۾.
لعلون سي لهن، جني سودو سچ سين.

Gul Hayat Institute

---

(1) هستيءَ يا وڏائي ۽ هَٺ وارن. (2) فتوا ڏيڻ وارو يا اندر جو قاضي. (3) ظاهر جو دنيائي جج يا مئجسٽريٽ. (4) ڪَچ، ڪُوڙ، شيشو. (5) سوديا، انهن ۾ واپار ڪيو. (6) ڳول. (7) لائق، هلت، احسان. (8) رستي ڏيکارڻ وارا، هادي مرشد. (9) سمنڊ، درياهہ. (10) سيوا ڪن، وهنوار ڪن، شوق رکن. (11) ضروري، لاچاري سبب يا قسمت.

سمنڊ جي سيوِين[10]، تِني ماڻڪ ميڙيا.

**سُر ساموندي**:

ڪنهن سَناٽي سانگ[11]، پرين پرڏيهي ڪيا.
اڳڻ جن اچڻ، عيد ورتي[1] اُن ڪي.
ڪا مُهين ۾ گهٽ، نہ تہ سڄڻ سڀاجها گهڻو.
وڻجهارن وائي، آهي پريئن پارِ جِي.

**سُر سهڻي**:

ساهڙُ سندو تن، گهاگهائي[2] گهڙن جي.
سي تُرت لنگهينديون تارِ، آڳهہ[3] اُڪنڊَ[4] جن سين.
ترهو[5] متي تن، عشق جني آڪرو[6].
جن عشق سين آگاهہ[7]، تُرهو آچ مَ تن ڪي.
عقل مَت شرم، ٿيئي نينهن نهوڙيا.
پاٽي پنيءَ ٻوڙ، سُهڻي ليکي سِيرَ ۾.
معرفت مَرڪُ[8]، اصل عاشقن جي.
جي ساهڙ جِيون سُونهيُون، سيرَ سراڙو[9] تن ڪي.
جن ڪي حب هِنئين ۾ آهِ، ساهڙُ ساٿي[10] تن جو.
گهڙيا سي چڙهيا، ائين اتيئي.
هُئين هُوند مُئي، پر ٻُڏي جا ٻيڙا ٿيا.
محبت ڪي[11] مهراڻ[12]، سُڪي سپ پَٽ ٿيو.

Gul Hayat Institute

(1) لهي، وري اچي. (2) همت ڪري، دل جهلي. (3) اڳواڻ، مهندار. (4) سِڪ، عشق. (5) ترڻ جو اوزار، ڪکن جو مُوڙو. (6) گهڻو، زور. (7) آگاهي، واقفيت. (8) عادت، دستور، رواج. (9) سئون سڌو رستو. (10) ساٿي، مددگار، همراهہ. (11) لاءِ، اڳيان. (12) درياهہ. (13) مصلحت، محبت. (14) آءٌ سمجهان ٿو - پڪ ڄاڻان ٿو، هرگز نہ. (15) خدا جي امر، تقدير. (16) ڏکي آٽي جاجهہ يا تار ۾ يا وڪڙ ۾ وڌيس.

ساهڙُ ڏٽي تن جو سُڪي ٻُڏن جي.
جن ساهڙ ساڻ صلاح[13] سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين.
ساٽي جن الله، سي ٻُجهان[14] ڪين ٻُڏنديون.
ڪنهن کي ڏيان دانهن[15]، قضا قلم وهائيو.
هيڪَ لِکئي ٻيو نينهن، آٽي اوليس اول ۾[16].
ساهڙ مون سينگهار، ماٺهن ليکي ميهٽو.
ٻُڏندي ٻوڙن کي، کي هاتِڪ[1] هٿ وجهن.

**سرڪنيات**:
سجڻ ماکيءَ ميٺ، ڪَڙا تين نہ ڪڏهين.

**سر سارنگ**:
اسان ۽ پرين، شل هُوَنِ برابر ڏينهڙا.
ٻانهيون ۽ ٻايون[2]، پکي[3] سُنهن پانهجي.
جنين نيڻن لايو نينهن، سي پِرين پيهي گهرِ آئيا.
نيڻ ٿمندا پسُ، وسُ تہ وڙَن سپرين.
دوستَ پُڃاٽا دَم، جا رهي سا رَن[4] ٿئي.
جي مُحب اندر مَن، سي مُون کيمِينهنِ ميڙيا.

Gul Hayat Institute

**سر ڪيڏارو**:
سُورِهُہ سو چائي، جو رڳوئي رِڻ چڙهي.
دوست ڪُهائي دادلا[5]، مُحبُ مارائي.

(1) هوشيار قابل، ڪامل مرد. (2) مايون، راٽيون. (3) گهر، جاءِ. (4) بيوهہ زال، بيواهي، نياڳي ندوري. (5) پيارا، لاڏلا. (6) ڏسڻُ.

**سر آبري:**

پاٽي مَتي جهوپڙا، مُورک اُج مَرن.
نا اميدي نيچ، تہ اوڏي ٿين اُميد کي.
ڏورڻ منجهان ڏسُ، پوندُئي هوت پُنهون جو.
چِٽو رباني راهہُ، مُرادُن مخفي ڪيو.
پنهنجو آهين پاڻ، آڏو آريچن کي.
هوتُ تنهنجي هنج ۾ پچين، ڪوهہُ پرياڻُ[6].
سو تا تو ئي ساڻُ، جنهن ليءِ جفائون ڪرين.
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.
پيرين پنڌ وسار، هل هئين سين هوت ڏي.
هوت تو ڪان هَڏِ، پِرين پراهون ڪينڪي.
آهي آرياڻي[1]، بيو سرتيون سُجي ڪينڪي.
لڳي جن لوري[2]، ڏونگر سي ڏوريندیون.
رتيءَ جي رهاڻ[3]، جيءُ اڙايم جت سين.
وينن ناهہ وراڪو[4]، سُتن ڪونهي سنگ[5].
سموري سرڪار، نيئي رکج نانهن[6] ۾.
ڏورڻ منجهان ڏس، پوندئي هوت پنهون جو.

**سر معذوري:**

ذات نِسوري نيءِ[7]، پر سڌر[8] سين سنگُ ٿيو.
هاري[9] ڪر همت، تہ دمُ ڏيئي دوست لَهين.

Gul Hayat Institute

(1) آري ڄام پنهون، يعني خدا. (2) لؤن، نينهن، عشق جي ڇِڪتي. (3) گهڙيءَ جي وندر يا لذت، ٿوري خوشي. (4) قرابت، محبت. (5) سنگت، صحبت. (6) نيستي، بيخودي. (7) ڪتي، نِيچ. (8) سکر، شريف ماڻهو. (9) نياڳي، هچاري. (10) هستيءَ، وڏائيءَ کان. (11) مال جي وسيلي. (12) حال جي وسيلي يعني اندر جي محبت سان. (13) پنهنجو نفس ماري سچي حياتي هٿ ڪر. (14) جن پنهنجي جيئري، نفس کي ماري مات ڪيو سي هميشہ جيئرا آهن. (15) آخرت جي هميشہ واري حياتي کان اڳ ئي هِتي اها حياتي حاصل ڪيائون. (16) پيشاني جتي نصيب جو نوشتو هوندو آهي.

جي مٽان هوت مَرن، هوتُ تني جي هنج ۾.
ورُ پنهون سان پلڪُ، بَنِ بارنهن ماهَ ٻين سين.
اوڏو آهه اڻ هوند کي، هُونديان[10] هوتُ پري.
هُوند جني کي هوءِ، هوتُ نه هوندو تن سين.
ڪين پهتي مالِ[11]، حال[12] پهتي هوت کي.
پائي حال هلي ويا، ڪنهن کي سُورُ سليان.
مري جيءَ[13] ته ماڻئين، جانب جو جمال.

مرڻا اڳي جي مُئا[14]، سي مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جِيئان اڳي جي جِيا[15].

تتيءَ ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.
لکيو جو نراڙِ[16]، سو قلم ڪياڙي نه وهي.
ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.
ڪَهان[1] تا ڪيچان پري، سُمهان تا سِر هيٺ.
اڻ گُهريو لوڪُ گهٽو، جي گهران سي نانهن.
ڏيرن ڏوهه نه جيڏيون، ماءُ مِڙيو ئي مون.
پيريءَ ۾ پيئي، اکيون آريءَ ڏي ڪٽان.
واڳ ڏٽيءَ جي وَس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي[2].

**سر ديسي:**

ساجن توهان ڏار، ڏنم ڏينهن قيام جو.
شل ڏينهن ڏنگو نه ٿئي، ڇا جي ڏِنگا ڏير.
اِيءَ ڪميٽي ڪير، جا امر[3] کي آڏو قري.
اڇي آريءَ ڄام جو، وڻ وڻ منجهان واس[4].
ڪاڏي ٿيو ڪوهيارُ[5]، ڪاڏي ٿي هٿَ ڪٽي.

Gul Hayat Institute

---

(1) هلان، پنڌ ڪريان. (2) پنهنجي اختيار يا وس. (3) خدا جو حڪم، تقدير. (4) خوشبوءِ. (5) پنهون ڄام. (6) وڏائي، ڪڙائي، ناز، فخر، ٺِند. (7) ڳٽتي، خوف، ڊپ. (8) بي زور، ضعيف. (9) زور، مدد. (10) اوکائي، مشڪلات. (11) حمايت ڪندڙ، حامي، مددگار. (12) جبل جو نالو، ڪوهستان. (13)وسندي، وسئين. (14) ڊپ. (15) جماعت، وڏو لشڪر.

واٺون وِيھ ٽيون، ڪوھ ڄاٽان ڪيھي ويا.
لَڪُ لھي ٽي لوڏ[6]، ڄِيجان تن جَتن جي.
ڪاڏي منھن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو.
ڪيچ پھچي ڪير، وڄڻ سين وس ڪريان.
هور[7] مڙيوئي هن ڪي، هوتن ڪونهي هور.
آهيان اَزوري[8]، تنھنجي جوري[9] جبل لنگھيان.
زاريءَ ڏارا زور، هلي ڪو نہ حبيب سين.
سَمُر جن صحيح، تن ڪونهي اَهڪُ[10] عناٿُ چئي.
سمر جن نہ ساڻُ، هوتَ حماتي[11] تن جو.
حبُ جنھين کي هوت جو، ونڊَرَ[12] تنھين کي وَسَ[13].
منھنجي وَسِ واڪا، ٻُڏڻ ڪم ٻروچ جو.
جنھن جو آرياڻي اڳواڻ، تنھن کي ڪونهي باڪُ[14] ٻهِير[15] ۾.
پينر آءٌ پلياس، نہ تہ سِڪَ سمهڻ ڇا لڳي!
آءٌ سنڌي پڻ نہ سمجهان، هُو پارسي پُڇن.

**سر ڪوھياري**:

سي ڪيئن محب مڙن[1]، جي سنجهي رهن سُمهي.
هٿان تو پيئي، ٽي ڪَچا[2] ڪيچين کي ڏيئين.
اِيءُ ڪَرم جو ڪادو[3]، نہ تہ پَنِيَن ڪير پنڌ ڪري.
ڪنھن کي ڏيان ڏوھ، مون سين اَمُر[4] ائين ڪيو.
جن اندر ٻري آڳ، ڏونگر سي ڏوريندين.
ڀهرين ڏيندا پاھُ[5]، پوءِ رڱيندا رت سين.
جي آءٌ نہ ڄائي، تہ عَيبُ نہ لڳو اوٺئين.
ٽيڏي پسي ٽي، هو تا آهي هيڪڙو.

Gul Hayat Institute

(1) ملن. (2) ڏوراپا، طعنا، عيب ڇيني، اجايو سجايو لوڻ. (3) قسمت جي ڪشش. (4) لکئي، تقدير. (5) ڪٽي ڀهرين ڪپڙي کي ڦٽڪي ميٽ وغيره لائي پوءِ رڱيندا آهن، انهيءَ کي پاھ چون. (6) لُٽ، ڦُر يا ظلم. (7) سهرا جي گهوٽ کي ٻڌندا آهن. (8) ڏک، غم، درد. (9) جي عزت آبرو سنڀالين.

**سر حسيني**

ڪَتيم جنهِين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.
ساڄنُ منهنجو ساهُ، هاڃي[6] منجهه هٽي ويو.
ماڻيو تني موڙُ[7]، جني ديکيو دل سين.
ڏکن پنيان سک، سِڳها ٿيندئي سسئي.
ڪني ڪني ماڙُهوئين، ڳُوندر[8] وڏي وٺُ.
لڄُون جي لاهِين[9]، سيئي ٿِيئڙم سامهان.

پُڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندين ڏِسن، اڱڻ عجيبن جا.

جني ڏنو هوتُ، تن ڏِينَ سيئي ڏُور ڪيا.
ڪڏهن ڪا نہ سُئي تہ ڪا سُکي ڳڏي سَڄڻين.
جيڪي طالب تات[1] جا، تات بہ تني وٽ.
جيڪي مُئي ڪنداه[2]، سو جانبُ ڪريو جِيئري.
ڏسڻ ۾ ڪر ڏُور، حَد بِنهي جي هيڪڙي.
گهوريا سک ڏکن ري، ڏک سکن جي سونهن.
جي هِت[3] نہ هوتُ پَسَن، سي ڪنهن پَر ڪيچ[4] پسنديون.
سڄڻ ڏنو جن، موتڻ تني ميهڻو.
هو چونس بوڏ، تہ جيءُ سٽائي جڳ کي.
مُٿ مُٿ[5] سُورن سپ ڪنهن، مون وٽ وٽاٽان[6].
ڏُکوين اُهڃاڻُ[7]، ڪُلهين ڦاتو ڪنجرو[8].
جَسُ[9] جفا ريءَ نہ ٿئي، جفا وارين جَسُ.

Gul Hayat Institute

(1) طلب محبوب جي، سڪ، محبت. (2) اوهين ڪندؤ. (3) هِن جهان ۾. (4) هُن جهان ۾. (5) ٿورا ٿورا. (6) تمام گهٽا. (7) نشاني. (8) پهراڻ، چولو. (9) تحسين، فتحيابي. (10) راڳ ڪندڙ، مڱتو. (11) سچي هستي. (12) نيستي، پاڻ مارڻ. (13) ڏکيو. (14) آرامي، سُکي. (15) عشق جي چوٽ. (16) ڳالهہ ٻولهہ، ذڪر.

**سر سورٺ:**

راجا راڳائي[10]، هردوئي هيڪُ ٿيا.
هِتي جي هُت، تہ ڳالهہ مڙيائي هيڪڙي.
اَجلُ اُيو ئي، آهہ پُنيءَ تو پلاٽِيو.
بلڪ آهي بُود[11]، ناقِصي[12] نابود ۾.
ڏيڻ گهٽو ڏُهِلو[13]، سِسي ڏيڻُ سُک.

**سر بروو سنڌي**

سُهڪو[14] هوندو سو، جنهن جو عشقُ الله سان.
بُت رهيو باقي، ساهُ وٺي وئين سُپرين.
لڳيءَ[15] جو لطيف چئي، نڪو قالُ[16] نہ قيل.
توٽي حُب نہ هوءِ، تہ بہ هوت نہ ڪجن هڙيون.
ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.
ماٺهو گُهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهن گُهران سپرين.
اِهڙا ئي آهين، صاحبَ منهنجا سپرين.

فاني ۽ فاني، دنيا دَمُ نہ هيڪڙو،
ڪوڏر ۽ ڪاني[1]، آهي سر سڀ ڪنهن.

سندي سِڪ پريَن، لوڪ ڏني نہ لهي.
بيو سڀ لوڪ لباس[2]، ڪو هِڪدلُ هوندو هڪڙو.
آهي آساني، پر ڪم پئي ڪل پوي.
مون ۾ عيبن ڪوڙ[3]، تون پاڻ سجاڻج سپرين.
اُو چلولا[4] چئجن، جي درِ در لائن دوستي.

---

(1) ڪانو ماڻهوءَ جي قد جو جنهن جي ماپ تي قبر کوٽيندا آهن. (2) ظاهرداري.
(3) ڪوڙين، ڪوڙ، گهڻا. (4) اڊنگا، بيهودا، رذالا. (5) شينهن، زبردست ماڻهو. (6)
بہ. (7) ڪوشش ڪر، طلب ڪر. (8) نديءَ جو نالو، هتي دنيائي شيون يا روڪون.
(9) خراب زالون. (10) رلائي. (11) عيب، مدايون.

Gul Hayat Institute

اِيءُ دوستن جو دستور، جيئن چِنان چنن کِينکي.
تِکي ڪاتي هَٿ ڪري، مُڏيءَ سين مَ مار.

**سُر مومل راڻو**:

جو مُنهن مومل جي پوءِ، موٽڻُ تنهنجو مَس ٿئي.
سگ ڪري سين سِينهن[5]، ڪنڌُ مَ ڦيرج ڪيڏهين.
ڏينهن مڙيئي ڏون[6]، اُتي لوچ[7] لطيف چئي.
هتان حبيبن، ڪو نہ ڏکويو ڪڏهين.
مُيَن سين ماڻو، مناسب نہ مينڌرا.

ڪاڪ[8] نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ ڪنهن مالَ،
جي چورِن[9] ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.
ڪهڙي پڇين ذات، جي آيا سي اگهيا.
ڪانهي ٻي تنوار، سڀ ڪا پسي پريئڻ کي.
راڻو نہ رولي[10]، جي منديون[11] ڏسي مينڌرو.
مينڌرا ماڻا، تو ري ڪنديَس ڪن سين.
راڻو ۽ راڻو، رِيءَ راڻي ٻيو ناهہ ڪو.

**سر ڪاهوڙي**:

ڪاهوڙين[1] اُهجاڻ، انگِ نہ سجي اگڙي.
جنِي ڏٺي جاءِ، موٽڻ تني ميهڻو.
جتي پريئن حضور، تِتي رنگُ نہ رُوپُ ڪو.

(1) درويش، سچا طالب. (2) دنيا کان اکيون پوري. (3) بہ ضد لفظ، پاڳو ۽ سچو يعني انسان ۽ خدا. (4) گهٽن قسمن جو ان. (5) وتن، گهمن. (6) هڏو جنهن تي ڪتا پاڻ ۾ وڙهندا آهن يعني دنيا. (7) ساري عالم کي، جڳ کي. (8) يعني مرڻ کان اڳي هستي وڃائي ڇڏ. (9) تير. (10) خدا اندر ۾ مليو. (11) امل ماڻڪ. (12) سونپيل، لائق، خلاصو ڪم. (13) ڪشادگي، خلاصو ميدان. (14) رهڻ وارن، نہ چُرندڙن. (15) سچو طالب خدا جو.

Gul Hayat Institute

انڊو[2] تي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

**سر رام ڪلي**:

گھوڙا ڙي گھوڙا، آءٌ نہ جيندي اُنِ ري.
جُز وڃايو جوڳيئن، ڪُلَ[3] سين اٿم ڪَمُ.
پنيو پنج ڪٽي[4]، لِڪا پُٽن[5] لوڪ ۾.
جوڳيُن ڪٿيو جَس، لِڪا پٽن لوڪ ۾.
هيءِ هيءِ هُن هَڏي[6]، همه[7] کي حيران ڪيو.
جوڳِي هُوَنِ نہ جيئرا، پائي جوڳ ۾[8] جيءُ.
سي ٻهرِ نہ هٽن ٻاڻُ[9]، جن ڳڏيو گز گرنار[10] ۾.
اندر ۾ اَمُل[11]، ٻهر ڪوجها ڪاپڙي.
ڪيڏانهن ڪريان پير، مڙيو ئي مٿو ٿيو.
جيڏانهن پرين وڪَ، تيڏانهن صاحبُ سامهون.
مرڻُ[12] مسلمُ جن، واحدُ تن نہ وسري.
لڏيندن سين لڏ، تہ رهين تون راڄ ڪري.
ويندن ڪي ويڪَ[13] ٿي، هُوندن[14] ڪونهي هنڌُ.
ڪو نہ ڏنوسين ڪوءِ، سناسي[15] سُور ري.

**سُر رپ**:

نينهن نهائين جيئن، ڏکيو ڪوهہ نہ ڏکئين.

Gul Hayat Institute

**سر ليلان چنيسر**:

آهيان عيبدار، سِڪان ٿي سُهاڳ[1] کي.

---

(1) سک، سرخروئي، عزت. (2) ليڪا، نبيرا. (3) چاڙهي، وڏي وڏي درجي وارو ڪري. (4) طرف، پاسي. (5) آسرو، اميد. (6) شراب، عشق جي مستي. (7) بهادر،

هُئين گهڻو هُشيار، پر ڪَل نہ پيَئي ڪانڌ جي.
اُونڌا شل آچار[2]، ڪانڌُ ڪنهين سين نہ ڪري.
اهڙو ئي الله، جو پورهيَتُيون پيش[3] ڪري.
مون ڳچيءَ ۾ پانڌ، تو چنيسرَ هٿ ۾.
ڍوليو تني ڍار[4]، هيناهيُون هلن جي.
آسر[5] مَ لاهيج، سجڻ ٻاجهارا گهڻو.
زاريءَ ڏارا زور، ڪين هلندُئي ڪانڌ سين.
لکين ليلائون، چينسر جي راڄ ۾.

**سر بلاول:**

ڪيف[6] ڏارا ڪو، جِئي ڪو نہ جهان ۾.
الله جُنگ[7] جِين، اَجهي جن جي گهاريان.

**سر ڏاهر:**

وڏي سگهہ سندياء، ٻاجهن پريو آهئين.
تو در ناهہ جهو[8]، مون پيا در گهڻا نهاريا.
جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي گُهران.
ڍَڪين ڍڪڻهار، ڏيئي پانڌُ پناهہ جو.
ستا اُتي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ[9]، ننڊ ڪندي نہ ٿئي.
وهامي وِينديا، گهڻا هڻندين هٿڙا.
اڏيو جو اوڏن، سو شل ڍِنگر[10] ڍِلو مَ ٿئي.
ڊِگهي اڌِ مَ مَنهي، پَکو اڌ م لانڊ[11].
سندو واريءَ ڪوٺ، اڏي اڏيندين ڪيترو!

Gul Hayat Institute

---

سچا مرد. (8) جهڙو. (9) سک، آسائش، بادشاهي. (10) منهہ جا ڍِنگر لهي نہ وڃن، گهر پيجي پُري نہ وڃي، هميشہ قائم هجي. (11) ڊِگهو، وڏو.

**سُر ڪاپاتي:**

جي وَرُ[1] ڏئي وارو، ته سُنهان سرتين وچ ۾.
جن ربيع[2] سين رِهاڻ، تن اُڊو[3] ناهه اُگهاڙ جو.

**سُر پرڀاتي:**

ڏات نه آهي ذات، جو وهي[4] سو لَهي.
تون پارس آءٌ لوهه، سَجين[5] تا سونُ ٿيان.
ڏاتار ته تون، ٻيا سڀيئي مڱڻا.
طمع جي تنوار[6]، متان ڪرين مڱڻا.

**سُر گهاتو:**

نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چلر چَٽ[7].
اوري هوا ته آئيا، جُڪس[8] ويا پري.

**سُر سينهن ڪيڏارو:**

ڪڻ بورائو[9] بازَ ڪي، ڪُِجهه مَ ڳري لاءِ.

Gul Hayat Institute

**سُر آسا:**

---

(1) مڙس راضي ٿئي، مهر ڪري. (2) ڪپاهه پوکڻ جي موسم. (3) ڊپ، خطرو. (4) ڪمائي، پورهيو ڪري. (5) لڳين، پاسو هٽين. (6) سوال، خيال. (7) ميجيءَ جي چلر جي باس. (8) جيڪس، شايد، متان. (9) سونهو، همرا. (10) ظاهري اسباب يا هستيءَ جا نشان. (11) الله اڪبر چؤ يعني درويشيءَ جو دم هڻ. (12) نهنائي، هستي ڇڏڻ. (13) ٻانهي کي بادشاهه ڪيو. (14) سچي هستي.

سڀ وڄائي ساز[10]، تنھان پوءِ تڪبير[11] چؤ.
نابوديءَ[12] نيئي، عبد کي اعلىٰ[13] ڪيو.
جيلانھن ٿيا نابُود، تيلانھن رَسيا بود[14] کي.
اکيون تا عيد، ڪانھي عيد اکين ري.
ڏِيون نہ ڏِاپن، پَسڻ منجھان پرِيئن جي.
اکيون سيئي ڏار، جن سين پسين پرين کي.
جانيءَ جو جمال، پَسڻ ڪان پَري ٿيو.
سي ڪيئن پرين پسن، ڪتر[1] جن اکين ۾.
سِڪ نہ آھي سُتري، سِڪ سِڪائي سُڪ.
سندي محبت مام[2]، ڪور[3] پروڙي ڪينڪي.
آھن جي امين، سي حسابان ھجي ويا.
ھٿن سين ھاج ڪر، نيڻن سين نھار.
مُنھن ۾ مسلمان، اندر آزر[4] آھيين.
مُنھن ۾ موسىٰ[5] جھڙو، اندر ۾ ابليس[6].
ايئن چوندي ڪير، تہ آءٌ ساجاري[7] سڄڻين.
ڏورج ڏِيو ھٿ ڪري، ڏور مَ ڏِيان ڏار.
اوڳڻ رُسي سڀ ڪو، ڳُڻين پرين رُنامِ.
ڳُنديءَ نينھن نہ سُپڃي[8]، دونھن[9] نہ پچي ماھ.
صُلح جن سڄڻ سين، سيج ماڻيندا سي.

Gul Hayat Institute

**سرمارُوئي**:
قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي ھِن ڪوٽ ۾.
لڙڪ نہ لکڻ ڏِين، ڪِريو پون قلم تي.

---

(1) مٽي، پھٽيون، اک جي بيماري. (2) مطلب، مراد، حقيقت. (3) انڌو. (4) مشھور ڪافر. (5) خدا جو پيغمبر. (6) شيطان. (7) سُڄاڻو، واقف. (8) سمائجي، لڪي وڃي. (9) دونھي ۾ گوشت ڪباب نہ ٿيندو گھٽي باھ ۾ پچندو. (10) جھنگلي اُنُ جو گاھن مان نڪري. (11) بدن، جسم. (12) خدا جو علم، حقيقي علم.

جهڙي آيس جيئن، تهڙي وجان تن ڏي.
آڻين ۽ چاڙهين، ڏُٿُ[10] ڏهاڻي سُومرا.
پکن منجهہ پساهُہ، قالب[11] آهي ڪوٽ ۾.
توئي پڙهيا پِير، اوڏا ڪين علم[12] کي.
سوکيءَ پائي سپ کو، اَوکيءَ ٿُونهِين تون.
ڦُبن ڪينهن پِير، مرشد مساڻن ۾.

**سر پورب**:

ڪانگَ نہ ڪوڙا هُون، پريان سندي پار جا.
آندا پرِين الله، سڏ منهنجا ساب[1] پيا.
سامي آهي سو، جنهن پاڻُ وڃائي پُوريو.

**سُر ڪاموڏ**:

پارس سين پاسو، لڳن تي[2] لعل ٿيا.
سميُون ڪري سينگار، راءُ ريجهائڻ آئيُون.
تنهن کي گندري[3] چوڻ گناهہ، جنهن جي جهوليءَ چنڊُ جُهلي پيو.

**سُر ڪارايل**:

لئج لطيفي لات، تہ ويجهو تِين وصال کي.
تَنُ طالبن گَڏِ، تہ ويجهو تِين وصال کي.
ڪنگن لتي ڪاڻ، گَڏيو هَنجُ حبيب کي.
هنج مڙيئي هنجَ، ميرو منجهن ناهي ڪو.
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.
ويا مور مري، هنجُ نہ رهيو هيڪڙو،

(1) سجايا ٿيا، قبول پيا. (2) تڏهن، تنهکري. (3) مُهاڻي. (4) ڪارا ڍنڍ جا پکي.
(5) ويڙهہ، جنگ.

Gul Hayat Institute

وطن ٿيو وري، ڪُوڙن ڪاٽيرن[4] جو.
وَٽئين وِهُہ پيَن، سِڪ سُرڪئين نہ لهي.
ڪِلي[5] وير ڪيهو، جو سَپَن ڪي سامهون ٿئي.

***

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر اياز قادري

# شاهہ جا پهاڪا

ڪنهن بہ ملڪ ڏانهن ڏسبو تہ ان ملڪ ۾ ڪيترا ئي شاعر ڏسڻ ۾ ايندا پر هر ڪنهن شاعر جو پنهنجو پنهنجو درجو آهي. انهن شاعرن مان ڪي اهڙا آهن جن جي مقبوليت ڪنهن خاص طبقي تائين آهي. ٻيا اهڙا آهن جي خاص ۽ عام ۾ مقبول آهن. انهن شاعرن مان محلن ۾ رهندڙ امير ۽ جهوپڙن ۾ رهندڙ فقير، هڪ جهڙو مزو ۽ ميناج حاصل ڪن ٿا. هر شادي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي، مجلس ۽ اڪيلائيءَ ۾، سفر ۽ گهر ۾، ميلاپ ۽ وڇوڙي ويل، سندن شعر جهونگاريا وڃن ٿا. انهن مقبول شاعرن ۾ ڪي وري اهڙا شاعر آهن جن سان اسان جي ايتري تہ ويجهڙائي ۽ گهرائي تي وڃي ٿي جو هو اسان کي هر وقت ياد رهن ٿا جو اسان ڪين هر گهڙيءَ وينا ياد ڪريون. ٿوري گهٽي ڳالهہ تي، ايئن بيان ڪري ڇڏيون، جيئن ڪو پهاڪو. انهن عوام ۾ پسند ڪيل ۽ مقبول شعرن جو رتبو ۽ درجو ٻوليءَ جي ٻين اهم پهاڪن جهڙو ئي ٿي وڃي ٿو.

دنيا جي ڪا بہ ٻولي پهاڪن کان خالي نہ آهي. هر ٻوليءَ جي دامن ۾ پهاڪا، بهار ۾ ٽڙندڙ گلن وانگر، پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا سان، من کي موهندڙ ۽ دل و دماغ کي طراوت ڏيندڙ ٿين ٿا. اهي ڀهڳڻ جا ٻول آهن، جي ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن جي عقل ۽ ڏاهپ جا املهہ خزانا آهن. سنڌي پهاڪا، سنڌ جي سڃاڻپ جا پندار آهن، جن ۾ ساڻيهہ جي سڀاجهڙن ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، رسم رواج، تهذيب تمدن، ڳڻ ڳوت، ساڄاهہ ۽ ثقافت جا نقش نظر اچن ٿا.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو خيال آهي تہ: پهاڪو سنسڪرت جي ”پٽڪ“ لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: منجهيل ڊيري کي کولڻ يا ڪو راز پروڙڻ. هو چوي ٿو تہ: ”پٽڪ“ ڦري ٿيو ”پٽاڪو“، جو سنڌيءَ ۾ پهاڪو ٿي ويو. منهنجي خيال ۾، پهاڪو اصل ۾ پهہ + آڪو آهي. پهہ معنيٰ ويچار، سوچ. آڪو = آڪڻ معنيٰ چوڻ. ڪا ڳالهہ، سوچ ويچار کان پوءِ چوڻ.

پهاڪا ايترا قديم آهن، جيتري اسان جي سوچ ۽ سمجهه. جڏهن کان انسان ڪنهن ڳالهه تي سوچ ۽ ويچار ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ لڳو هوندو، ان دؤر کان پهاڪا به وجود ۾ آيا هوندا. پهاڪا، بنيادي طرح انسان جي آزمودي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهن. انهن سان گڏ ڏند ڪٿائون، مذهبي قصا، تاريخي واقعا، لوڪ ڪهاڻيون، نقل ۽ نظير ۽ ڪيترن شاعرن جا عوام ۾ مقبول شعر به پهاڪن جي پيڙهه آهن. شاهه کان اڳ جي دؤر جي شاعرن ۾ قاضي قاضن، شاهه ڪريم ۽ پوين شاعرن ۾ سچل جي ڪلام جا ڪجهه مصرعا پهاڪن واري حيثيت حاصل ڪري چڪا آهن. جيئن قاضي قاضن جون هي مصراعون:

١ - سيئي سيلهه ٿيام، جي پڙهيا هيم پاڻ لئه.
٢- لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين.

شاهه ڪريم بلڙي واري جا هيءُ مصرعا:

١- هنيون ڏجي حبيب کي، لڱ گڏجن لوڪ.
٢- جي جاڳندي من ۾، ستي پڻ سيئي.
٣- مت پيڙيائي پلي، جي اپٽين ته واءُ.
٤- پاڻي اُتي جهوپڙا، مورک اچ مرن.

سچل جا هي مصرعا پهاڪن طور ڪم اچن ٿا:

١- سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي.
٢- مذهبن ملڪ ۾، ماڻهو مُنجهايا.
٣- مون ۾ عيب اپار، سچڻ تنهنجي پانهڙي آهيان.
٤- ڪٿان تان ڪافر ٿيان، مات ڪيان ته مشرڪ.

Gul Hayat Institute

شاهه عبداللطيف کي سنڌ جي بين شاعرن جي پيٽ ۾ وڌ ۾ وڌ مقبوليت حاصل آهي. شاهه جي ڪلام ۾ مشاهدو ۽ مطالعو آهي، آزمودو به آهي ته حڪمت ۽ دانائي به آهي، سوچ ۽ ويچار به آهي ته سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي عڪاسي به آهي. لوڪ ڪهاڻيون ۽ عشقي داستان به آهن، تاريخي ۽ نيم تاريخي واقعا به آهن. الله ۽ ان جي رسول جي الفت به آهي ۽ تصوف جي چاشني به آهي. مطلب ته زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هر شيءِ موجود

آهي. اهو ئي سبب آهي جو لطيف جا تمام گهڻا بيت ۽ مصراعون، اسان جي زبانن تي ايترا چڙهي ويا آهن جو اسان انهن کي گهڙي گهڙي، پل پل، هر ڳالهه ۾ پهاڪي طور استعمال ڪريون ٿا.

انگريزن جي حڪومت جو دؤر هو. مسلمان ۾ نه علم هو، نه سجاڳي. قوم سان همدردي رکندڙ عالم ۽ اڳواڻ، جي چاهيندا هئا ته مسلمان آزادي حاصل ڪري وري پنهنجو اڳيون مان مرتبو ۽ اوج ماڻين، سي قوم کي غفلت ۾ ڏسي وڏي واڪي چوندا هئا:

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

ان دؤر ۾ جڏهن ملڪ جي ٻين قومن ڏانهن ڏسبو هو ته اهي ترقيءَ تي گامزن آهن، مگر مسلمان، جنهن حال ۾ هو، ان ۾ ئي غافل آهي ته ان کي هوشيار ڪرڻ لاءِ چئبو هو:

چپاتا چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ.

آزادي آئي، ملڪ جو ورهاڱو ٿيو، پاڪستان ٺهيو، پوءِ ملڪ جي حالتن عجيب صورت اختيار ڪئي آهي. موجوده دؤر، سجاڳيءَ ۽ بيداريءَ جو دؤر آهي. هن سجاڳيءَ ۽ بيداريءَ جي دؤر ۾، اسان پنهنجي پاڻ کي شاهه جي هنن لفظن ۾ مخاطب ٿيون ٿا:

جاڳو جاڙيجا، سما سک مَ سمهو.

۽ وري پنهنجي وڏي ياءُ جي ڏاڍاين، اُره زوراين، هٺ ڪس ۽ يون ولار واري وٺ وٺان ڏانهن اشارو ڪري چوندا آهيون:

پسو ان پاران، لاکو ٿو لوڙيون ڪري.

Gul Hayat Institute

هي دؤر قوم پرستيءَ ۽ وطن پرستيءَ جو دؤر آهي، جنهن لاءِ علامه اقبال چيو هيو: ”ان تازه خدائوں میں بڑا سب سے وطن ہے“. سو هن ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ هڪ ٻئي کي شاهه جي هنن لفظن ۾ خطاب ڪن ٿا:

حيف تنين تي هوءِ، وطن جن وساريو.

ورهاڱي کان اڳ جو دؤر ۾ حقن وٺڻ لاءِ هڙتال ۽ بک هڙتال ڪئي ويندي هئي، هن دؤر ۾ اهي ڳالهيون پنهنجو اثر وڃائي ويٺيون آهن. هن دؤر ۾ حقن حاصل ڪرڻ لاءِ هن ڌرتيءَ جي نوجوانن جي زبان تي شاهه جا هي لفظ آهن:

سورهيہ مرين سوپ کي، دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار.

زندگيءَ ۾ جدوجهد ئي آهي، جا انسان کي منزل تي رسائي ٿي. اهي انسان، جي هر وقت ڏينهن رات محنت ڪندا رهن ٿا ۽ هر حال ۾ مات ڪري نٿا ويهن، اهي ئي ڪامياب ٿين ٿا، پر جن غفلت ۽ سستي ڪئي، اهي منزل ۽ ماڳ کان پنتي رهجي وڃن ٿا تہ انهن کي چٺبو آهي:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

پر محنت، محبت سان گڏ هئڻ گهرجي. محبت ڀري محنت ۾، خوشي ئي خوشي آهي. محبت سواءِ محنت عذاب آهي، جا ڪڏهن بہ ڪاميابيءَ تائين نہ رسائيندي. ان لاءِ شاهہ جي لفظن ۾ چوندا آهيون:

پيرين پنڌ وسار، هل هِنئين سين هوت ڏي.

جيڪڏهن اڳين ڏينهن وارن ماڻهن، ماڳن ۽ مڪانن کي ياد ڪندا آهيون ۽ هاڻوڪين حالتن ڏانهن ڏسندا آهيون تہ اسان جي واتان بي اختيار نڪري ويندو آهي تہ:

١- نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتياريون،
پسي بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

***

٢- ويا سي وينجهار، هيرو لعل وندين جي،
تنين سندا پويان، سيهي لهن نہ سار.

***

Gul Hayat Institute

٣- ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.

انساني زندگيءَ تي عشق ۽ محبت جو وڏو اثر آهي. چوندا آهيون تہ: ”اهو وڻ نہ آهي جنهن کي هوا نہ لوڏيو آهي“، سو اهڙو ڪو انسان ورلي ملندو جنهن جو عشق سان واسطو نہ پيو هوندو، پر جنهن جو واسطو عشق سان پيو هوندو ۽ عشق ۾ سور ۽ سختيون، ڏک ۽ ڏوجهرا ڏٺا هوندائين تہ رڙ ڪري چوندو:

١- عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

***

٢- سڪڻ ۽ سوري، ٻئي اڪر هيڪڙي.

جڏهن عاشق، عشق ۾ آهون ۽ دانهون ڪرڻ لڳندو آهي، ۽ رنج ۽ غم ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، ته سندس دوست ڪيس چوندا آهن:

١- سڪ نه آهي ستري، ڪڻ پروڙي پير.

٢- عشق ناهي راند، جي ٿا ڪيڏن ٻيرو.

٣- سسي ڏار ڏري، پيچ پوءِ پريتڙو.

هو بي اختيار چوڻ لڳندو آهي:

عقل، مت، شرم: ٽيئي نينهن نهوڙيا.

وقت تي عاشق جي دل ۾ وسوسا پيدا ٿيندا آهن ته جنهن ڪي آءٌ پيار ڪريان ٿو، جنهن جي سِڪ مون کي هر وقت سڪائي ٿي، ڇا هو به مون کي ياد ڪري ٿو، ته پنهنجي دل کي هيئن دم ۽ دلاسا ڏيڻ لڳندو آهي:

تو جنين جي تات، تنين پڻ آهي تنهنجي.

وقت تي ڪن دوستن، گهٽگهرن ۽ پيارن ڪان ڪي اوٽايون، گهٽتايون يا ڪسي پڪي ٿي پوندي آهي ته ڪر، ڏرين ڪي ڦٽائڻ يا زنگ ۽ ڦڪ وجهڻ جي ڪندا آهن. اڳلي ڪي چوندا آهن ته: هو تو سان ڪهڙو برتاءُ ٿا ڪن، تون اجا پيو انهن لاءِ مرين ۽ ڳرين، ته هو چوندو آهي.

١- پرين سندي پار جي، مڙئي منائي.

٢- سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪڙا ٿين نه سپرين.

مگر جي ٻنهي ڌرين جا خير خواه هوندا ته اُهي ڪيس سمجهائيندا:

هو ڇنن تون مَ ڇن، پاءِ اُميري اُن سين.

جيڪڏهن ڪو دوست دور هوندو آهي يا رُسي ويندو آهي ته شاهه جا طالب مومل جيان نوڙت ۽ نياز ڪري چوندا:

١- مين سي ماٺو، مناسب نه مينڌرا.

٢- اسان تان نه سري، تو ڪيئن سري سپرين.

ڪنهن پياري جو انتظار ۽ اوسيئڙو هوندو آهي ته هن جي دل مان هر وقت هيءَ صدا نڪرندي آهي:

Gul Hayat Institute

مون گھر جي اچي، ٿئي ميندرو مھمان،
پيڪن سوڏو پاڻ، گھر تڙ گھوريان پرينءَ تان.

۽ سسئي جي لفظن ۾ چوندو:

الله اچن اوءِ، جن آئي من سرھو ٿئي.

دنيا جي بي ثباتي ۽ فنا جو ذڪر ايندو تہ چونداسين:

١- ڏکھي اڏ مَ منھي، پکو اڏ مَ لانڌ.
٢- فاني ڙي فاني، دنيا دم نہ ھيڪڙو.
٣- گھوڙن ۽ گھوٽن، رھڻ تورا ڏينھڙا.

شاھ جو گھڻو ڪلام دعائيہ آھي. الله اڳيان سواءِ نوڙت ۽ نياز، آزي نيازيءَ جي ٻيو ڪجھ نہ ٿو ھلي. انھيءَ کي ليلائڻ کان سواءِ چارو نہ آھي. انھيءَ ڪري اسان پنھنجي مطلب ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنھنجي مرادن ۽ ارادن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاجھاري سائين کي شاھ جي لفظن ۾ ٻاڏائيندا رھندا آھيون. شاھ جا اُھي بيت ۽ بيتن جون مصراعون، پھاڪا ٿي ويون آھن، جيئن چوندا آھيون:

زاريءَ ڏاران زور، ھلي ڪين حبيب سان.

۽ پنھنجن عيبن ڏانھن ڏسي چوندا آھيون:

١- تون سمون، آءٌ گندري، مون ۾ عيب اپار،
پسي لَي لغار، متان ماڳر متيين.
٢- مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سجاڻ سپرين.
٣- لکڻ مَ لکيج، جو موراھون ناھ مون،
مون کي ملھائيج، وارو ڏيئي ولھا.

ھن ٻاجھاري در وينتي ڪندي چوندا آھيون:

١- جيڏو تنھنجو نانءُ، ٻاجھ بہ اوڏيائي مڱان.
٢- تون سپڙ، آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتر آئون ڏوھ،
تون پارس آءٌ لوھ، جي سَجيين تہ سون ٿيان.

۽ جڏھن ڪنھن بيماري يا مرض ۾ مبتلا ٿيندا آھيون تہ ليلائڻ لڳندا آھيون:

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منھنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،



Gul Hayat Institute

صاحب ڏيج شفا، ميان مريضن کي.

۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي التجائن قبول پوڻ ۾ دير ٿيندي آهي تہ پوءِ ليلا جي هنن لفظن سان پاڻ کي آٿت ڏيندا آهيون:

جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ سباجهيندڙ گهڻو.

مطلب تہ شاهہ جو تمام گهڻو ڪلام، سنڌ وارن جي مختلف جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ اهو سنڌ وارن جي دل ۽ دماغ ۾ بيحد سمايل آهي ۽ سنڌ وارا ان کي وقت بہ وقت مختلف موقعن تي استعمال ڪن ٿا. ڪجهہ وڌيڪ مثال بيان ڪجن ٿا، جي مختلف موقعن تي استعمال ٿين ٿا:

١- ڪي اوڏا بہ ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.
٢- سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.
٣- ماڻهو گهرن مال، آءٌ سدا گهران سپرين.
٤- وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي.
٥- اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ تي.
٦- ڏاڪاريا ڏيهہ مان، موذي شال مرن.
٧- ايءُ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائين سون تي.
٨- ڏاتار تہ تون، ٻيا سڀ مڱڻا.

***

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر شاھنواز سوڍر

# شاھ لطيف جي ڪلام ۾ آيل پھاڪا ۽ چوڻيون

ھر ڪنھن سڌريل ٻوليءَ ۾ پھاڪن ۽ چوڻين جو ھڪ وڏو خزانو موجود ھوندو آھي، جو ان ٻوليءَ جي تحريري يا زباني ادب جو ھڪ اھم ۽ مکيہ حصو ھوندو آھي. سگھڙ مرد توڙي گھرو سگھڙ عورتون شاعر، اديب ۽ مقرر جڏھن چاھيندا آھن، تہ پنھنجي نصيحت يا اندر جي جذبات ٻين تائين مؤثر نموني ۾ پھچائين، تہ اڪثر اھي پھاڪن ۽ چوڻين جو سھارو وٺندا آھن. سنڌي زبان پھاڪن ۽ چوڻين جي حالت ۾ دنيا جي سڌريل ٻولين کان ڪنھن بہ طرح کان گھٽ ناھي، شاھ صاحب جي ڪلام کي پڙھنداسون تہ ان ۾ ڪافي پھاڪا ۽ چوڻيون موجود آھن.

”دراصل پھاڪن جي استعمال سان ئي شاھ جي ٻوليءَ ۾ رواني ۽ سليتائي اچي وئي آھي.“

سر سارنگ جي بيت جي ھيٺئين مصرع پڙھو:

”جن مھانگو لھي ميڙيو، سي ٿا ھٽ ھڻن.“

ھٽ ھڻڻ جي معنىٰ پچتائڻ آھي، ھتي شاھ صاحب انھن واپارين جي ڳالھ ٿو ڪري جيڪي برسات پوڻ يا وسوڳ ٿيڻ سان پوءِ پڇتائيندا آھن تہ ”ھاٽي اَنَ جو اگھ گھٽجي ويندو ۽ سندن نفعو تہ نھيو پر اُلٽو ڪين نقصان پوندو.“ ھڪ ٻيو مثال سُر مارئيءَ مان:

”ايءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سونَ تي!“

ھتي ”سيڻ مٽائين سون تي“ عام چوڻيءَ جو گويا سپاويڪ طور استعمال ڪيو ويو آھي. اھڙيون ڪيئي چوڻيون شاھ جي ڪلام ۾ موجود آھن. سور ۽ درد جي آھ کي ظاھر ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪيترائي اصطلاح، پھاڪا ۽ چوڻيون موجود آھن، مگر اندر جي آھ جي اظھار لاءِ جيڪو شاھ صاحب ھيٺيون اصطلاح استعمال ڪيو آھي، ان کي پڙھو:

”گهوڙا! گهوڙا! آئون نہ جيندي اُن ري.“ (رام ڪَلي)

اگرچہ ان جي جاءِ تي قهر، ظلم، فرياد، افسوس، قيامت، هاءِ هاءِ! شاهه صاحب استعمال ڪري سگهيو پئي، مگر جيڪا درد جي اظهار جي قوت ۽ جذبات جي ترجماني ۽ ”گهوڙا ڙي گهوڙا“ ڪرڻ سان ٿئي ٿي، يقينن ٻيو ڪوبہ اصطلاح پورائو نہ ڪري سگهي ها.

ٻيو مثال:

مــران، ”مــتــو پــتــيــان“، نهاريان نيٽان،

سُخن جي سندان، آئون نہ جيَندي اُن ري. (رام ڪلي)

جهڙيءَ طرح ”گهوڙا!، گهوڙا!“ ڏک جي اظهار لاءِ اثرائتو اصطلاح آهي، اهڙيءَ طرح ”متو پٽيان!“ بہ سنڌي زبان جو اصطلاح وڏي ڪِرپ رکي ٿو. اُرهہُ پِٽڻ ٻين قومن ۾ بہ آهي ۽ ٻُوڙها ڳاڙي ڏک جو اثرائتي نموني اظهار ڪرڻ تہ انساني فطرت جو گُڻ آهي. مگر ”متو پِٽڻ“ رڳو سنڌي ثقافتي زندگيءَ جو انفرادي گُڻ آهي، جيڪو شاهه صاحب استعمال ڪري، پنهنجي وسيع سنڌي ثقافت جي مطالعي جو ثبوت پيش ڪيو آهي. سڄو ڪلام مطالعو ڪيو تہ اهڙا ڪيئي اصطلاح، مختلف موضوعن جي ترجماني لاءِ اسان کي نظر ايندا ۽ ان مان شاهه صاحب جي زبان دانيءَ جو اقرار ڪرڻو پوندو.

سُر سريراڳ جي هيٺئين بيت تي ويچار ڪريو.

چڱا ڪَنِ چڱايون، مَنايون مَنِ،

جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن. (سريراڳ)

هن بيت جي حيثيت اڄڪلهہ سنڌي معاشري ۾ پهاڪي ۽ چوٽيءَ جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي، يقينن زبان جا ماهر ان ٻڌائڻ کان قاصر آهن تہ اها چوٽي سنڌي زبان ۾ اڳ موجود هئي. بيت جو سِٽاءُ ۽ صورت ٻڌائي ٿي تہ ان جو خالق شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي ۽ ان جي معنىٰ ۽ مفهوم سليتائي ۽ سونهن ايتري تہ جاذب آهي، جو اڄ انهيءَ بيت چوٽيءَ جي صورت اختيار ڪئي آهي.

***

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

# روزمره جي سنڌي زندگيءَ ۾ شاهہ جا قول

جڏهن ١٩٨٧ع ۾ سرحدي گانڌي خان عبدالغفار خان نئين دهليءَ جي آل انڊيا ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ۾ علاج لاءِ پرتي ٿيل هو، تڏهن پنهنجي ان دوست جو حال چال پڇڻ لاءِ، ڪيس روبرو ڏسڻ لاءِ، سن جو سائين ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جو معمار، سائين جي ايم سيد پڻ پاڪستان مان نئين دهليءَ ۾ آيو، جيڪو پڻ ڀارت سرڪار جو مهمان هو ۽ نئين دهليءَ جي ڪنشڪ هوٽل ۾ لٿل هو. ساڻس ملاقات لاءِ مان ۽ منهنجو هڪ اديب دوست ڪنشڪ هوٽل ۾ وياسين. هو صاحب اسان ٻنهي لاءِ سنڌيءَ جو هڪ وڏو اديب هو ۽ سندس سياسي ويچار ڌارا سان اسان جو سهمت هجڻ ضروري نہ هو. اسان ٻنهي ڪيس پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ ڏني. هن بندي جو نالو ٻڌي ڪري جي ايم سيد صاحب پنهنجي معمول تي نہ رهيو ۽ پالتيءَ مان پنهنجا ٻند گوڏا ڪولي پلنگ تان اٿيو. اٿي ٻيهي مون کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريائين ۽ چيائين، "ابا! تون شاهہ لطيف جو شارح آهين. تو اسان جي سنڌ ديس جي تصوف کي جڳ ۾ مشهور ڪيو آهي، تو سان تہ اسين ڳري لڳي ڳالهيون ڪنداسين."

موڪلائڻيءَ وقت هن صاحب پنهنجي نئين ڪتاب "واجهہ ويراڳين جا" (١٩٨٧ع) جي هڪ ڪاپيءَ تي هي لفظ لکيا: "اسان جي شاهہ لطيف جي مداح ڊاڪٽر جوتواڻيءَ جي خدمت ۾." اها ڪاپي مون کي سوکڙيءَ طور ڏيئي چيائين، "بقولِ شاهہ لطيف: ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين..."

مون اها ڪاپي ڪانئڻ وٺي اکين تي رکي. هن صاحب اها مون کان واپس وٺي ان تي اهي لفظ جيڪي وات سان چيا هئائين، سي لفظ لکيا: "ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين..." منهنجي ٻنهي هٿن ۾ ٻنهي اکين تي رکيل اها ڪاپي وري جڏهن آئي، تہ مون کي لڳو ان ڏينهن ١٢ جولاءِ ١٩٨٧ع تي هيءُ موتي هڪ ناچيز ٻندو هڪ خاص چيز ٻڌجي پيو. اُمالڪ موٽ ۾ مون وراڻيو:



Gul Hayat Institute

”لطيف جي چواڻيءَ منجهان مان اوهان جي خدمت ۾ هڪ بيت نذر ڪريان ٿو:

”حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪِئو،
سو مون سڀ ڄمار، اورڻ اهو ئي ٿيو.“

هن ننڍي مضمون جي شروعات ۾، پنهنجي زندگيءَ مان اُن هڪ واقعي جو اهو بيان ان جي پومڪا طور ڪم آندل آهي. ان بيان مان، هن ننڍي مضمون جي حوالي ۾ منهنجي ذهن ۾ گهڻيئي ڳالهيون اٿيون آهن. پر انهن مان ڪن ڳالهين اسان جو گڏيل ڏيان لهڻو.
جيئن انگريزيءَ ۾ شيڪسپيئر ۽ اردوءَ ۾ مرزا غالب (اهي ٻه محض مثال آهن) پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ واري قوم جي عام و خاص ماڻهن جي زبان تي چڙهيل آهن، تيئن اسان جي سنڌي قوم جي (جي ايم سيد وانگي) اعليٰ ماڻهن ۽ (هن ٻندي جيان) ادنيٰ ماڻهن جي زبان تي شاهه لطيف چڙهيل آهي. شيڪسپيئر، مرزا غالب ۽ شاهه لطيف جهڙا وڏا شاعر پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ واري قوم جي زبان تي براجمان آهن. اهي ان جي اعليٰ خواهه ادنيٰ فردن جي ذهن ۾ لٿل هوندا آهن. مٿي بيان ڪيل واقعي ۾ جي ايم سيد صاحب چيو، ”ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين...“ هن ٻندي آکيو، ”حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪِئو، سو مون سڀ ڄمار، اورڻ اهو ئي ٿيو!“
هر هڪ قوم جي گهرُو حياتيءَ ڪي اهڙا شخص پڻ هجن ٿا، جي پنهنجي گذاري وڃڻ کان پوءِ پنهنجي ڏيل ڏول ۾ حاضر نه هئڻ جي باوجود پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ ڪري سدا حيات هوندا آهن. انهن ياتين کان سواءِ ڪي ياتي اهڙا ٻه هوندا آهن، جي روحاني طرح انهن سان گڏوگڏ رهي، انهن گهرن جو (واسطيدار سموري سماج جو) ذهني ماحول ناهيندا آهن. سنڌي سماج ۾ سنڌيءَ جو مايه ناز شاعر شاهه لطيف هڪ اهڙو ئي مثال آهي. جڏهن جي ايم سيد صاحب چيو، ”ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين...“ ته ڪيس ان وقت شاهه لطيف جو اهو فقرو ياد هو ليڪن اهو ضروري ناهي ته ڪيس شاهه لطيف جو اهو سمورو بيت پنهنجي پوري حوالي سان گڏ ياد آيو هجي. اهڙيءَ طرح، جڏهن هن ٻندي وراڻيءَ ۾ شاهه لطيف جي رسالي مان، ”حبيبن هيڪار...“ واري بيت جو اقتباس ڪم آندو ته ان وقت ڪيس ان بيت جي مخصوص حوالي جي قطعي يادگيري نه هئي. شاعر شاهه لطيف سندن تحت الشعور ۾

هو. اهڙا شاعر ديوين ديوتائن وانگر هوندا آهن. اهي تحت الشعور يا اَوِچيتن مان اُتي اچي زبان تي ويهندا آهن.

اهڙن ڪجھ شاعرن جي شاعريءَ ۾ quote-ability يا اقتباس پذيرائي هوندي آهي. چو هوندي آهي؟ ان ڳالھ تي سڀ ڪان پوءِ ايندا سين. هاڻي اسين اهو ڏسون ته اها وصف ڪهڙن لفظن ۾ ادا ٿيندي آهي. اوهين پنيان نظر ورائي ڏسو. جي سيد صاحب چيو، ”بقولِ شاھ لطيف: ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين...“ هن ”بقول“، لفظ جي لام اکر هينان زير ڏيئي بقولِ شاھ لطيف ۾ اضافت ڪم آندي ۽ ٻين لفظن ۾ چيو: ”شاھ لطيف جي قول موجب.“ ... ۽ هن بندي آکيو، ”شاھ لطيف جي چواڻي مان اوهان جي خدمت ۾ هڪ بيت نذر ڪريان ٿو، ”حبيبن هيڪار...“ ٻين لفظن ۾ اها ڳالھ اسين هيئن چئي سگهون ٿا ته انگريزي لفظ quote-ability لاءِ جي ايم سيد ”قول“ لفظ ۽ مون ”چواڻي“ لفظ ڪم آندو. متي ڪتي ان لاءِ ”اقتباس“ لفظ پڻ ڪم آيو آهي، پر اقتباس extract يا excerpt لاءِ ڪم آڻڻ گهرجي، quotation لاءِ نه، چاڪاڻ ته ان پنيان گهٽي تٽي باشعور ڪوشش هجي تي. ليڪن جڏهن ”چواڻي“ صحيح آهي ته پوءِ ”چوڻي“ صحيح چو ڪين آهي؟ ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جيئن چواڻي لفظ quotation جي معنىٰ ڇڏائي ٿو. اُتي ”چوڻي“ لفظ پهاڪي جي معنىٰ ۾ مروج تي ويو آهي. هاڻ ڪي چواڻيون ”چوڻيون“ جو درجو حاصل ڪن ٿيون، اهي پهاڪا تي وڃن ٿيون. ننڍي هوندي، سنڌي فائينل جي امتحان ۾ يا مئٽرڪ ۾ سنڌي وشيه واري پريکيا ۾ ڪنهن هڪ پهاڪي تي پڻ مضمون لکڻ لاءِ چيو ويندو هو ۽ مون کي ياد آهي ته هڪ امتحاني پيپر ۾ مون کي ”ڏک سکن جي سونهن، گهوريا ڏک سکن ري“ موضوع تي مضمون لکڻ لاءِ چيو ويو هو. خود مون پنهنجي اڏ يا پڪي زماني ۾ هاءِ اسڪول يا بي اي جي سنڌي وديارٿين لاءِ پيپر ڪيندي ان وشيه تي مضمون لکڻ لاءِ پئي چيو آهي. اهو ته تازو، وڏي عمر ۾ پتو لڳو اٿم ته جنهن کي مون خالص ”چوڻي“ سمجهيو هو، سا حقيقت ۾ شاھ لطيف جي چواڻي آهي، جا اڳتي هلي موجوده زماني ۾ چوڻي تي پيئي آهي. ائين ئي هڪ دفعي شاھ جي رسالي جا پنا اٿلائيندي سر حسيني جي داستان ڇهين جي آخرين بيت تي نظر پيم ته ڏٺم، لکيل هو:

"ڏک سکن جي سونهن، گھوريا ڏک سکن ري،
جنِين جيءَ ورونهن، سجڻ آيو مان ڳري."

پوءِ تہ مون ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي پنيان ڏنل "شاهه مان چونڊ ماڻڪ موتي لال" عنوان سان فهرست تي نظر وڌي. اهو ڏسي گھڻو گھڻو عجب لڳم تہ اسين سنڌي لوڪ اُن فهرست مان ڪيتريون سٽون، شاهه لطيف جا ڪيترا قول، ڪيتريون چواڻيون، پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪم آڻيندا آهيون. واقعي انهن مان ڪيتريون چواڻيون، چوٽيون تي پيئون آهن. ڪي چواڻيون سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن جي ڪتابن جا نالا تي ڪتب اچي رهيون آهن. ١٣ جولاءِ ١٩٨٧ع تي جي ايم سيد صاحب پنهنجو ڪتاب "واڃٹ ويراڳين جا" مون کي سوکڙيءَ طور ڏنو. ان جو نالو شاهه لطيف جي سُر رامڪليءَ جي داستان پهرئين جي ٻن بيتن (نمبر ٨ ۽ ٩) جي آڌار تي رکيل آهي. بيت نمبر ٩ هيٺينءَ ريت آهي:

واڃٹ ويراڳين جا، مون وٽ وڏو مال،
مقالن مهند ٿيا، ڪونهي وٽن قال،
حاصل جنين حال، آئون نہ جئندي اُن ري.

جي ايم سيد صاحب ئي پنهنجي ان ڪتاب جو نالو شاهه لطيف جي چواڻيءَ تي ڏنو آهي، بلڪ بيشمار سنڌي شاعرن ليکڪن جهڙوڪ (وري بہ مثالن طور) شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، گوبند مالهي، موتي پرڪاش، وينا شرنگي پڻ پنهنجن ڪتابن جا نالا شاهه لطيف جي چواڻين تي ڏنا آهن. شيخ اياز جو "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، نارائڻ شيام جو "آڇيندي لڄ مران"، هري دلگير جو "موج ڪئي مهراڻ"، گوبند مالهيءَ جو "ديسي سيڻ ڪجن"، موتي پرڪاش جو "سي سپ سانديم ساهه سين"، ڪلا پرڪاش جو "جي هينئڙي منجهه هُرن"، وينا شرنگيءَ جو "ڪچان تان ڪافر" وغيره اهڙا ڪتاب آهن، جن ۾ نثر، نظم، ناول ۽ سفرناما اچي وڃن ٿا.

جتي شاعر ۽ ليکڪ ائين ڪن ٿا، اُتي وري ڪي ودوان پنهنجن (لکيل يا مرتب ڪيل) ڪتابن ۾ شاهه لطيف جون چواڻيون Epigrams يا مهاڳي اقتباس طور ڪم آڻين ٿا. هتي هڪ ٻئي ٻئنڪ ۾ لکيل، هن مضمون ۾ ڪجهه بہ مڪمل ناهي. سڀ ڪجهه مثالي آهي. خدا جي خدائي پڻ مثالي

Gul Hayat Institute

آهي ۽ اسين سڀ ان ۾ species يا نمونا آهيون. سو اچو تہ شاهہ لطيف جي هڪ چواڻي، هڪ مثال طور ڏسون:

ڪلياڻ آڏواڻيءَ پنهنجي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي (١٩٥٨ع) ۾ هينين سٽ Epigrams طور ڪم آندي آهي:

"دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس."

.. ۽ واقعي، سندس اهو رسالو هن دنيا ۾ سندس واس يا سڳنڌ ٿي رهيو آهي.

سوکڙيءَ طور ملندڙ ڪتابن ۾ اُهي ڪتاب پڻ اچي وڃن ٿا، جن جا دلدار خريدار پنهنجن دوستن کي اُهي ڪتاب ڏيڻ/ڊاڪ رستي موڪلڻ کان اڳ انهن جي سر ورقن تي پنهنجي سڪ ڀريل سنيهي ۾ شاهہ لطيف کي ياد ڪن ٿا. سندس شاعريءَ مان ڪا نہ ڪا سٽ لکن ٿا. سنڌ جي اديب رڪيل مورائيءَ، هند جي اديب لڇمڻ ڪومل لاءِ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب "اسان جو ڳوٺ جعفر خان لغاري" (١٩٩٨ع) خريد ڪيو ۽ ان جي سر ورق تي هينيون سنيهو درج ڪيو، "دادا لڇمڻ ڪومل لاءِ، ڀٽائيءَ جي هن سٽ سان:

"ڪو ڳنڍيندڙ هوءِ، تہ ٿريت پراڻي نہ ٿئي."

رڪيل مورائي، ڪراچي، ٢٥ جون، ١٩٩٩ع.

ان قسم جا پڻ انيڪ مثال ملندا.

مون پنهنجي جيون ۽ ساهت تي ٿنيان نظر ورائي، تہ ڏٺم: اُن ۾ شاهہ لطيف جي رسالي مان هينيون سٽون ڪم آندل هيون:

اڪ التي ڏار، ونءُ اُلٽو عام سين.
اندر تون اجار، ٿنا پڙهندين ڪيترا؟
آئون ڪئن سوڙين سمهان؟ مون وڙُ گهاري وله.
آئون ڪئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان؟
ٻڪ وڏائون ٻگرين، جوڳي ڪندا جڄ.
ٻيا در تن حرام، ايءُ در جنين ديکيو.
ٽتيءَ ٽڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي.

Gul Hayat Institute

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي.

پنھون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور ھئا.

جھڙا اڇن ڏينھڙا، تھڙا ويني گھار.

جي ليلائي نہ لھين، تہ پڻ ليلائيج.

جيءُ سپ ڪنھن جيءَ سين، درسن ڌارون ڌار.

جيڏو تنھنجو نانءُ، ٻاجھ بہ اوڏيائي مڱان.

ڏات ناھي ذات تي، جو وھي سو لھي.

ڏک سکن جي سونھن، گھوريا سک ڏکن ري.

سپيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم.

سنھيءَ سئيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساھ.

سندو واريءَ ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو؟

عاشق زھر پياڪ، وھ ڏسي وھسن گھڻو.

ڪا مونھين ۾ گھٽ، نات سڄڻ سڀاجھا گھڻو.

ڪنور پاڙون پاتار ۾، پنور پري آڪاس.

ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.

لھرن لک لباس، پاٽيءَ پسڻ ھيڪڙو.

محروم ئي مري ويا، ماھر تي نہ مئا.

مرڻ! مون سين ھل، تہ پنيءَ تو پنڌ ڪريان!

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نہ مات.

نيرانا ئي نيڻ، نيئي آڇ پرين ڪي.

ورُ سا سُجي ويڙھ، جنھن ۾ سڄڻ ھيڪڙو.

وکر سو وھاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي.

ھوءَ جا پائين پير ۾، تنھن جُتيءَ نہ جيھي.

Gul Hayat Institute

هيڏا هاجا ٿين، بُري هن ڀنڀور ۾.

يار سڏائي سڀ ڪو، جاني زباني.

انهن مان ڪيترين سٽون جدا جدا هنڌن تي ڪيل منهنجين تقريرن ۾ يا الڳ الڳ وقتن تي پنهنجن دوستن ۽ رشتيدارن ڏانهن لکيل خطن ۾ شامل ٿيل هيون. اهي ڪل ملائي ٣٣ سٽون مون کي ڏاڍيون پريه رهيون آهن. اهڙيءَ طرح ٻين کي انهن ٣٣ سٽن مان پڻ ڪن سٽن کان سواءِ ٻيون گهٽيئي سٽون پياريون رهيون هونديون. اسان سيني سنڌين جي جيون درشتي شاهه لطيف جي اهڙين سٽن مان نهي آهي. مون ڏنو، مٿي ڪٿي ذڪر ڪيل ”شاهه مان چونڊ“ ماڻڪ، موتي، لال واري فهرست مان ٣٠ سٽون منهنجيءَ ان فهرست ۾ دوهرايل آهن. ارٽات، اِڪائي ۽ ڏهائيءَ جي ٻن جڳهين تي ساڳيو انگ ٣ آهي. ۽ اڪائيءَ وارو انگ ٣ منهنجن پيارين ٽن سٽن ڏانهن ۽ ڏهائيءَ وارو انگ ٣ منهنجين ۽ ٻين سيني جي پيارين سٽن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. خاص منهنجين ٽن سٽن وارا ٽي بيت آهن:

سنهيءَ سئيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساهه،
ويـنـي سـاريان سـومـرا! گـولاڙا ۽ گاهه،
هنئون منهنجو هت ٿيو، هت متي ۽ ماهه،
پـڪـن منجهه پساهه، قالب آهي ڪـوٽ ۾.

(سُر مارئي، داستان ٧، بيت ١٢)

محروم ئي مري ويا، ماهر تي نه مئا،
چڙيءَ جيـئن چهنج هٽي، لڏيائون لُئا،
حباب ئي هـئـا، انهيءَ واديءَ وچ ۾.

(سُر آسا، داستان ۴، بيت ٣)

مون سڏيندي سڏڙا، ساٿي سڏ نه ڏين،
ولهيءَ جي وٿاڻ تـي، توڏ نه تنوارين،
هيـڏا هاجا ٿـين، بـري هـن ڀـنڀور ۾.

(سُر حسيني، داستان ۴، بيت ١٠)

هاڻي مان پنهنجي اڳ ۾ ڪيل واعدي مطابق ان سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس ته شاهه لطيف جهڙن ڪجهه شاعرن جي شاعريءَ ۾ quote-

Gul Hayat Institute

ability يا اقتباس پذيرائي چو هوندي آهي؟ اميد تہ هيستائين ايندي اوهان ڪان شاهہ لطيف جو هينيون اُهو بيت نہ وسريو هوندو، جو مون ١٣ جولاءِ ١٩٨٧ع تي جي ايم سيد صاحب جي نذر ڪيو هو:

حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪِئو،
سو مون سپ ڄمار، اورڻ اهو ئي ٿيو!

جي ايم سيد سان گفتگوءَ جي حوالي ۾ ان بيت جي هڪدم واري تڪڙي معنىٰ اها نڪري ٿي تہ هن صاحب هڪوار مهر وچان مون کي پنهنجو ٻڌايو تہ مون لاءِ اُهو اهڙو اهم واقعو هو، جنهن جو پنهنجي باقي حياتيءَ ۾ بار بار ذڪر ڪرڻ مون لاءِ سياويڪ ٿي پيو آهي. اها معنىٰ موجوده حوالي ۾ منهنجو نڪتہ نگاهہ ڪان ڪهڙي معنىٰ ۾ آهي. ليڪن جنهن شاعر شاهہ لطيف اهو بيت چيو آهي، تنهن شاعر شاهہ لطيف جي نڪتہ نگاهہ ۾ ڪهڙي معنىٰ آهي؟ اها معنىٰ ڪافي اونهي آهي ۽ ڪافي وسيع آهي. اُن ۾ اونهائي ۽ وسعت ٻيئي وصفون آهن. شاهہ لطيف چوي ٿو تہ جنهن شخص سچ جو مشاهدو ماڻيو آهي، تہ ان شخص لاءِ اهو مشاهدو زندگي جي انيڪ استٿيئن (حالتن طريقن) مان ليااڪا پائي ٿو. انيڪ استٿيئن سان لاڳو هجي ٿو. هڪوار زندگيءَ جي سچ تائين رسائين زندگيءَ جي جدا جدا صورتحالن سان ثابت قدم رهي وابستہ هجي ٿي. اسان کي مشاهدي ماڻيندڙ جا قول زندگيءَ جي نانا (گوناگون) استٿيئن سان نهڪندڙ لڳن ٿا.

***

Gul Hayat Institute

ڪريم بخش خالد

# آيتون آهين...

(الف-بي وار چوند پهاڪا ۽ چوڻيون)

شاھ لطيف جو رسالو، سنڌ جي تاريخ جو ثقافتي ماخذ آهي. سنڌي معاشرت جو منجهس مانداڻ آهي ۽ زبان جو ايترو وسيع ۽ ڪثير ذخيرو، جو شايد دنيا جي ڪنهن به شاعر جي ڪلام ۾ ايترا محاورا، ضرب الامثال، پهاڪا، وقت سر ۽ موضوع جي مطابق دلي مدعا بيان ڪرڻ لاءِ معياري ادبي فقرا ملي سگهن، پر افسوس آهي جو سنڌي زبان ازل کان جغرافيہ حدبندين جو شڪار رهندي پئي آئي آهي، ان ڪري ان جي سمجهڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جو دائرو بہ محدود رهيو ۽ ان جي حدبنديءَ جو اثر مشرق جي شاعر اعلیٰ شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس پيغام تي بہ پيو.

سال ١٩٦٢ع ۾ مرتب ڪيل ڪتاب ”گلستان لطيف“ ۾ رسالي جو انتخاب شامل ڪيو هيم ۽ هن پيري رسالي جي ادبي سمنڊ مان ڪي جرڪندڙ ۽ آبدار موتي پيش ڪريان ٿو. هن انتخاب ۾ پاڪيزو، صحتمند ۽ افادي ادب آهي، زبان جون خوبيون آهن، من جون مرادون، طلب ڪرڻ جون دعائون آهن، انساني قدرن جي اپٽار آهي، اخلاق جا آئينا آهن، عبديت جي اظهار ۽ قادر جي ڪارسازي قدرت ۽ ڪرم گستريءَ جا لافاني نڪتا آهن.

اها حقيقت آهي تہ ”رسالي“ جو هن قسم جو الف بي وار آئينو، محترم ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مرتب ڪيل ”رسالي“ ۾ شامل آهي، پر مون ان ۾ نہ فقط اضافا ڪيا آهن پر ترتيب ۾ اهڙي تبديلي آندي آهي، جو موجوده صورت ۾، اهو آئينو هر رسالي جي نسخي مان مطلوبہ بيت ڳولهڻ ۾ معاون ثابت ٿي سگهي ٿو. چراغ مان چراغ روشن ٿيندو آهي. اميد اٿم تہ ڪو اهل علم ۽ صاحب قلم ان کي وڌيڪ تابناڪ ۽ ڪارآمد بنائڻ جو سعيو ڪندو.

Gul Hayat Institute

## (الف)


| | | |
|---|---|---|
| ابو ڏاڏو ڳهور، پاڻ سوڌو پرينءَ تان. | ليلا چنيسر | ۱۴-۳ |
| اِيي اوسڙان اس ۾، جھليو ڪن ڪنار. | گھاتو | ۸-۱ |
| اتي اٽتارن، ساھڙ! سير لنگھاءِ تون. | سهڻي | ۱۱-۲ |
| اتي وينديس آئون، لوئيءَ لڄ متي ڪري. | مارئي | ۸-۲ |
| اتي اسارا! وير وڙھنديءَ ويسرا. | سريراڳ | ۲-۵ |
| انئي پھر اجل جو، ڪنڌو منجھ ڪپار. | سورٺ | ۱۵-۲ |
| اجل ايندءِ اوچتو، جو سدا تو سُجي. | سريراڳ | ۴- وائي |
| اڄ آديسي مر! صباح مرندو سڀ ڪو. | رامڪلي | ۱۲-۹ |
| اڄ ڪِ سنجھ صباح، نيئي ڏرينڊءِ ڏوڙ ۾. | مومل راڻو | ۳-۵ |
| اڄ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا. | سارنگ | ۳-۳ |
| اچي سار لھيج، ساجن سور تماري آئون ماري. | يمن ڪلياڻ | ۲-وائي |
| ادب ۾ اخلاص جا، سڙھ ٻڌج سوري. | سريراڳ | ۱۱-٦ |
| آدم تائين اپيو، هوءِ جا ڪجي منجھان ڪڌ. | رپ | ۱-وائي |
| آدمين اِخلاصُ، مثائي مانو ڪيو. | بروو سنڌي | ۴-۳ |
| آديسين ادب، آھي اڪڙين جو. | رامڪلي | ۱۲-۷ |
| اڌر، نڌر، اپري، اسونهين آهيان. | آبري | ۱-۸ |
| آڌر لڳ الله، ويلو ڪر مَ وچ ۾. | پورب | ۲-۱ |
| آريون ابوجھن جون، سپڙ جام سھي. | پرياتي | ۱۰-۱ |
| آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو. | ليلا چنيسر | ۲۲-۲ |
| آسر هڏ مَ لاھ، چنڻ ڳِنڊڻ اُن جو. | ڪلياڻ | ۱۸-۳ |
| اسين سِڪون جن ڪي، سي تان اسين پاڻ. | آسا | ۸-۴ |
| اڪ التي ڏار، ونءُ التو عام سين. | آسا | ۲۱-۲ |
| اکر پڙھ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار. | يمن ڪلياڻ | ۲۹-۵ |
| اکيون سي ئي ڏار، جن سين پسين پرينءَ ڪي. | آسا | ۲۳-۲ |
| اکين ڪي آهين، عجب جھڙيون عادتون. | آسا | ٦-۲ |
| اکين ڪي آهين، وڏا وجھ وڙھڻ جا. | آسا | ۱۷-۲ |
| اکين ۾ تي ويھ، تہ آئون واري ڏِڪيان. | آسا | ۱۴-۳ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| آگو عيب اوھان جا، ڍڪيا ڳجھ ٻجھي. | سريراڳ | ۴-وائي |
| اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي. | يمن ڪلياڻ | ۸-۱۶ |
| اگھيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ تي. | سريراڳ | ۴-۱۱ |
| اگھن مڙي اڄ، ڪيو سڌ صحت ڪي. | يمن ڪلياڻ | ۲-۱۹ |
| الا! اڄن اوءِ، جن آئي من سَرھو ٿئي. | ديسي | ۳-۵ |
| الا! ڏاھي مَ ٿيان، ڏاھيون ڏک ڏسن. | ليلا چنيسر | ۲-٦ |
| الله جئن نالوءِ، تئن مون وڏو آسرو. | ڏھر | ۲-۱۸ |
| الڙي آچ مَ تون، واتاڙن وائي. | يمن ڪلياڻ | ۱-۸ |
| الوداع، ووا الوداع، جاني ڪيوءِ جدا! | سورٺ | ۴-وائي |
| امل پانئيان ان ڪي، ساڄن مون ڪي جا چئي. | معذوري | ۵-وائي |
| امن آھي ان ڪي، جو منجھ الله اجھي. | سريراڳ | ۴-وائي |
| اِن در سيئي اگھيا، جن وڃايو وجود. | سريراڳ | ۱-وائي |
| انت نہ ڏجي عام ڪي، لوڪان ڪجي لڪ! | سريراڳ | ٦-وائي |
| اندر آئينو ڪري، پر ۾ سو پسيج. | سھڻي | ۷-۱۲ |
| اَندرُ تون اُجار، پنا پڙھندين ڪيترا! | يمن ڪلياڻ | ۵-۲۹ |
| اندر جنين اُڄ، پاڻي اُجيو ان ڪي. | سسئي آبري | ۱-۸ |
| انڌا، اونڌا، آڪڙيا، سڀ نباھي نيندو. | بلاول | ۴-وائي |
| انڌو ٿي پسيج، مشاھدو محبوب جو. | ڪاھوڙي | ۳-۱٦ |
| انين جا امر، ڪڻ تہ خالي نہ ٿئين. | سريراڳ | ۱-۱ |
| اَڻ چوندن مَ چئہ، چوندن چيو وسار. | يمن ڪلياڻ | ۸-۲۱ |
| اوڏايان اوڏو گھڻو، ڪھڙا ڪرئين سڌ. | رپ | ۱-وائي |
| اوڳڻ، عيب، مَنايون، ڍولا! ڍڪ سيپيئي. | ليلا چنيسر | ۱-وائي |
| اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس، داسڙا! | ليلا چنيسر | ۳-٦ |
| اول آخر آھي، ھلڻ مُنھنجو ھوت ڏي. | ڪلياڻ | ۱-۱ |
| اوليءَ ۾، عبداللطيف چئي، سڄڻ ڏيندو سڏ! | رپ | ۱-وائي |
| اونائيج عليل جو، سباجھا! سوال. | سورٺ | ۲-۱۰ |
| اھل اباڻن ڪي، مري شال ملھائيان! | مارئي | ۳-۸ |
| آھي اگھاڙين ڪي، جانب جو جنسار. | حسيني | ۲-وائي |
| آھي انگ امل، ماٺ تنھنجي مينڌرا! | مومل راڻو | ۸-۱۹ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| آهي گهٽو اگهن جو، ترس طبيبن. | يمن ڪلياڻ | ۲-۴ |
| آهي موت مڙن تي، گوڙيون ڪيو گجي. | سريراڳ | ۴-وائي |
| آهيان گهٽو اجاڻ، پر، پليرا سپرين! | سهڻي | ۸-۲۲ |
| آئون اوهان جي آهيان، بندي بي سمر. | حسيني | ۱۰-۱۳ |
| آئون پيادي پنئين، نماڻي نٽر. | ديسي | ۵-۱۲ |
| آئون جنين جي آهيان، ڪڙي مَ تيان تن. | يمن ڪلياڻ | ۵-وائي |
| آئون ڪئن سوڙين سمهان، مون ور گهاري ول. | مارئي | ۳-۱۳ |
| آئون ڪئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان؟ | مارئي | ۳-۷ |
| آئون نماڻي نڪٽي، دمج تون دلدار. | ديسي | ۷-وائي |
| اِي اهو ئي ڪيل، ڪور پروڙي ڪين ڪي. | آسا | ۳-۲٦ |
| اِي نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائينِ سون تي. | مارئي | ۳-۱۱ |
| ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون. | ڪلياڻ | ۱-۲۰ |
| ايندم جان پيهي، تہ سڀ لاهيندم ڏڪڙا. | سامونڊي | ۱-۳۷ |

(ب)

| | | |
|---|---|---|
| بر ۾ بورائو، ڪڻ، پياري! پاڻ سين. | حسيني | ۱۲-۲۵ |
| برو هو پنيور، جو آرياڻيءَ اُجاريو. | حسيني | ۳-۱۱ |
| بک انين جي بکيا، ڏوڙ انين ڏوپ. | رامڪلي | ۹-۳٦ |
| بک وڏائون بگريين، جوڳي ڪندا جُجَ. | رامڪلي | ۹-۱ |
| بغل منجھ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا. | ڏهر | ۴-۱۸ |

(ٻ)

| | | |
|---|---|---|
| ٻَڌ توڪل جو ترهو، آهر ساڻ الله. | سهڻي | ۷-۹ |
| ٻڌي گوڏ گرت، ساٿو ڪجي سور جو. | حسيني | ٦-۳ |
| ٻڪي ڏيندم ٻاجھ جي، اڇي شال عجيب. | ڪلياڻ | ۴-وائي |
| ٻاروچا ٻيا گهڻا، منهنجو اڃھو آرياڻي. | حسيني | ۱۲-۲۷ |
| ٻيا در تن حرام، اي در جنين ديکيو. | ڪلياڻ | ۳-۹ |
| ٻيا در وڃي مَ ووڙ، اي امل اتائين سپجي. | ڪلياڻ | ۵-۸ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٻِيائيءَ کي ٻِک، جن وڏو سي ورسيا. | ڪلياڻ | ١-١٢ |
| ٻيڙي تنهنجي ٻاجهه، وکر تنهن وصال جو. | سريراڳ | ٣-٦ |
| ٻيڙي پراڻي، وکر پاءِ مَ وترو. | سريراڳ | ٣-٧ |

## (پ)

| | | |
|---|---|---|
| پڄي آئين پڄڻا! لڄائيءَ مون يار! | ڪيڏارو | ٣-١٢ |
| پڳي پڄاڻان، پڌ مان پري ٿيو. | سريراڳ | ٤-١٧ |
| پنگا جنين پينگ، صاحب تنين سامهون. | رامڪلي | ٩-٤ |
| پليو سڀ پنيور، جو پنيءَ هوت نه هليو. | حسيني | ٣-٩ |
| پيرو پچ مَ ڪاپڙي! لاهي وهه مَ لاڳ. | مومل راڻو | ٧-٤ |

## (ت)

| | | |
|---|---|---|
| تان ڪي ڏونگر ڏوريان، جان ڪڙهه اندر ساهه! | سامونڊي | ١-وائي |
| تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو ترهو. | سريراڳ | ٦-١ |
| تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي. | حسيني | ٢-١٨ |
| تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪريو ان کي. | يمن ڪلياڻ | ١-٤ |
| ترهو تنين ٻار، عشق جنين کي آڪرو. | سهڻي | ١-٣١ |
| تن تسبيح، من مڻيو، دل دنبورو جن. | آسا | ٤-٤٧ |
| تن جنين جي تانگهه، سي سڄڻ سفر هليا. | سامونڊي | ١-٢٥ |
| تن منجهه تنوار، هو! يار! سدا آهي سڪ جي. | سسئي آبري | ١-وائي |
| ته ڪهٽيءَ ڪبو ڪوهه، جه رهٽيءَ رهيو نه سپرين. | يمن ڪلياڻ | ٥-٣٠ |
| تو تيڏانهن پنڌ، جيڏانهن عالم آسرو. | ڪنڀات | ٢-٦ |
| تو تي لڄ لطيف چئي، آهي سندي عام. | سسئي | ٦-٧ |
| تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي. | ڪلياڻ | ٣-١٣ |
| تو جئن ڪري نه ڪوءِ، ٻُڇن سان ٻلايون. | سريراڳ | ٤-٣ |
| تو ور! وهون ڪيتريون، مون ور تون وري. | ليلا چنيسر | ٣-١٣ |
| توٻهه جي تاثير سين، ٽري ويا طوفان. | سريراڳ | ٢-٥ |
| تون اوڏر، تون اوڏڪو، تون اڄهو، تون اڳ. | بلاول | ٣-٣١ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| تون پارس آءٌ لوھ، جي سَجين، تہ سون ٿيان. | پرڀاتي | ١-٢٣ |
| تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا. | يمن ڪلياڻ | ١-١ |
| تون ڏئين، تون لاھئين، تون ئي ھادي رب. | يمن ڪلياڻ | ١-٣ |
| تون سپڙ، آءٌ سيڪڙو، تون صاحب، آءٌ سگ. | پرڀاتي | ١-٢٣ |
| تون سمو، آءٌ گندري، مون ۾ عيبن لک. | ڪاموڏ | ١-٥ |
| توٽي تڙئين تون، يا الاہ، تو در توءِ نہ ڇڏيان. | ڪنيات | ٢-وائي |
| توٽي لھين نہ پير، تو راحت آھ رڙھڻ ۾. | معذوري | ٤-٤ |
| تھڙا چاليھا نہ چاليھ، جھڙو پسڻ پرينءَ جو. | يمن ڪلياڻ | ٥-٣٣ |
| ترھو آچ مَ تن کي، جن عشق سين آگاھ. | سھڻي | ١-٣٣ |
| تڙ تڪڙ تار گھرڻ، ايءُ ڪاٽيارن ڪم. | سھڻي | ٣-١ |

**(ٿ)**

| | | |
|---|---|---|
| ٿي ٻانھي، پر اوئيون، لڏ مَ پسي لک. | معذوري | ٦-٩ |
| ٿيا نيڻ نھال، جنين دلبر ديکيو. | آسا | ٢-١١ |

**(ٽ)**

| | | |
|---|---|---|
| ٽڪ ونگي، ور گھٽا، ڪئا ڪجاڙو. | ڪاپائتي | ١-٢١ |
| ٽڪاٽا ۽ ٽول، وسھ، مون وھ ٿيا. | مومل راڻو | ٧-١ |
| ٽمو مَ نيٽاھ! تہ پير نھاريان پرينءَ جو. | معذوري | ٢-٦ |

Gul Hayat Institute

**(ٺ)**

| | | |
|---|---|---|
| ٺاڪر اڪيين ٺار، مٺئي تي ٺي مٺئين! | ليلا چنيسر | ١-٣ |

**(ث)**

| | | |
|---|---|---|
| ثابت لنگھيا سير، لھرين لوڏيا ڪينڪي. | سريراڳ | ٥-٩ |

**(پ)**

| | | |
|---|---|---|
| پاڇاھي نہ پاڙيان، سرتيون! سئيءَ ساڻ. | مارئي | ٧-١۴ |
| پاند مَ ڇڏج پرينءَ جو، پهين جو پاتار. | سهڻي | ٩-وائي |
| پاڻُ مَ ڪڍج پاڻ سين، وسيلا وسار. | سهڻي | ١-٣٦ |
| پاڙھين خلقي خوب، پاڙھين طالب تن جو. | ڪلياڻ | ١-١٧ |
| پاٽيءَ مٿي جھوپڙا، مورڪ اڄ مرن. | سسئي آبري | ١-٩ |
| پائي تراڙيءَ توريان، تہ ملڪ نہ تنھنجو مٽ. | مومل راڻو | ٦-١٦ |
| پائي ڪان ڪمان ۾، ميان! مار مَ مون. | يمن ڪلياڻ | ٦-١٠ |
| پايو منھن مونن ۾، غربت گذار. | يمن ڪلياڻ | ٨-٢١ |
| پتنگ چاھين پاڻ ڪي، پسي مچ ۾ موت. | يمن ڪلياڻ | ٣-١٢ |
| پٽون جي پاتار، ھنج تنين جو ھيرئون. | ڪارايل | ١-٣ |
| پڇڻ گھٽا پڇايا، تون پڇڻ ڪي پڇاءِ. | يمن ڪلياڻ | ٣-١٠ |
| پڇ پتنگن ڪان، سنديون ڪامڻ خبرون. | يمن ڪلياڻ | ٣-٩ |
| پڇن جي ميھار ڪي، پڇي سي ميھار. | سهڻي | ٢-٣١ |
| پِريان سندي پار جي، مڙئي منائي. | ڪلياڻ | ٣-١١ |
| پريم! تنھنجا پار، ڪھڙا چئي ڪھڙا چوان. | ڪلياڻ | ١-٢١ |
| پرين سي پسڻ، ٻئي جنين ٻوٿيون. | آسا | ٣-١ |
| پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لھين. | ڪلياڻ | ١-١٩ |
| پڙھيو تا پڙھن، ڪڙھن ڪين قلوب ۾. | يمن ڪلياڻ | ۵-٢٧ |
| پسي لھس نہ لڇيا، سڙيا مٿي سچ. | يمن ڪلياڻ | ٣-١٣ |
| پکن جي پِريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان. | مارئي | ٣-١١ |
| پکو پنھنجي پرينءَ لاءِ، سڀي ڪر ساڃو. | سارنگ | ۴-٩ |
| پنو سو پڙھن، جنھن ۾ پسن پرينءَ کي. | يمن ڪلياڻ | ۵-١٧ |
| پنھونءَ ڏاران پٻ ۾، ٻيلي ناھ ٻٽي. | سسئي آبري | ٧-وائي |
| پٽي جا پيرن جي، لڱن ڪي لايان. | ديسي | ٣-٧ |
| پھرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو. | ڪلياڻ | ٢-١٠ |
| پي پيالو اڄ جو، اڄ سين اڄ اجھاءِ. | سسئي آبري | ١-۵ |
| پيرين وجھي ھٿڙا، زاريون زور ڪريج. | مومل راڻو | ٦-وائي |
| پيڪن سوڏو پاڻ، گھر تڙ گھوريان پر تان. | مومل راڻو | ٦-١٣ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پيھي پن پاتار ۾، جت ڳڙھ گنگا جو راءِ. | بلاول | ١٥-٢ |
| پيھي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رھاڻ. | سسئي آبري | ٢-٥ |
| پئي جا پريات، سا ماڪ م پسئو ماٺيئا. | ڏھر | ١٦-٣ |

## (ق)

| | | |
|---|---|---|
| قتل سي قوڳي، جن شڪم سانديا. | رامڪلي | ١٦-٤ |
| قري آءُ فراق! مون ڪي وصالان وچ ٿيو. | حسيني | ١٢-٥ |
| قريا پسي قيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو. | ڏھر | ٢٠-٣ |
| قڪي فقيرن، ماڳيان پني ماٺ جي. | رامڪلي | ٨-٧ |
| قير مَ ھنئون ڪنڌ ڪياڙي، تينڌءِ ھاج ھتائين. | پرياتي | ١-وائي |

## (ج)

| | | |
|---|---|---|
| جا پر پاٽيءَ لوڻ، سا پر منھنجي جنڊڙي. | حسيني | ٦-٦ |
| جا جٺاري جوڳين، سا ماڙھڻ مصيبت. | رامڪلي | ٤-١٢ |
| جا چتايم چت ۾، سڄڻ سا تو ٻجھي. | ڪلياڻ | ١-وائي |
| جا سنھو نہ سڪي، سا مر رنديا ئي روڙي. | ڪاپائتي | ٢٩-١ |
| جا نوازي اھنجي نام، سا ھوت! مَ ڇڏج ھيڪلي. | سسئي آبري | ٧-٦ |
| جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناہ سُجودُ. | آسا | ١٢-١ |
| جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنوھار سين. | مارئي | الف م-١٧ |
| جان جئين تان جل، ڪانھي جاءِ جلڻ ري. | حسيني | ١٧-٢ |
| جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار. | سارنگ | ٤-١ |
| جاڳيا جي جبار لئہ، سيئي سمانا. | سريراڳ | ١-وائي |
| جايون، ڳل، جبات، وڻ، تو رءُ ڪوماڻا! | مومل راڻو | ١٠-٧ |
| جت ڪڙم نہ قبيلا، ات رسج، رھبر! راھ ۾. | سسئي آبري | ٩-٢ |
| جتي پرينءَ حضور، تتي، رنگ نہ روپ ڪو. | ڪاھوڙي | ١٥-٣ |
| جتي عرش نہ اپ ڪو، زمين ناہ ذرو. | رامڪلي | ٥٥-٩ |
| جر ٿر تڪ تنوار، وڻ ٽڻ وائي ھيڪڙي. | سھڻي | ١-٩ |
| جسي ۾ جبار جو، خفي خيمي ڪوڙ. | يمن ڪلياڻ | ٨-٥ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| جفا ڏيئي جي ڪي، ٿي فڪر منجهه فنا. | سريراڳ | ١-وائي |
| جلي تون زبان سين، چار ئي پهر چور. | يمن ڪلياڻ | ٥-٨ |
| جن جي ساهڙ ساڻ صلاح، سي ڪين ڀڏنديون ڪڏهن. | سهڻي | ٧-٩ |
| جن ڪي حب انهين جي آ، ساهڙ ساٿي تن جو. | سهڻي | ٥-٤ |
| جن ڪي عشق جي اُسات، سي واهُڙ پانئن وڪڙي. | سهڻي | ٣-٤ |
| جن نہ ماري ميس، ناٽ نہ نمي تن ڪي. | رامڪلي | ٦-١٠ |
| جنهن ڪي ساڻ پريان جا سُور، تنهن ڪي ندي ناهه نگاهه ۾. | سهڻي | ٣-٢ |
| جنهن ڪي سڪ ساهڙ جي، سا گهايل، گهر نہ گهاري. | سهڻي | ٦-وائي |
| جنين ٽڪ نہ مالهه، سرهيون سي صراف سين. | ڪاپائتي | ١-٣٠ |
| جنين مٿي مامرا، سي ڪيئن سڪ سمهن. | | |
| جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو. | سسئي آبري | ٣-٨ |
| جو نوازي ڏڌ، آسر لاهه مَ ان جي. | رپ | ١-وائي |
| جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن. | سريراڳ | ٤-٤ |
| جهڙا اچن ڏينهنڙا، تهڙا ويني گهار. | مارئي | الف م-٥١ |
| جهڙو ڏسڻ ڏوهه ڪي، تهڙو تن ثواب. | رامڪلي | ٣-١٣ |
| جئن تا پچن ان ڪي، تئن جي پچن الله. | رامڪلي | ٩-٨ |
| جئن جئن ورق وارئين، تئن تئن ڏنو ڏوهه. | يمن ڪلياڻ | ٥-٣٠ |
| جئن جئن تا جهلين، تئن تئن تو تاڪيد ٿئي. | يمن ڪلياڻ | ٥-٣٠ |
| جئڻ ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏون. | ڪلياڻ | ٢-وائي |
| جئٽا اڳي جي جئا، جڳ جڳ سي جيئن. | معذوري | ٤-٨ |
| جي اوسيڙي آڏيءَ اٽن، تنين واڳ وري. | رامڪلي | ٤-وائي |
| جي تو بيت پانئيا، سي آيتون آهنِ. | سهڻي | ٦-٢٥ |
| جي تون آسايتو آئيو، تہ چائنٿ بي مَ چور. | بلاول | ٣-٨ |
| جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪين پيارو پيءُ. | رامڪلي | ٤-٧ |
| جي فارسي سکيو، گولو، توءِ غلام. | آسا | ٤-٢٣ |
| جي ساهڙ ڪي سڪن، تنين جر جند ٿئي. | سهڻي | ١-٣٢ |
| جي سمند منهن ڪيان، توءِ سرڪيائي نہ ٿئي. | سهڻي | ٦-١١ |
| جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار. | آسا | ٢-٢١ |
| جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج. | ليلا چنيسر | ٥-٣٣ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| جي ماسو جڙيئي مال، تہ پوڄارا! پر ٿئين. | سريراڳ | ٢-٣ |
| جي ورق وارين ويهه، تہ اکر اهو ئي هيڪڙو. | يمن ڪلياڻ | ٥-٣٣ |
| جي هٿان هوت مڙن، هوت تنين جي هنج ۾. | معذوري | ٦-١۴ |
| جي هوا اوڳڻ ڪنئي، اسونهين! تہ تون ڳڻان ئي ڳڻ. | يمن ڪلياڻ | ٨-١٠ |
| جي هو چونس”ٻوڏ!“ تہ ”جي“ سڏائي جڳ ڪي. | حسيني | ٢-٣٢ |
| جيءُ سپ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار. | ڪلياڻ | ١-٢١ |
| جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون. | ڪلياڻ | ١-٢٠ |
| جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ ٻہ اوڏيائي مڱان. | ڏهر | ٢-٢٣ |
| جيڪي ڏنائون، سو سر ڏيئي سهہ جندڙي! | يمن ڪلياڻ | ٨-٩ |
| جيڪي طالب تات جا، تات ٻہ تنين وٽ. | حسيني | ١٠-٢٢ |
| جيڪي فراقان، سو وصالان نہ ٿئي. | حسيني | ٥-١١ |
| جيڪي منجهہ جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي. | سريراڳ | ٢-١ |
| جيڪي وهي وجود ۾، صاحب سو سمجهي. | سريراڳ | ۴-وائي |
| جيهي جي تيهي، تہ ٻہ ٻانهي ٻاروچن جي. | ڪوهياري | ٣-٨ |

(ڃ)

| | | |
|---|---|---|
| ڃاڻين تہ ٻہ نہ ڃاڻ، اي در ابوجهن جو. | پرڀاتي | ١-١۴ |

(جهہ)

| | | |
|---|---|---|
| جهيڻو ڳالهائيج، پيرين وجهي هٿڙا. | ڪنڀات | ٢-٥ |

Gul Hayat Institute

(چ)

| | | |
|---|---|---|
| چُپ سين جي چوَن، ادب ڪجي ان جو. | مومل راڻو | ٨-١٣ |
| چڪيم چڱائي، سورانگهي سوريءَ تان. | ڪلياڻ | ٢-١ |
| چڱا ڪن چڱايون، مَنايون مَنن. | سريراڳ | ۴-۴ |
| چميو، چُرُ چائث، هوءَ جا سندي سجٽين. | ساموندي | ١-۴۴ |
| چند! تنهنجي ذات، پاڙيان تان نہ پرينءَ سين. | ڪنڀات | ١-١۴ |
| چوندن ڪيم چئيج، ويڙ ورائي سامهون. | يمن ڪلياڻ | ٨-٢٠ |

| | | |
|---|---|---|
| چوڻ چارو ناھ ڪو، بديون بيشمار. | سريراڳ | ١٢-٢ |

## (چ)

| | | |
|---|---|---|
| چيون چير ڪٽ، پھڻ پٽراٽيون پانيان. | حسيني | ٥-٥ |
| چڙ آسانگا ارواح جا، لاھوتي لاھي. | يمن ڪلياڻ | ١٨-٦ |
| چلان، منجھ نہ چاڪ، پران، پونم پرڪٽا. | سسئي آبري | ١٨-٤ |
| چنديان ڪِہ اکين سين، پيرين وجھان ھٿ. | ليلان چنيسر | ٣-وائي |
| چنن توءِ مَ چن، پاءِ اميري ان سين. | يمن ڪلياڻ | ١٠-٨ |

## (ح)

| | | |
|---|---|---|
| حاذق آھئين جو، اڇين شال، عجيب. | سسئي آبري | ٤-وائي |
| حال قربان، مال قربان، گھوريان لداٽو. | مومل راڻو | ١٦-٥ |
| حقيقت ھن حال جي، جي ظاھر ڪريان ذري. | ڪوھياري | ٥-٥ |
| حوصلو، حيرت ۾، ڪري ڪين درڪ. | آسا | ٢٧-٣ |

## (خ)

| | | |
|---|---|---|
| خاص خليلن ڪي، سختيون سھائي. | ڪيڏارو | ١٠-٢ |
| خاڪ، مٽي ڪابان، ڪاٽيا پوءِ ڪجھ نھين. | سورٺ | ٥-٤ |
| خالق! تنھنجي ڪانڌ جو، پرو پاند نہ ڪوءِ. | ڏھر | ١٨-٢ |
| خالق! چؤ مَ تون، مَ ڪي چؤ مخلوق. | ڪلياڻ | ١٤-١ |
| خدمت ڪر خلق سين، پاند ڳچيءَ ۾ پائي. | آسا | ٤-وائي |

Gul Hayat Institute

## (د)

| | | |
|---|---|---|
| دائم دونھين دل ۾، من سين مالھا وار. | رامڪلي | ٩-٤ |
| در داتا مگ، مگتا! ٻئي جي ڪڍ مَ ڪاڻ. | بلاول | ١٣-٢ |
| دلبر! ھن دنيا ۾، وجي رھندو واس. | بروو سنڌي | ١٤-١ |
| دل جو دلبر ھيڪڙو، گھڻا تان نہ ڪجن. | بروو سنڌي | ٧-٣ |
| دنيا تنھن دوست تان، فدا ڪريان في الحال. | بروو سنڌي | ١٤-١ |

| | | |
|---|---|---|
| دوس! منا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين. | سارنگ | ۱۲-۴ |
| دوست ڪُھائي دادلا، محب مارائي. | ڪيڏارو | ۱۰-۲ |
| ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪھڙا پرين. | ديسي | ۱۲-۱ |

(ڌ)

| | | |
|---|---|---|
| ڌريان ئي ڌاريا، مٺ مئيءَ جا نہ ٿيا. | ديسي | ۱۳-۱ |
| ڌوڌا! ٿيءُ مَ ڌار جم. | يمن ڪلياڻ | ۱۸-۳ |

(ڏ)

| | | |
|---|---|---|
| ڏات نہ آھي ذات تي، جو وھي سو لھي. | پرڀاتي | ۱۰-۱ |
| ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙئي مڱڻا. | پرڀاتي | ۲٦-۱ |
| ڏڌ تي ڏان گھريج تون، ڇڏ وڃا وڃائي. | پرڀاتي | ۱۵-۱ |
| ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد ٻنين جي ھيڪڙي. | حسيني | ۲۴-۱۹ |
| ڏک سکن جي سونھن، گھوريا سک ڏکن ري! | حسيني | ۲۴-٦ |
| ڏکي! ڏک وسار، سيج ڦٽي ڪر، سسئي. | معذوري | ٦-٦ |
| ڏمريو تہ ڏئي، پرچي تان پاٽ پري. | بلاول | ۱٦-۲ |
| ڏوريان ڏوريان مَ لھان! شال مَ ملان ھوت! | حسيني | ۱-۷ |
| ڏينھن مڙيئي ڏون، اتي لوچ لطيف چئي. | مومل راڻو | ۴-۵ |
| ڏينھان گھارئين ڏم سان، راتيان ساڻ ملھار. | | |

(ڊ)

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڊجان پر فراق، متان پونم پرينءَ سين. | حسيني | ۱۰-۵ |
| ڊجي ڊاءِ ڏٺي، جي، جيڪو پيءُ پجي. | سريراڳ | ۴-وائي |

(ڍ)

| | | |
|---|---|---|
| ڍَڪين ڍڪٺار! ڏيئي پاند پناھ جو. | ڏھر | ۲۵-۲ |
| ڍڪي، ڍول! گذار، لڄ منھنجي لوڪ ۾. | ليلا چنيسر | ۹-۳ |
| ڍولا! ڍيل مَ مون، ڪانڌ! ڪميڻي آھيان. | ليلا چنيسر | ۱۰-۳ |

| | | |
|---|---|---|
| ڊولي ڊڪي آھيان، ھيس اگھاڙي. | مومل راڻو | ٨-٩ |
| ڊوليا! ڊڪڻ تيءُ! ڪامل! ڪچاين جو. | مومل راڻو | ٨-٨ |

## (ذ)

| | | |
|---|---|---|
| ذوق زمانو، مون، ور! ويو وسري. | سسئي آبري | ١٠-٨ |

## (ر)

| | | |
|---|---|---|
| راتيان جاڳڻ، صاحب سنيالڻ، اي فقيران دا ڪام. | يمن ڪلياڻ | ٦-وائي |
| راتيان ڏينھن روح ۾، تن تونھين جي تات. | مومل راڻو | ٨-وائي |
| راڻا! ھيس ريءَ، تو سائينءَ مون سون ڪيو. | مومل راڻو | ٨-٨ |
| رتيءَ علم نہ راس، ڏاران پسڻ پرينءَ جي. | سسئي آبري | ٨-٥ |
| رءَ ٿنيين، رءَ توٽي، تون چپر، تون چانءَ. | ڏھر | ٢-٢٣ |
| رئان، تان راند، ڪلان، تان ڪامي ھنيون. | حسيني | ٦-٨ |
| ري قريبن توت ڪيو، ويني ورھ مران. | ڪوھياري | ٥-١ |

## (ز)

| | | |
|---|---|---|
| زاريءَ ڏاران زور، ھلي ڪو نہ حبيب سين. | ديسي | ٤-١٨ |

## (س)

| | | |
|---|---|---|
| سا ڪا ھڙ ھلاءِ، آڳھ جنھن جي ايھين. | سريراڳ | ٣-٤ |
| سا مجلس ئي مَٽ، جي حاصل ھوءِ ھزار جو. | يمن ڪلياڻ | ٨-٢٣ |
| ساجن سونھن، سرت، وڪان ئي ويجھو گھٽو. | سسئي آبري | ٢-٢ |
| ساجڻ ترس ري، "لا" سين لڏين جي. | معذوري | ٢-٧ |
| ساجن سپ جمار، ڏُکي! ڏورج ڏيل ۾. | سسئي آبري | ٣-٢ |
| ساجن سينئان سھڻو، سائينءَ جو سوڳند. | بروو سنڌي | ١-وائي |
| سارج سيپئي، ليلا! لکڻ پانھنجا! | ليلا چنيسر | ٢-١٣ |
| ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو. | سريراڳ | ٢-٢ |
| ساري رات سبحان، سودو ڪن صاحب سين. | سريراڳ | ٢-٦ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ساهڙ چام سچو، ساٽي ٽيندم سير ۾. | سهڻي | ٣-٢ |
| ساهڙ، سا سهڻي، سائر پڻ سو ئي. | سهڻي | ٣۴-١ |
| سامي سو ئي، جنهن جي منهن ۾ منڊ! | رامڪلي | ٣-وائي |
| سائينم! سدائين، ڪرين مٿين سنڌ سڪار. | سارنگ | ١٢-۴ |
| ساٽي جنين سچ، ٻجهان سي نہ ٻجهنديون. | سهڻي | ١١-٧ |
| سائينءَ لڳ، ستار! ميٽ مدايون منهنجيون. | ليلا چنيسر | ٦-٣ |
| سٻاجهو ستار! ستڙ سيپيئي ڪري. | سريراڳ | ١٩-٢ |
| سٻر سيءُ پيو: نہ مون سوڙ، نہ گبرو. | رپ | ١٠-٢ |
| سپ ننگيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏيو لوپ. | معذوري | ٣-٢ |
| سپ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهي ٻيو ٻروچ ري. | سسئي آبري | ١۴-۵ |
| سيپئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم. | سريراڳ | ٢-۴ |
| سيپيئي سنئين ڪرين، ڪو مَ منجهائين واٽ! | سريراڳ | ١-۴ |
| ستا! اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري. | ڍهر | ٨-٣ |
| ستَرُ ڪر ستار، آئون اگهاڙي آهيان. | ڍهر | ۵٢-٢ |
| سٽ انين جو سڦرو، جي پر ۾ پچائين. | ڪاپائتي | - ٩ |
| سپيريان جي سونهن جو، نڪو قد نہ مڊُ. | آسا | ١-١ |
| سج، چنڊ نہ پاڙيان، سيڻن جي شبيهہ. | سارنگ | ٨-۴ |
| سڄڻ سنئيون ڪري، لوڪان ليڪي ونگيون. | آسا | ٢۴-٣ |
| سڄڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪؤڙا ٿين نہ ڪڏهن. | ڪنيات | ۵٢-٢ |
| سچ جنين جو سير، تن گر ويني ئي گڏيو. | رامڪلي | ١٦-۵ |
| سدا سانوڻ ڏينهڙا، هئڻ نہ هونداءِ. | سهڻي | ١٩-٣ |
| سدا شوق پرين جي، قران قيريدار. | پورب | ١-٢ |
| ستر منجهان سپرين! مون تان لاهي مَ هٿ. | ليلا چنيسر | ٣-وائي |
| سرجي تان سور، سامائي، تان سک ويا. | حسيني | ١٦-١ |
| سِر سانداڻ ڪري، پچج گهر لوهار جو. | يمن ڪلياڻ | ٢٠-٣ |
| سَر ۾ پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهہ. | ڪارايل | ١٨-١ |
| سرهيون سي سرتيون، حاضر پاسي حق. | مارئي | ١ م- ٢٣ |
| سسي ڏار ڏري، پچج پوءِ پريتڻو. | ڪلياڻ | ۴-٢ |
| سڪ سڪالي سڪ، سڪ نہ آهي ستري. | آسا | ١٧-٣ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| سڪڻ ۾ سُوري، ٻئي اکر هيڪڙي. | يمن ڪلياڻ | ٧-٧ |
| سڪيءَ ٻڌن جي، ساهڙ ساٽي تن جو. | سهڻي | ٢٣-٦ |
| سڪو سپن ڪان، سرتيون! ريت سڪڻ جي. | مارئي | ١٦-١٠ |
| سڪين ٿي مَ سنري، پسي ڏک مَ ڏر. | سسئي آبري | ١٥-١ |
| سَگهن سُڌَ نہ سُور جي، تہ گهايل ڪئن گهارين. | يمن ڪلياڻ | ٨١-١ |
| سلي سوريءَ چاڙهيا، بيان ڪن نہ بات. | يمن ڪلياڻ | ٨-٢ |
| سمر جنين نہ ساڻ، هوت حمائتي تن جو. | ديسي | ٥-٥ |
| سموري سرڪار، نيئي رکج ناهہ ۾. | سسئي آبري | ١٧-٧ |
| سمي جي سهاڳ جي، ڪنهين نہ ڪل پيئي. | بلاول | ٤-٢ |
| سنجهي مون نہ سنياليو، صبح ساريم سور. | ديسي | ٩-٤ |
| سندو واري ڪوٺ، اڏيو اڏبو ڪيترو؟ | ڏهر | ٥٢-٤ |
| سنها پانءِ مَ سپ، وياءَ واسينگ جا. | ڪارايل | ٣-٢ |
| سنئين نہ سياڻان، ناهہ اتيئي ان سان. | رپ | ٦-٢ |
| سنئين سوالي سمگٽا، تو، داتا! ڏيئي دان. | سسئي آبري | وائي-٨ |
| سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو. | ڪلياڻ | ١٨-١ |
| سو پڪي، سو پچرو، سو سَرُ، سو ئي هنج. | ڪارايل | ١-٢ |
| سو هيءُ، سو هو، سو اجل، سو الله. | ڪلياڻ | ٨-١ |
| سوڍا تو ڳر ساهہ، نات راڻا گهٽا راڄ ۾. | مومل راڻو | ١٥-٧ |
| سُور! مَ متج ساءُ، آءٌ نہ وڪني آهيان. | حسيني | ١٢-٦ |
| سورهَ! مرين سوب ڪي، تہ دل جا وهم وسار. | ڪيڏارو | ٥-٥ |
| سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو. | ڪلياڻ | ٢-٢ |
| سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، اِيءُ ڪم عاشقن. | ڪلياڻ | ٨-٢ |
| سو ئي عين عذاب، سو ئي راحت روح جي. | ڪلياڻ | ٦-٣ |
| سهہ سيڪا آر، آگي جي ادب سين. | رامڪلي | ٥-٤ |
| سهہ سيارو، پاٽي پارو، جت جهڙ، جهڪ ۾ جهول. | سهڻي | ١٥-٣ |
| سَهسين سائر ٻوڙيون، مُنڌ ٻوڙيو مهراڻ. | سهڻي | ١٨-٦ |
| سهسين شڪرانہ، ڪوڙين پال ڪريم جا. | سريراڳ | ١-وائي |
| سهين جئن سانداڻ، ڏکن متي ڏڪڙا. | يمن ڪلياڻ | ٢١-٣ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| سئين وهن سير ۾، ماڻڪ، موتي لال. | سريراڳ | ٢-٣ |
| سي ستا ئي سونهن، نند عبادت جن جي. | آسا | ٤-٤٨ |
| سي مر سجائي سونهن، جن پلي پينگ پرم ۾. | مومل راڻو | ٨-٢٥ |
| سيويو جن سبحان، وير نہ وڙهي تن سين. | سريراڳ | ٢-٥ |

## (ش)

| | | |
|---|---|---|
| شال مَ ڇجي نينهن، ڪِهڙان، گهوريو چندڙو. | سهڻي | ٦-١٥ |
| شڪر، مليا سپرين! جيئري، جاني يار! | بروو سنڌي | ٣-٥ |

## (ص)

| | | |
|---|---|---|
| صاحبَ تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺيسون. | ڏهر | ٢-١٩ |
| صباح سو نہ شمار ۾، ليکيان جو اڄ لاتو. | سهڻي | ١-م وائي |
| صبر جي شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام. | رامڪلي | ٤-٤ |
| صحبت سپرين جي، مني آهي منائي. | رامڪلي | ٦-وائي |

## (ض)

| | | |
|---|---|---|
| ضايع ذرو نہ ٿئي، لکئي منجهان لک. | معذوري | ٦-وائي |

## (ط)

| | | |
|---|---|---|
| طعنا ڏنم تور، آءُ، تہ پرچون پاڻ ۾. | مومل راڻو | ٦-١١ |
| طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پين اڄ. | رامڪلي | ٩- |
| طهورا تڙين کي، پاندپ پياريندو. | بلاول | ٤-وائي |

## (ظ)

| | | |
|---|---|---|
| ظاهر ۾ زاني، فڪر منجھ فنا ٿيا. | يمن ڪلياڻ | ٥-١٦ |
| ظلمت جا زمين جي، سا نرمل! نور ڪريج. | ديسي | ٧-١٦ |

Gul Hayat Institute

## (ع)

| | | |
|---|---|---|
| عدل ڇتان آءٌ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو. | سريراڳ | ١-٢ |
| عاشق اَجل سامهان، اُونچي ڳاٽ اچن. | ڪلياڻ | ١٦-٣ |
| عاشق ڇوءِ مَ ان ڪي، مَ ڪي ڇوءِ معشوق. | ڪلياڻ | ١۴-١ |
| عاشق زهر پياڪ، وِھ ڏسي وهسن گهٽو. | ڪلياڻ | ١٣-٢ |
| عمر سپ عبث، ويل وڃايم، وقت وڃايم سپ پانهنجا. | سريراڳ | ۵-وائي |
| عشق اهڙي ذات، جو مانجهي منجهائي. | بروو سنڌي | ١-٣ |
| عشق نہ آهي راند، تہ ڪي ڪنس ڳيرو. | يمن ڪلياڻ | ١٩-٦ |
| عَقُل، مَت، شرم: ٿيئي نينهن نهوڙيا. | سهڻي | ١-٣ |
| عيبن پري آهيان، ستر ڪج، ستار! | مارئي | ٨-وائي |

## (غ)

| | | |
|---|---|---|
| غافل! غفلت ڇوڙ! تون ڪيئن اٺاسي! اوجهرين؟ | ڪوهياري | ۵-١ |

## (ف)

| | | |
|---|---|---|
| فردا مون ڦٽي ڪئي، وعدي ڏي نہ وهان. | معذوري | ١-٦ |
| فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور. | ڪلياڻ | ٨-۵ |
| فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٽ مطالع ڪن. | يمن ڪلياڻ | ١٧-۵ |
| فنا وجهي فم ۾، ڪارڻ تي ڪباب. | سهڻي | ١-وائي |
| فاني ني فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو. | بروو سنڌي | ٨-٢ |
| فناءِ فراق جوءِ، سامين ڇڪيو ساءُ. | رامڪلي | ٦-٨ |

## (ق)

| | | |
|---|---|---|
| قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهِ قديم. | ڪلياڻ | ١-١ |
| قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو. | سريراڳ | ٢-۴ |
| قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري. | ڪوهياري | ١-وائي |

Gul Hayat Institute

## (ڪ)

| | | |
|---|---|---|
| ڪامونهين ۾ گهٽ، نات سڄڻ سڀاجها گهٽا. | سامونڊي | ٣-٤ |
| ڪاتي تکي م ٿئي، مر منيائي هوءِ. | ڪلياڻ | ٢-١٢ |
| ڪاري رات اڇو ڏينهن، اي صفتان نور. | ڪاهوڙي | ٣-١٥ |
| ڪتان سکيين سپرين ڪاسائکي ڪار. | بروو سنڌي | ٣-١٠ |
| ڪڄاڙو ڪهان؟ تو ڪي حال معلوم سيڪا. | ڏهر | ٢-٢٣ |
| ڪچ ڪمايوم ڪوڙ، پڳم عهد الله جا. | سريراڳ | ١-٨ |
| ڪڏهن اچان، اچڻ نه لهان، ڪڏهن ڪونيو نين. | بروو سنڌي | ١-١٨ |
| ڪڏهن پئجي ڳَن تي، ڪڏهن تجي واتُ. | سسئي آبري | ١١-٥ |
| ڪڍ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ. | سريراڳ | ١-٩ |
| ڪڍ ڪائي ڪچ ڪي، ڪوڙ ڪمائيج. | سريراڳ | ١-٤ |
| ڪرم ساڻ ڪريم جي، سپ لنگهندا پار. | بروو سنڌي | ٢-وائي |
| ڪر ڪو واڪو وس، وهه مَ مُنڌ پنيور ۾. | سسئي آبري | ٨-١٥ |
| ڪُسڻ جو قرار، اصل امامن سين. | ڪيڏارو | ١-٩ |
| ڪُسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو. | ڪلياڻ | ٣-١٦ |
| ڪنڌ ڪتارو، منهن وٽي، عادت سندين اي. | يمن ڪلياڻ | ٤-١٨ |
| ڪنڌيءَ اييون ڪيترين، ساهڙ ساهڙ ڪن. | سهڻي | ١-٩ |
| ڪنهن کي ڏيان ڏانهن؟ قلم قضا وهايو. | سهڻي | ٩-٩ |
| ڪو در ناهه جهوءِ، مون ٻيا در گهٽا نهاريا. | ڏهر | ٢-٢٢ |
| ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، گهڙي سو ٿئي. | گهاتو | ١-٣ |
| ڪوني کهي سپرين، ڪوني کهڻ ساڻ. | ڪلياڻ | ٣-١٧ |
| ڪونيو ڪنگالن ڪي، ڏئي دلاسا در. | بلاول | ٣-٩ |
| ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سِر سڀ ڪنهين. | بروو سنڌي | ٢-٨ |
| ڪوڙ ڪمائيءَ ڪچ، اتي اور الله سين. | سريراڳ | ١-٩ |
| ڪوڙي دنيا، ڪوڙا پسارا، ڏينهن مڙيئي ڏون. | پورب | ٢-وائي |
| ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، لکن لک هزار. | ڪلياڻ | ١-٢١ |
| ڪوڙين پچن ڪيچ، هوت نه پچن هٿهين. | سسئي آبري | ٣-١٠ |
| ڪونج نه لکيو ٻاڻ، جو ماريءَ سندي من ۾. | ڏهر | ٤-١٦ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪؤنر پاڙون پاتار ۾، پؤنر پري آڪاس. | ڪاراڻ | ۱-۲۲ |
| ڪونھي ات ڪوھيارو، جت تو، پوري! پانئيو. | سسئي آبري | ۳-۳ |
| ڪونھي ڪميٽيءَ جو، بگر تو بلو. | ڏھر | ۲-۲۴ |
| ڪھڙي پڇين ذات؟ جي آيا، سي اگھيا. | مومل راڻو | ۹-۵ |
| ڪھن ۽ ڪونين، اي پر سندي سڄڻين. | ڪلياڻ | ۳-۲۱ |
| ڪي انھين منجھ آھي، ھو جي جھونا پسجن جھوپڙا. آسا | | ۴-وائي |
| ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين. | بروو سنڌي | ۱-۱۲ |
| ڪي چڙھن نہ چت تي، ڪي وسرن نہ مور. | | |
| ڪي تران ڪي تارمون، ڪي سگھان ڪي سگھ. سھڻي | | ۹-۱۹ |
| ڪيچ تنين ڪي ڪوٺ، جنين جي ڪڇ ۾. | معذوري | ۲-۱۱ |
| ڪين ساڱا ھيم، سپرين! جاڙون ڪيم جال. | مومل راڻو | ۸-۱۴ |
| ڪي سمھ، ڪي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري. | ڏھر | ۴-۱ |

## (ڪ)

| | | |
|---|---|---|
| ڪامان، پڃان، پڃران، ليان ۽ لوچان. | سھڻي | ۶-۱۱ |
| ڪتين جي ھارائين، ھنڌ تنھنجو ھيءُ. | ڪلياڻ | ۱-۱۱ |
| ڪر! ڪمندن ڪتيو، ھارايو ھوڙن. | يمن ڪلياڻ | ۸-۱۴ |
| ڪڻ تون قوت قبر جو، گھٽو تو گھرجي. | سريراڳ | ۴-وائي |

## (گ)

| | | |
|---|---|---|
| گولا جي گراھ جا، جُونا سي جوڳي. | رامڪلي | ۲-۱۶ |
| گولا جي گولن جا، تن جو تيءُ غلام. | رامڪلي | ۴-۴ |
| گولاڙا ۽ گگريون، اوچڻ اباٽن. | مارئي | ۳-۱۵ |
| گولي ٿيان گل بوءِ، جي مون نيو پاڻ سين. | ديسي | ۳-۵ |

## (ڳ)

| | | |
|---|---|---|
| ڳجھو ڳالھائي، پرت وتجي پاڻ ۾. | ڪلياڻ | ۸-۱ |
| ڳرن ۾ ڳرھيج، روئي ڪج مَ پڌرا. | رپ | ۱-۹ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڳڻيو ڳڻيان ڪيتريون، وڏيون وڏا پاءِ. | سهڻي | ۱-م وائي |

## (گهہ)

| | | |
|---|---|---|
| گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي تهار. | سهڻي | ۱-۱۵ |
| گهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿيئي. | سهڻي | ۵-۴ |
| گهوريو سو سهاڳ، جنهن ۾ پسين پاڻ ڪي. | ليلا چنيسر | ۲-۱۲ |
| گهوڙن ۽ گهوٽن، جئڻ تورا ڏينهڙا. | ڪيڏارو | ۳-۷ |

## (ل)

| | | |
|---|---|---|
| ”لا“ سين اتي لڏ، ”ڪين“ رساٽي ڪيچ ڪي. | معذوري | ۲-۱۰ |
| لائي چت چريو ڪري، پاڻ ڪڍي وئن پوءِ. | بروو سنڌي | ۱-۱۰ |
| لائي خنجر ”لا“ جو، هيءَ خچر ڪي هڻ. | معذوري | ۲-۸ |
| لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪا نہ. | سريراڳ | ۲-۱ |
| لطف سان لنگهاءِ، لهرو لهرن وچ مان. | سريراڳ | ۱-۱۰ |
| لَڪ لهي تي لوڏ، جيجان تن جتن جي. | ديسي | ۳-۱۰ |
| لکيو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙي نہ ٿئي. | معذوري | ۵-۸ |
| لڳيءَ جو لطيف چئي، نڪو قال نہ قيل. | بروو سنڌي | ۱-۸ |
| لوڪان لڪي سڀ ڪو، لڪان لڪي ڪو نہ. | آسا | ۴-۶ |
| لھ ساهڙ! سنيارون، تہ لهرن لوڏي نہ مران. | سهڻي | ۲-۱۰ |
| لهرن لک لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو. | سهڻي | ۹-۳ |
| ليلا لچ مَ ايترو، اتي اڳڻ سور. | ليلا چنيسر | ۳-۱۴ |
| ليلا ليلائيج، اٿيئي ماڳ منت جو. | ليلا چنيسر | ۲-۲۱ |

Gul Hayat Institute

## (م)

| | | |
|---|---|---|
| مَ ڪر ڍول! ڍلو، ناتو نماڻيءَ سين. | ڏهر | ۳-۲۴ |
| مَ ڪي روءُ، مَ رڙ ڪي، هنجون هڏ مَ هار! | مارئي | ۱- م ۵۰ |
| مَ ڪي هيج، مَ هوج، ترس مَ تاڻ جهاز ڪي. | سريراڳ | ۶-۱۰ |
| ماڙهو گهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين. | بروو سنڌي | ۱-۱۴ |

| | | |
|---|---|---|
| ماڻڪ موتي مال خزينا، ڏيندءِ ٻيلي سائين. | پرڀاتي | وائي-١ |
| متان ٿئين ملور، ڪين اڳاهون آهيان. | حسيني | ١٩-٢۴ |
| متو آهين مڇ، ٿلهو ٿيو تونا هٽين. | ڏهر | - ١۴ |
| منو جئن نالوءِ، تئن مون وڏو آسرو. | ڏهر | ٢-٢٢ |
| مني! تي مسڪين، همت هوت وڃايو. | سسئي آبري | ٧-١٨ |
| محب منهنجا سپرين! آٿيئي الله. | سارنگ | ٣-٧ |
| محبت سندو من ۾، ماڻڪ! ٻار مچ. | سريراڳ | ١-٩ |
| محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن. | ڪاپائتي | ١-١٧ |
| مرڻ! مون سين هل، تہ پنيءَ تو پند ڪيان. | معذوري | ۴-٩ |
| مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نہ ماتِ. | معذوري | ۴-٧ |
| مرڻا منهن مَ موڙ، وڃي تي وڏ لهي. | يمن ڪلياڻ | ۴-٢٠ |
| مِڙيا مڃ هزار، پاڳا ٿيندي سهٽي. | | |
| مري جيءُ، تہ ماڻيين، جانب جو جمال. | معذوري | ۴-١ |
| مگ تنهن ڪان مگڻا، جو ڏيهاڙي تو ڏئي. | پرڀاتي | ١-١٩ |
| ملڪ مارو جي آهيان، جور نہ ٿيان جوءِ. | مارئي | ۴-٨ |
| ملڪ مڙيو منصور، ڪُهي ڪُهندين ڪيترا؟ | سهڻي | ٩-٢ |
| منهنجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو. | ديسي | ٦-١ |
| منهنجي مداين جي، ڳل پريان پيئي. | ٻروو سنڌي | ٣-٨ |
| منهن تہ موسيٰ جهڙو، عادت ۾ ابليس. | آسا | ۴-١٦ |
| موت نہ مند آهي، تائب ٿيو تڪڙا. | آسا | وائي-٣ |
| موتي جي مهراڻ جا، پورا ڇٽج پنج. | ڪارايل | ١-٢١ |
| موتي مران مَ ماءِ! موٽڻ ڪان اڳي مران. | سسئي آبري | ۴-٢۴ |
| مون ٻيا در گهڻا نهاريا، آهين تون ئي تون. | ڪنيات | وائي-٢ |
| مون تان لاهه مَ هٿ، ڪامل ڏٺي ڪاڪ جا. | مومل راڻو | ۴-١١ |
| مون ڪي مون پرينِ، ٻڌي وڏو ٻار ۾. | آسا | ۴-٣٨ |
| مون ڪي ڪا مَ جهلي، سڀ ڪا پاڻُ پلي. | سهڻي | وائي-۴ |
| مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي تو ڪي لڳي. | يمن ڪلياڻ | ٦-١٠ |
| مون نماڻيءَ جي نجهري، پيرو ڪج پتار! | ديسي | ١-١ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مينهان ۽ نينهان، ٻئي اکر هيڪڙي. | سارنگ | ٢-٦ |
| مينهن منڊائتا وسڻا، سدا وَسين تون. | پرڀاتي | ١-٢٦ |
| مينهون هن ملهار جون، الا! سڀ ٻچن. | سهڻي | ٤-١٩ |

(ن)

| | | |
|---|---|---|
| نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها. | آسا | ١-٨ |
| نہ ڪي ڪٽن پاڻ سين، نڪو ساٽن پاڻ. | رامڪلي | ١-٣٦ |
| نہ مون هڙ نہ هنج ڪي، جو آءٌ چئي چڙهان. | سامونڊي | ٤-١ |
| نہ وارث، نہ ولهو، نہ سڱ، نہ سياڪو. | مومل راڻو | ٦-١ |
| نااُميدي نيج، تہ اوڏي ٿئين اُميد کي. | سسئي آبري | ١-١٢ |
| نابوديءَ نيئي، عبد کي اعلیٰ ڪيو. | آسا | ١-١٣ |
| ناز منجهاران نڪري، جڏهہ پري ڪري تو پنڌ. | بروو سنڌي | ٢-٦ |
| نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو. | سسئي آبري | ٣-٩ |
| ناهه جمعيت جان کي، هوت پڄاڻان هت. | سسئي آبري | ١٠-١٣ |
| نوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جهان ۾. | رامڪلي | - ١ |
| نڪا بوءِ بزار ۾، نڪا چلر چٽ. | گهاتو | ١-١١ |
| نڪو ناهه ڪلهي ڪري، هو مَ هوندن جيئن. | رامڪلي | ٣-٥ |
| نمي ڪمي نهار تون، ڏامر وڏو ڏک. | يمن ڪلياڻ | ٨-١١ |
| نندان نياڳن ڪي، اوپالا اڇن. | ڪوهياري | ١-١٠ |
| نهائينءَ ڪان نينهن، سک منهنجا سُپرين! | رپ | ٢-١٥ |
| نيڻ سقيلا سپرين، پنور پرون پالا. | بروو سنڌي | ٢-٩ |
| نيرا نائي نيڻ، نيئي آڇ پرين کي. | آسا | ٢-٥ |

(و)

| | | |
|---|---|---|
| واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهہ. | مارئي | ٦-١٢ |
| والي ڪج وڙ ڪو، تہ بار لنگهيان ٻاجهہ سين. | سهڻي | ٢-٨ |
| وٺ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو. | بروو سنڌي | ١-١ |
| وڃائي وجود کي، پاڻان پاسي ٿيءُ. | رامڪلي | ٤-١١ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| وڃي رس وڄڻ کي، وڄڻ پڻ وڃاءِ! | آسا | ۵-۴ |
| وڃين ٿو وڏڪار؟ هٿ نہ ڳولهئين هوت کي. | سسئي آبري | ۹-۳ |
| وڏي سگهہ سنڌياءِ، ٻاجهن پريو آهين. | ڏهر | ۲۱-۲ |
| وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، پهت انين جي پر. | ڪلياڻ | ۲۱-۲ |
| وَر سا سڄي، ويڙهہ، جنهن ۾ سڄڻ هيڪڙو. | ڪاھوڙي | ۱۳-۳ |
| وَر لڪن جي لوڏ، گهوريا سک پنيور جا! | حسيني | ۳۱-۱٦ |
| وَرَ! مَ وساريج، آهيان تنهنجي آسري. | ديسي | ۱٦-۷ |
| وَر، واهن جا وسيل رس، رهبر! راھ ۾. | ڪوهياري | ۸-۴ |
| وس ويچاريءَ ناھ ڪو، تون آگاہ عرض اوناءِ. | سريراڳ | ۱۰-۱ |
| وسارج مَ ويڻ، جوين ٻہ ٽي ڏينهڙا. | يمن ڪلياڻ | ۵-وائي |
| وصل تنهن وڃايو، سينڌ سرمي سيئن. | معذوري | ٦-۲ |
| وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي. | سريراڳ | ۴-۳ |
| ولهون، ويلا واو، جوڳين جهليا جان ۾. | رامڪلي | ۲۰-۵ |
| وٽج وهائيج، سپ سوداگر! سچ جو. | سريراڳ | ۴-۱ |
| وهم وساريس، نات پنهون آءٌ پاڻ هئي. | سسئي آبري | ۸-۵ |
| ويا مور مري، هنجَ نہ رهيو هيڪڙو. | ڪارايل | ۲۹-۲ |
| ويا سي وينجهار، هيرو لعل وتڻين جي. | سريراڳ | ۱۲-۴ |
| وينو وڃج واٽ، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين. | مومل راڻو | ۲-۵ |
| ويني لکيو لوڙيان، جيڪي ڪيڙو مس! | سريراڳ | ۵-وائي |
| ويڄَ! مَ ٻُڪي ڏي، الا! چڱي مَ ٿيان. | يمن ڪلياڻ | ۱۳-۲ |
| ويهہ داتا جي در تي، لنگها! لاهي لڏ. | رپ | ۱-وائي |
| وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو. | ڪارايل | ۱۹-۱ |

Gul Hayat Institute

**(ھ)**

| | | |
|---|---|---|
| هاري هنئون مَ لوڏ، سکن چوندي سسيءَ. | حسيني | ۴۸-۱۲ |
| هٿ پڻ تنهنجو تڪيو، مهند پڻ مونهين ماڳ. | بلاول | ۱۳-۳ |
| هٿان ڪٽي هٿ جن رکيو، سي رسيون. | سسئي آبري | ۲-۲ |
| هتي جي هئڻ جون، وٿون سپ وسار. | سسئي آبري | ۱۷-۷ |

| | | |
|---|---|---|
| ھٿُ پريان جي ھٿ ۾، ٻئي ڪي ڏج مَ ٻانھن. | سھڻي | ٣-٨ |
| ھٿن سين ھاج ڪر، نيٽن سين نھار. | آسا | ٧-٤ |
| ھٿين، پيرين، مونڙئين، ھلج ساڻ ھِنئين. | معذوري | ٩-٥ |
| ھل ھيئين سين ھوت ڏي، سِسي ڪڻ مَ ساڻ. | سسئي آبري | ٦٥-٣ |
| ھلندي حبيبن ڏي، ويلو وچ نہ ڪجي. | سريراڳ | ٤-وائي |
| ھلڻ سھان نہ ھوت جو، وڃڻ مون نہ وس. | ڪوھياري | ٤-٤ |
| ھنج مڙيئي ھنج، ميرو منجھن ناھ ڪو. | ڪارايل | ٢٧-١ |
| ھو چونئي، تو مَ چؤ، واتان ورائي. | يمن ڪلياڻ | ١٦-٨ |
| ھوت تنھنجي ھنج ۾، پڇين ڪوھ پھي؟ | سسئي آبري | ١٢-٥ |
| ھوندجنين سين ھوءِ، ھوت نہ ھوندو تن سين. | معذوري | ٩-٢ |
| ھونديان ھوت پري، اوڏو آءُ اڻ ھوند ڪي. | معذوري | ٧-٢ |
| ھوءَ جا پائين پير ۾، تنھن جتيءَ نہ جيھي. | ڪوھياري | ٨-٣ |
| ھوءَ جاگھوري گھوٽ جي، تنھن ڪي چري چون. | حسيني | ٢٨-١٢ |
| ھٽڻ، ھڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجھيان اي مرڪ. | ڪيڏارو | ٣-٣ |
| ھيءَ ھڏو ءِ چَمُ، ٻِڪ پريان جي نہ پڙي. | ڪلياڻ | ٣٠-٢ |
| ھيڪري ھئڻ چڏ، تہ اوڏي ٿئين عجيب ڪي. | سسئي آبري | ١١-٥ |

(ي)

| | | |
|---|---|---|
| يار سڄڻ جي فراق، ڙي جيڏيون آءُ ماري. | يمن ڪلياڻ | ٨-وائي |
| يار سڏائي سڀ ڪو، جاني! زباني. | بروو سنڌي | ٣-٣ |

Gul Hayat Institute

***

سيد اظھر گيلاني

# شاھ ۽ پھاڪا

ظاهري طرح سان پهاڪو، هڪ ننڍي چوٽي آهي. جيڪڏهن غور و فڪر ڪبو ته ان ۾ وڏو راز سمايل نظر ايندو. پهاڪي ۾ نادر نڪتا ۽ نصيحت آميز ڳالهيون ملن ٿيون، جن جي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ماڻهو تعجب ۾ اچيو وڃي. الله پاڪ انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو عطا فرمايو آهي. انسانيت جو دارومدار، عقل ۽ ادراڪ تي رکيل آهي. نادان ۽ بي سمجهه ماڻهو انهن پابندين ۽ پيچ و خم کان ٻاهر آهن.

بقول شاهه:

الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

جيڪڏهن گفتگوءَ جي دوران، جملي ۾ پهاڪو استعمال ٿيندو ته ان ۾ نئون روح پئجي ويندو. جڻ خطيب جي خطابت کي چار چنڊ لڳي ويا. قديم دور جا پهاڪا، ان دور جو آئينو آهن، جو ته انهن مان پراڻين ريتن ۽ رسمن، اخلاق ۽ ادب، مذهبي ۽ مِلي ڄاڻ ملي ٿي. ائين سمجهو ته پهاڪا انهيءَ سمي جي سڃاڻ ۽ تذڪر، تاريخ ۽ فلسفي جو معتبر ڪتاب آهن.

پهاڪو هر زبان ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. خاص طرح سان هندي ۽ سنڌي، اردو ۽ عربي زبان ۾ پهاڪن جو وڏو انگ ملي ٿو. عربي ۾ ان کي سائر، هندي ۾ ڪهاوتَ، اردو ۾ مثل ۽ سنڌيءَ ۾ پهاڪو ڪوٺيو ويندو آهي.

عربي پهاڪو ڪنهن وڏي واقعي جو ترجمان هوندو آهي. هنديءَ ۾ ڪنهن حقيقت سان وابستگي نظر ايندي. اردو ۾ به ڪنهن قصي ۽ ڪهاڻيءَ جي تصوير نظر ايندي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪنهن انقلاب جي عڪاسي هوندي آهي. چند مثال پيش ڪجن ٿا.

وقت جي قاضيءَ، حسين بن منصور حلاج کي ڪفر جي فتوىٰ ڏئي، ڪافر قرار ڏنو. فتوىٰ جي روشنيءَ ۾، ان کي دار جو سينگار بڻايو ويو. شاهه فرمايو:

Gul Hayat Institute

”ملڪ مڙيو ئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا!“

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. ڪلهوڙن جي فوج جا، مير سپه سالار هئا. انهن اهڙو انقلاب آندو جو ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي وئي. ان ۽ اهڙن واقعن لاءِ هن پهاڪي جنم ورتو:

## ”آيا مِير، پڳا پِير.“

ضرب الامثال قومي خيالات ۽ ملڪي حالات، صبر ۽ استقلال، سختي ۽ حڪومت، رنج ۽ راحت، رشڪ ۽ حسد، عصمت ۽ ترڪ عفصت، شوخي ۽ شرارت، مدهوشي ۽ رفاقت، تجربو ۽ عبرت، عدالت ۽ صداقت، عقل جي تربيت ۽ ڪيفيت، سادن ماڻهن جي بيداري، جوانن ڪي امتياز ۽ دانشمندي. ذي عقل ڪي نصيحت ڪرڻ ۽ عوام الناس جي ايمانداري ۽ بي ايمانيءَ جو حال بخوبي ظاهر ڪرڻ، گويا اهي ڪهاوتون ۽ چوڻيون، پهاڪا ۽ محاورا ملڪ جي ماڻهن لاءِ سمجهاڻيون ۽ حضرت سليمان جي فضائل جا دعويدار آهن. اڄ بہ ادبي ضرب خاني مان نوَن سڪن جي صورت ۾ پهاڪا جڙي ادبي دنيا ۾ ايندا رهن ٿا. شاھ صاحب جي رسالي ۾ جيترا پهاڪا ۽ محاورا آهن، ڪنهن بہ ادب ۽ زبان ۾ ايترو خزانو نہ ملندو.

ضرب المثال نچوڙ آ، حڪمت جو سربسر،
طول و طويل تجربه، الفاظ مختصر.

جيڪڏهن ڪو بہ ادبي ٽوبو، جنهن بہ وقت هن بحر ۾ ٽبندو، ان ڪي بي بها موتي ملندا.

ايءَ ڳت غواصن، جئن سمند سوجهيائون،
پيهي منجھ پاتال جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون: هيرا، لعل هٽن سين.

منهنجي چونڊ جو مدار پهاڪي ۽ محاوري تي رکيل آهي. مون شاھ صاحب جا اهي بيت چونڊيا آهن، جن ۾ پهاڪا ملن ٿا. انهن محاورن ڪي بہ منتخب ڪيو ويو آهي، جيڪي پهاڪي سان گهرو لاڳاپو رکندڙ آهن. جيڪڏهن شاھ صاحب جي ڪلام جو مطالعو دل جي اکين سان ڪيو ويندو تہ روح ڪي راحت ۽ تازگي حاصل ٿيندي. شاھ صاحب جي هر بيت جو آخري مصرع

Gul Hayat Institute

نهايت زوردار ۽ وزنائتو، گويا بيت جو نچوڙ ۽ مڪمل شرح هوندي آهي. اڪثر ڪري پهاڪو بہ ان ۾ جرڪندو نظر اچي ٿو. غور ڪبو تہ ٻيون مصراعون بہ محاوري ۽ پهاڪي ڪان خالي نہ آهن.

مون پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ پهاڪي واري مصرع کي ڏنگين ۾ رکي، ان جي ڪابي پاسي "پ" لکي آهي. اهڙيءَ طرح محواري لاءِ "م" جو اکر لکيو آهي. ڪجهہ مصرع اهڙا بہ آهن، جو ٻن جي ميلاپ سان پهاڪو ٺهي ٿو، ان جي سامهون } هي نشان آهي.

پهاڪي ۾ "اظهر" رکيل راز آهي،
ڪري ڪنهن حقيقت جي ٿو ترجماني.

(نموني جي طور تي، شاهہ جي ڪلام جون مصراعون يا بيت، جيڪي پهاڪي يا محاوري طور ڪتب اچن ٿا، فاضل مصنف سي پنهنجي مهاڳ اندر بہ ڏنا آهن. پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ، سي هيٺ ڏجن ٿا. مرتب)

## پهاڪي وارا بيت

"عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا، "پ"
منجهان سِڪ سَبيل، لعنتي لعل ٿيو."

(سر ڪلياڻ)

**"پرديسان پنڌُ ڪري، سُٺي آيس شانُ،** "م"
مَڱا کهڙي مَت سين، نسورو نادانُ،
"سو ڪو ڏياريم ڏانُ، جو طبع کي ترڪ ڪري." "پ"

(سر ڪلياڻ)

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرينءَ سين، } "پ"
تون اڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو.

(سر ڪنيات)

"تان ڪي لئنج ڪانگ، ڪڏهن ايندا مان گهر،" "پ"
"سڄڻ ڪارڻ سانگ، مون تان گهٽيئي ڪيا." "پ"

Gul Hayat Institute

(سر ساموندي)

”ڏونگر! مون مَ ڏکوءِ، آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان،“ ”پ“

”ساريان کو نہ سکوءِ، سور گهٽيئي سنبران.“ ”پ“

(سر کوهياري)

نوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جهان ۾،

”ٻري جن ٻاري“، آءٌ نہ جيئندس ان ريءَ. ”م“

(سر رامڪلي)

ايندا مان پس، مٿان سگر سُپرين،

”**ڪيچين ڪارڻ ڪاله، نيڻ نهارا مون ڪيا**“، ”م“

”ايندا پسان شال، اوتي آري جام جا.“ ”پ“

(سر ڏهر)

”**حسن مير حسين کي، رنو ٽن ٽولن**“ ”م“

گهر ماٺيئين، جهنگ مرونئين، اين ۾ ملڪن،

”پکين پاڻ پڇاڙيو، لڏيو هوت وڃن،“ ”پ“

”الله! شهزادن، سويون ڏئين سچا ڏٺي.“ ”پ“

(سر ڪيڏارو)

حر نہ موچاري ٽئين، جيئَڙُ آڏو جَتَ،

”هاري ڪري همت، ڏيئي دم دوست لهين.“ ”پ“

(سر معذوري)

Gul Hayat Institute

سٽي ساٽيهَ ڳالهڙي، لَهي ويا لوهہ،

اندر جا اندوهہ لٿا ڏُکَ سُک ٿيا. } ”پ“

(سر مارئي)

## ڀهاڪي واريون مصراعون

”اڪيون سيئي ڏار، جن سين پسين پرينءَ کي.“

”تتي ٿڌي ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي.“

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.“

”ڪاڏي ٿيو کوهيار، ڪاڏي ٿي هٿڙا ڪٽي.“

”عقل ڇٽان نہ آءُ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.“

”عقل، مت، شرم، ٿيئي نينهن نهوڙيا.“

”ملڪ مڙيو ئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا؟“

”جن جي ڪاڻ مئاس، سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا.“

”پکن منجهہ پساهہ، قالب آهي ڪوٽ ۾.“

”هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهہ پرياڻ.“

”جيهي جي تيهي، تہ ٻہ ٻانهي ٻاروچن جي.“

”وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪاڻيارن جو.“

***

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

# شاھ لطيف جي ڪلام ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا

شاھ عبداللطيف جي شاعريءَ جو مطالعو ڪندي، مان ان ويچار ۾ غلطان ٿي رهجي ويندو آهيان تہ ڪهڙو سبب آهي، جو شاھ جي ڪلام جي گونج، ان جي رسائي، ٻين هم فڪر سخنورن کان ججهي آهي. هم خيال هوندي بہ، شاھ جو ڪلام، پنهنجي الڳ انفراديت رکي ٿو. ڪهڙي سبب سندس ڪلام جو چقمقي اثر، دل تي هڪ ديرپا نقش تراشي ٿو ڇڏي. ڪهڙي باعث، شاھ جو ڪيترو ڪلام اصطلاحن ۽ پهاڪن ۾ تبديل ٿي ويو آهي. منهنجي نماڻي راءِ موجب اهو صرف هن جي انداز بيان جو ڪرشمو ناهي پر ان جي پٺيان شاھ جي ڪلام ۾ گهِري فڪر جو اعلىٰ نُڪتو ۽ حياتيءَ سان گهري وابستگي بہ آهي. شاھ جو ڪلام انساني فطرت، سياءَ جي پن پن حالتن جي بدلاءَ سان، الڳ الڳ ماحول ۾ نهڪي بيهي ٿو.

شاھ عبداللطيف هڪ وڏو عالم هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ ضرورت، موقعي ۽ مناسبت سان قرآني آيتون، حديثون، پهاڪا، چوڻيون بيحد فنائتي ۽ هنرمنديءَ سان ڪتب آنديون آهن. شاھ لطيف چوڻين ۽ پهاڪن کي پنهنجي ڪلام ۾ موتين وانگر جڙي پيش ڪيو آهي. شاھ لطيف وٽ اهو فن بي مثل هو، جنهن ڪيس پنهنجي همعصر شاعرن ۾ تمام اُوچو مقام ڏياريو. شاھ جو ڪلام سهڻي ادائگيءَ ۽ نئين اظهار بيان سبب، پڙهندڙن/ ٻڌندڙن جي دل ۽ دماغ تي چٽا نقش اياري، قبضو ڪيو ڇڏي.

شاعريءَ ۾ اصطلاحن ۽ پهاڪن کي وڏي اهميت حاصل آهي. شاعريءَ ۾ اهي لغوي معنىٰ کان هٽي، ڪنهن ٻي مفهوم ۾ اظهار پائيندا آهن.(١) شاعريءَ لاءِ محاوره يا اصطلاح هرويرو ضروري ناهن، پر هڪ شعوري قلمڪار انهن جو تز ۽ عمدو استعمال ڪري، شاعريءَ کي وڏيڪ زيبائتو بڻائي ٿو. شاھ سائينءَ بہ ائين ئي ڪيو آهي. هن اصطلاحن ۽ پهاڪن جي استعمال سان سنڌي زبان کي وڌيڪ شاهوڪار بڻايو آهي، ان کي سونهن

۽ سگهه عطا ڪئي آهي. شاهه لطيف عربي، فارسيءَ جي سٺي شناس رکندي به، سنڌي ٻوليءَ جو ئي استعمال ڪيو آهي. شاهه جي شاعري پنهنجي دور جي حالتن جي ڀرپور ترجماني ڪري ٿي. سوچ ۽ فڪر جي تيزي ۽ خيال جي گهرائي، شاهه جي شاعريءَ جون نمايان خصوصيتون آهن. شاهه پنهنجي ڪلام ۾ محاورن ۽ اصطلاحن جو ڪافي ماهريت سان استعمال ڪري، ڪلام کي نيون نيون معنائون عطا ڪيون آهن، رمزي ڪيفيت کي وسعت ڏني آهي. شاهه جي اصطلاحن جي استعمال پنيان سندس هوشمندي، جذباتي تپت، بلند شعور جي دور دراز ديد جي جهلڪ پسجي ٿي. منجهن فن ۽ فڪر به خوب آهي. هو پنهنجي احساس سان گڏ، پڙهندڙن جي احساسن کي به ساڻ ڪري هليو آهي.

شاهه جي ڪلام جي مقبوليت جو هڪ وڏو سبب، سندس عوامي شاعري آهي. هن عام ماڻهن جي احساسن، امنگن ۽ دلي ڪيفيتن جي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڀرپور تصويرڪشي ڪئي آهي. لطيف جيڪا زبان استعمال ڪئي آهي، سا بلڪل عام فهم آهي.

شاهه جي ڪلام ۾ لفظي خواهه معنوي ٻئي خوبيون سمايل آهن. شاهه وٽ لفظن جو وڏو ذخيرو آهي. شاهه جي ڪلام مان سنڌي زبان جي وسعت ۽ شاهوڪاريءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

شاهه عبداللطيف هڪ اعليٰ درجي جو وطن دوست هو. سندس حياتي ۽ شاعري حب الوطنيءَ جي فراوان شاهدي ڏين ٿا. شاهه لطيف جي دل ۾ سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي زبان لاءِ بي پناهه محبت هئي. شاهه جا ڪوڙ ٻول سنڌ-هند جي پڙهيل خواهه اڻ-پڙهيل ماڻهن جي چپن تي آهن، جو ته اهي سڌي-سنواٽي ۽ سباجهي ٻوليءَ ۾ چيل آهن. هن عوام سان سندن ٻوليءَ ۾ ڳالهايو آهي. شاهه جي ڪلام ۾ سنڌ جي عام ماڻهن، مزورن، هارين، ڪڙمين، ڏاٻين، مهاڻن، رازن، واڍن، ڪنڀارن جي جيڪا تصوير ملي ٿي، سا بلڪل حقيقي آهي. هن سنڌ جي درد کي محسوس ڪيو هو. هن ماڻهن جي احساسن، امنگن، جذبن، حسرتن سان هم-شريڪ ٿي، انهن کي اظهار ڏنو. هن ماڻهن جي دل جي ڌڙڪن کي محسوس ڪيو ۽ ان کي واڻي ڏني. هن جي هر هڪ لفظ ۾ معنيٰ ۽ مفهوم جا بي شمار رنگ سمايل آهن، معنويت جا بي شمار گوهر سلامت آهن. شاهه جا هينيان بيت، عام جام ٻڌبا آهن:

ستا اتي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي. (سر ڏاهر)

هڪ سندر نصيحت آميز نڪتو آهي.

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجھ بہ اوڏيائي مڱان،
ريءَ ٽنيين، ريءَ ٽوٽين، تون ڇپر، تون ڇانءَ،
ڪُڄاڙو ڪَهان؟ تو کي معلوم سڀ ڪا. (سر ڏاهر)

اڄ بہ ٻڌيون شاھ جو مٿيون ڪلام گنگنائينديون رهنديون آهن. مون پنهنجي امڙ جي واتان ڏک جي گهڙين ۾ شاھ جو مٿيون بيت نامعلوم ڪيترا دفعا ٻڌو هو. شاھ جا هينيان بيت بہ گهر گهر ۾ گونجن ٿا:

پائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان! مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي تو کي لڳي. (سُر يمن ڪلياڻ)

هو چوندي، تون مَ چئو، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي. (سُر يمن ڪلياڻ)

يارُ سڏائي سڀ ڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي تي ڪَلَ پوي. (سُر بروو سنڌي)

چڱن ساڻ چڱايون، اِئن سڀ ڪو هوءِ،
تو جِئن ڪري نہ ڪوءِ، ٻُڇَنِ سان ڀلايون. (سُر سريراڳ)

ڪُرُ ڪمندنِ ڪٽيو، هارايو هوڙن،
ڇڪيو نہ ڇُوندنِ، هو جو ساءُ صبر جو. (سُر يمن ڪلياڻ)

Gul Hayat Institute

تانگهي ۾ تاڙي، ٻَڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آٽي، ڪو نہ ڏيندءِ ڪو ٻيو. (سُر سريراڳ)

شاھ جو سمورو ڪلام، اصطلاحن ۽ چوڻين سان ڀريو پيو آهي. ڪهڙا مثال ڏيئي ڪهڙا مثال ڏيان! شاھ جي هينين گفتن تہ چوڻين جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي ۽ انهن جو استعمال عام جام پيو ٿئي:

عاشق زهر پياڪ، وِھُ ڏسي وِهسَنِ گهڻو. (سُر ڪلياڻ)

اکر پڙھ الف جو، ورق سڀ وسار. (سُر يمن ڪلياڻ)

عشق نہ آهي راند، ڪي ڪَنس ڳيرو. (سُر يمن ڪلياڻ)

نمي ڪمي نهار تون، ڏمر ڏولائو. (سُر يمن ڪلياڻ)

جيڪي منجھ جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لطف جي لطيف چي، تو وٽ ڪمي ڪا نہ،
عدل ڇٽان آنءُ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو. (سُر يمن ڪلياڻ)

وڪر سو وِهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي. (سُر يمن ڪلياڻ)

پُڇن جي ميهار ڪي، پڇي سي ميهار. (سُر سهڻي)

گهڙيا سي چَڙهيا، اِئين اٿئي. (سُر سهڻي)

لهرن لڪ لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو. (سُر سهڻي)

مَرِڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نہ ماتِ. (سُر معذوري)

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟ (سُر ديسي)

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ پير نہ لهين پرين جو. (سُر حسيني)

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري. (سُر حسيني)

پريان سندي پار جي، مڙئي منائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري. (سُر ڪلياڻ)

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي. (سُر پرڀاتي)

شمع باريندي شب، پرهہ باڪون ڪديون. (سُر مومل راڻو)

جي پايين جوڳي ٿيان، تہ سگ سيپيئي چن. (سُر رامڪلي)

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا. (سُر رامڪلي)

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهان ميٺ گهڻو. (سُر ڏاهر)

ڪَنور پاڙون پاتار ۾، پَوَنر پري آڪاس. (سُر ڪارايل)

Gul Hayat Institute

شاھ لطيف مٿين اصطلاحن ۾ ذري ۾ آفتاب يا قطري ۾ درياھ سمائي ڇڏيو آھي. انھيءَ وصف ڪي بلاغت چئبو آھي، جا شاھ ۾ ڪوٽ سمايل آھي. تنوير عباسيءَ چواڻي: ”شاھ وٽ اشارا ئي اشارا آھن. ھو جنھن بہ شيءِ جو ذڪر ٿو ڪري، اھو رڳو ذريعو آھي، سندس اظھار جو. اصل مقصد ان شيءِ جو ذڪر ڪرڻ نہ اٿس، پر اصل مقصد اٿس، ان شيءِ جي ذريعي ڪن آفاقي حقيقتن جي اظھار جو.“(٢)

شاھ عبداللطيف ھڪ عالمي پايي جو شاعر آھي. ھن تصوف يا روحانيت سان گڏ انسانيت، عالمي امن ۽ پائيچاري تي بہ زور ڏنو. شاھ جي ڪردارن پنيان روحاني رازن جا نڪتا سمايل آھن. مجازي عشق جي پردي ۾ حقيقي عشق جو اظھار آھي. شاھ جي ڪلام جي سرن ۾ روحاني راز تہ آھن ئي، پر اھا شاھ سائينءَ جي ڪلام جي وڏي خصوصيت آھي جو اھو دنيوي لحاظ کان بہ احساسن ۽ دلي ڪيفيتن سان ايترو پُر آھي جو اھو پنھنجي سِر مڪمل آھي. شاھ لطيف اصطلاحن ۽ پھاڪن ۾ ڪيترا ئي روحاني راز سليا آھن:

پڙاڏو سو سڏ، وَرُ وائيءَ جو جي لھين،
ھئا اڳھين گڏ، ٻُڌڻ ۾ بہ تيا. (سُر ڪلياڻ)

لھرن لک لباس، پاڻيءَ پسڻ ھيڪڙو. (سُر سھڻي)

شاھ لطيف منفرد انداز ۾ وحدۃ الوجود جي ڳالھ ٿو ڪري:

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪڙس ڳڙکيون،
جيڏانھن ڪريان پرک، تيڏانھن صاحب سامھون. (سُر ڪلياڻ)

محل ھڪ آھي پر ان کي لکين ڪروڙين دريون آھن. خدا ھڪ آھي، روپ انيڪ آھن. جيڏانھن نظر ڪريان صاحب يا خدا کي سامھون ڏسان. علامتي شاعريءَ لاءِ چيو ويو آھي تہ اھا ھن ڪائنات جي وحدۃ الوجود جو تصور آھي.

نھائينءَ کان نينھن، سِک منھنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينھن، ٻھَرِ ٻاڦ نہ نڪري. (سُر رپ)

شاھ صاحب عاشقن کي ھدايت ڪئي آھي تہ اوھان ڪنير جي نھائينءَ کان سبق سکو، جيڪا سارو ڏينھن جلي، پر ٻاڦ ٻاھر نٿي ڪڍي.

Gul Hayat Institute

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرين جو. (سُر حسيني)

اعلىٰ مقصد جي حاصلات لاءِ دائمي جدوجهد ڪرڻ جڳائي. تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ گهرجي. جيڪڏهن گينورسائي ڪبي ته مقصد هٿان نڪري ويندو. شاه لطيف پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪي آزمودا حاصل ڪيا، تن جو هن سنڌ جي عام ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ نهڪندڙ تشبيهن ۽ تمثيلن ۾ اظهار ڪيو. سندس اندازِ بيان ۽ فڪرَ شاه کي سنڌ جي گهر گهر ۾ پهچائي ڇڏيو آهي. هر هنڌ هن جي ڪلام جي گونج ٻڌجي ٿي. جيستائين دنيا ۾ سنڌي آهن، شاه جو ڪلام پيو گونجندو ۽ ماڻهو پيا معطر ٿيندا. شاه عبداللطيف اهو وکر وهايو آهي، جو ڪڏهن پراڻو ٿيڻ وارو ناهي.

## حوالا

1. J. A. Cuddon: "A form of expression, construction or phrase peculiar to a language & often possessing a meaning other than its grammatical or logical one." - A Dictionary of Literary Terms: Penguin Books. 1979. P.321.

٢. تنوير عباسي: شاه جي شاعري، شاه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي. سن ١٩٧٦ع ص ١٣٧.

٣. شاه جو رسالو: عثمان علي انصاري، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي.

(ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب "تون ڏاتار، آءٌ ڏُٿُ"، ڇپائيندڙ: ويٽا پبليڪيشن الهاس نگر، ڇاپو پهريون، ٢٠١٦ع، ص ١١٤-١٢١ تان، ٿورن سان ڪنيل)

Gul Hayat Institute

***

حافظ محمد احسن چنا

# شاھ ڀٽائي جا بيت - (پھاڪا)

وطن جو گھٽگھرو، سنڌ سڀاجھي جو سدا حيات شاعر، سوڀارو، دنيا جي شاعرن کان تمام اوچو، لاکيٽي شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو موجوده رسالو پڙھجي ٿو تہ گويا سمنڊ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. وري وري پڙھڻ سان، نوان نوان بيت ۽ نوان نوان نڪتا پيا پسبا.

اجا تہ محققن جو چوڻ آھي تہ: ڀارت ۾ موجوده رسالي کان وڌيڪ ٻيا بيت ۽ وايون آھن، جن لاءِ ڪوشش ھلي رھي آھي تہ اتان اھو مواد ھٿ ڪري اچجي، پر موجوده رسالي ۾ ڏسبو تہ اھا ڪا ڳالھ، اھا ڪا گفتگو يا موضوع يا عالمن ۽ اديبن جو وعظ يا تقرير ۽ ليڪچر نہ ھوندو، جنھن تي شاھ صاحب جو بيت موافق نہ ھجي.

خوشي ھجي يا غم، جدائي ھجي يا وصل، معرڪہ آرائي ھجي يا صلح، نماڻائي، عاجزي، اياڻائي، ٻاڏائڻ ۽ پرچائڻ، ريجھائڻ ۽ ليلھائڻ ۽ اھڙا موقعا، ڪئين وقت، جن تي شاھ صاحب جا ڪيترا بيت ٺھڪي ڦھڪي اچن ٿا ۽ ڪئين باريڪ نڪتا جھڙيءَ طرح:

"اڪين ۾ ٿي ويھ، تہ واري چپر ڍڪيان،
تو ڪي ڏسي نہ ڏيھ، آءٌ نہ پسان ڪي ٻيو."
"سنھي سئي سبيو، مون مارو سين ساھ."
"ٽيڏي پسي ٿي، ھو تان آھي ھيڪڙو."
"مر وجھي ڪورئين، ڳنڍڻ جنين ڪار،
چنڻ سندي ڪار، مور نہ اٿن من ۾."
"پري ٿيان پونءِ، مٿل واريءَ جيان،
تہ جيئن مٿان مون، لتاڙي لوڪ ڏٽي."

مطلب تہ ھزارين نُڪتا ۽ باريڪ بينيون موجود آھن.

وري ڏسو تہ اھڙا بيت تہ انيڪ آھن جيڪي پھاڪن وانگر عام چوٽي، ننڍن وڏن، مردن ۽ عورتن ۾ عام زبان زد ٿي ويا آھن. ھت اھڙا بيت شاھ صاحب

جا الف بي وار ڏجن ٿا، جيڪي پهاڪا بڻجي ويا آهن ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهن:

- الله آڻ اهي، جن آئي من سرهو ٿي.
- الله جنگ جين، اجهي جن جي گهاريان.
- اڱڻ جن اچن، عيد ورتي ان کي.
- اڳهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي.
- اسان ۽ پرين، شل هُوَن برابر ڏينهڙا.
- ايءَ ڪميٽي ڪير، جا امر کي آڏو قري.
- ايءُ ڪرم جو ڪاڍو، نہ تہ پڻن ڪير پنڌ ڪري.
- اهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سپرين.
- آءٌ سنڌي پڻ نہ سنيران، هو پارسي پچن.
- آهي آساني، پر ڪم پئي ڪل پوي.
- اهي چلولا چئجن، جي در لائن دوستي.
- ايءَ دوستن دستور، جيئن چنا چنن ڪينڪي.
- اندو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو.
- آهيان عيبدار، سڪان ٿي سهاڳ کي.
- اهڙو ئي الله، جو پورهتيون پيش ڪري.
- آسر م لاهيج، سڄڻ ٻاجهارا گهڻو.
- اکيون سيئي ڏار، جن سين پسين پرينءَ کي.
- اوڳڻين رسي سپ کو، ڳڻين پرين رنام.
- آڻين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا.
- آندا پرين الله، سڌ منهنجا ٿاب پيا.
- اڱڻ اهي ئي، پر جت نہ پسان جوءِ ۾.
- اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين.
- اڄ پڻ اڪڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا.
- ٻاهر ٻيلا ٻوڙئين، ڪنڌيءَ سڪائين ڪانهن.
- ٻيو سپ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل هوندو هڪڙو.
- پريان سندي پار جي، مڙئي منائي.

Gul Hayat Institute

- پاٽا ڏوهه چڙهن، جيئن ورق وارين وترا.
- پاٽي پني ٻوڙ، سهٽيءَ ليکي سير ۾.
- پاٽي متي جهوپڙا، مورک اچ مرن.
- پيرين پنڌ وسار، هل هنئين سين هوت ڏي.
- پيريءَ ۾ پيئي، اکيون آريءَ ڏي کٽي.
- پڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي.
- پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.
- پورن متي پور، لهن ڪين لطيف چئي.
- پارس سين پاسو، لڳن تہ لعل ٿيا.
- پريم جو پاٽي، سو ڪيچين ڪم نہ آئيو.
- پينر آءٌ پلياس، نہ تہ سک سمهڻ چا لڳي؟
- ترهو تني بار، عشق جن کي آکرو.
- توڙي حب نہ هوءِ، تہ بہ هوت نہ ڪجن ههڙيون.
- تو در ناهہ جهو، مون پيا در گهٽا نهاريا.
- تون پارس آءٌ لوهہ، سڄين تہ سون ٿيان.
- تيڏي پسي تي، هوت آهي هيڪڙو.
- جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون.
- جي ورق وارين ويهہ، تو اکر ئي هيڪڙو.
- جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.
- جن کي حب هينئين ۾ آهہ، ساهڙ ساتي تن جو.
- جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏائي مڱان.
- جي وججي پاڻ، تہ نينهن نياپي نہ ٿئي.
- جيڪي مُئي ڪندا، سو جانب ڪريو جيئري.
- جهڙي آيس جيئن، تهڙي وڃان تن ڏي.
- جني ڪاڻ مياس، سي ڪانڌي نہ ٿيا.
- چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن.
- چڪيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.
- دوست کهائي دادلا، محب مارائي.

- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.
- دنيا سپ دريا، ڪو ڪو تارو تنهن ۾.
- ڏريان ئي ڏاريا، مٺ مئي جا نه ٿيا.
- ڏيرن ڪونهي ڏوهه، امر ائين لکيو.
- ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.
- ڏاتار ته تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا.
- ڏکن پنيان سک، سگها ٿيندءِ سسئي.
- ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.
- ڏوريندين ڏسن، اڱڻ عجيب جا.
- ڏينهن مڙيئي ڏُون، اتي لوچ لطيف چئي.
- ڍوليو تني ڍار، هيناهيون هلن جي.
- ڍڪين ڍڪڻهار، ڍيئي پاند پناهه جو.
- ڍڪي ڍول ڳڏار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.
- رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جت سين.
- راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪو.
- زاري ڏاران زور، هلي ڪو نه حبيب سين.
- سک سلامن سان، لهندي ڪين لطيف چئي.
- سوري جني سيج، مرڻ تن مشاهدو.
- سمنڊ جي سيوين، تني ماڻڪ ميڙيا.
- ساڻي جن الله، سي ٻجهان ڪين ٻڏنديون.
- ساهڙ مون سينگار، ماڻهن ليکي مهڻو.
- سڄڻ ماکي ميٺ، ڪڙا ٿين نه ڪڏهين.
- ساجن توهان ڌار، ڏنم ڏينهن قيام جو.
- سمر جن نه ساڻ، هوت حماتي تن جو.
- سندي سک پرين، لوڪ ڏني نه لهي.
- ستا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري.
- سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نه ٿئي.
- سوڪيءَ پانئي سپ ڪو، اوکيءَ تون هِين تون.

Gul Hayat Institute

- سپ وڄائي ساز، تھان پوءِ تڪبير چئُ.
- عاشق زھر پياڪ، وھ پسيو وھسن گھڻو.
- عاشق ايئن نہ ھون، جيئن تون سڄي انگڙين.
- عدل ڇڏيا آءٌ نہ، ڪر ڪو قيرو فضل جو.
- فاني ۽ فاني، دنيا دم نہ ھيڪڙو.
- قدر وار ڪم ٿيا، ڪتا خريدار.
- قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي ھن ڪوٽ ۾.
- ڪوڏر ۽ ڪاني، آھي سر سپ ڪنھن.
- ڪاتيءَ ڪونھي ڏوھ، ڳڻ وڍيندڙ ھٿ ۾.
- ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن سان.
- ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھ، اچي بوءِ بھار جي.
- ڪائو ڪمايوم، موتي مون نہ وٽجيا.
- ڪوڙ ڪماءِ م ڪڇ، اتي اور الله سين.
- ڪا مون ۾ گھٽ، نہ تہ سڄڻ سڀاجھا گھڻو.
- ڪاڏي ٿيو ڪوھيار، ڪاڏي ٿي ھٿ ڪٽي.
- ڪسيم جنھين ڪاڻ، سو ڪوھيارو ڪيچ ويو.
- ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.
- ڪا نہ پڇي ذات، جيڪي آيا سي اگھيا.
- گھڙيا سي چڙھيا، ائين اتيئي.
- لکيو منجھ نراڙ، سو قلم ڪياڙي نہ وھي.
- لڳي جن لوري، ڏونگر سي ڏوريندئون.
- لک لھي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.
- لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾.
- لئج لطيفي لات، تہ ويجھو ٿين وصال کي.
- مفتي منجھ وھار، تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿين.
- معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو.
- مرين جيءُ تہ ماڻئين، جانب جو جمال.
- مرڻا اڳي جي مئا، سي مري نہ ٿين مات.

Gul Hayat Institute

- ماڻيو تني مور، جني ڏيکيو دل سين.
- ماڻهو گهرن مال، آءٌ سپ ڏينهن گهران سپرين.
- مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سڄاڻ سپرين.
- مين سين ماڻو، مناسب نہ مينڊرا.
- منهن ۾ مسلمان، اندر آزر آهئين.
- منهن ۾ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس.
- ماڻهو سپ نہ سهڻا، پکي سپ نہ هنج.
- نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.
- ننگئون نڪتو نانگو، تنهن نانگي کهڙو ننگ.
- وطن ٿيو وري، ڪُوڙن ڪانيرن جو.
- ويا مور مري، هنج نہ رهيو هڪڙو.
- وهامي ويندياءِ، گهڻا هٿندين هٿڙا.
- وس ڪرڻ مون واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.
- ور پنهون سين پلڪ، ٻن ٻارهن ماه ٻين سين.
- ويڄنئون ويئي، ٿي وهيٽي سڄڻين.
- واٽون ويهه ٿيون، ڪوه ڄاڻا ڪيهي ويا.
- هٿن سين هاج ڪر، نيڻن سين نهار.
- هو چونس ٻوڏ، تہ جيءَ سڻائي جڳ ڪي.
- هڻان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين ڪي چئين؟

***

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

# شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ چوڻيون

سنڌي شاعري، سنڌي زبان جي قدامت سان، هر دؤر ۾، اڪيچار لفظي ۽ معنوي خوبين سان مالا مال ٿيندي رهي آهي ۽ صدين جو سفر طيءِ ڪري، ڪيترن ئي انقلابن، ڌارين جي حملن، اندروني ۽ ٻاهرين اٿل پُٿل کان دامن بچائي، ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪندي، بنهہ شاهوڪار زبان بڻجي ويئي آهي. ان جو هڪ وڏو سبب اهو بہ آهي تہ اُن جي شاعريءَ ۾، اصطلاح/محاوري جو زور متاهين درجي تائين موجود آهي. هر دؤر ۾، شاعريءَ جي مختلف صنفن تي ڀرپور طبع آزمائي ڪئي وئي آهي. سنڌي ادب جي تاريخ جي مختلف دؤرن ۾، انسان جي ڪلاسيڪل توڙي عروضي ۽ جديد فڪر جي شاعرن، شاعري ۾، لوڪ ادب جي سگهڙن جي سخنن ۾، ڏاهن ۽ ڀهڳڻن جي قولن ۾، اسان کي ڪيترا ئي بيت، شعر، شعرن جو مصرعون ۽ فقرا ملن ٿا، جيڪي زوردار نموني ۾ چيل محاورن ۾ رچيل ۽ اصطلاحن ۾ سنورايل آهن، سي ڪاروباري زندگيءَ ۾، ضرب المثل يا چوڻين ۾ استعمال ٿين ٿا. اهي عاقلاڻا مثال آهن جن سنڌي ٻوليءَ ۾ محاوري جو زور پريو آهي.

اسان جي دعويٰ آهي تہ سنڌي زبان، دنيا جي شاهوڪار ۽ سڌريل زبانن مان آهي، جنهن جو هڪ زوردار دليل هيءُ بہ آهي تہ ان ۾ اڻڳڻت نحوي، لغوي ۽ معنوي خوبيون آهن. انهن خوبين مان هڪ خوبي اها بہ آهي تہ ان ۾ محاورن جو زور آهي، جنهنڪري سوَن/هزارن جي تعداد ۾ اصطلاح، پهاڪا/چوڻيون، اصطلاحي فقرا، ڏاهپ جا قول، سياڻپ جا سخن، ڀهڳڻن جا ٻول موجود آهن.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (١٦٨٩ع-١٧٥٢ع) پنهنجي شاعريءَ ۾، مشاهدن تي آڌاريل، زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل، پنهنجا ڪي بيت، مصراعون، فقرا اهڙي تہ ڀرپور انداز ۾ چيا آهن جو انهن کي اسان



Gul Hayat Institute

روزمره گفتگوءَ ۽ تحريرن ۾، چوڻين طور استعمال ڪندا رهون ٿا. شاھ تان ورتل چوڻيون، پهاڪن وانگر، اسان جي گفتگو توڙي تحرير ۾، محاوري جو زور پرين ٿيون ۽ مهل ۽ موقعي پٽاندر ڪم اينديون رهن ٿيون.

چوڻ وارا چئي ويا، ڪا سچي ڳالھ چئي ويا، حقيقت کي ٺهڪائي ويا ۽ بين انهن چيل حقيقتن کي ورجايو ۽ اڳتي هلي لفظن جي انهيءَ ورجاءَ پهاڪن ۽ چوڻين جي صورت اختيار ڪري ورتي.

سنڌ جي ڪلاسيڪل (آڳاٽن) شاعرن، جهڙوڪ: قاضي قاذن (قاضي قاضن/قادن)، شاھ عبدالڪريم بلڙي وارو (سنڌ جو چاسر)، حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي، ميون شاھ عنايت، سامي، سچل سرمست ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن/سگهڙن سنڌي زبان کي گهڻيون ساريون چوڻيون ڏنيون. انهيءَ کان علاوه عروضي شاعرن مان صاحب ديوان شاعرن جهڙوڪ: خليفو گل محمد "گل"، خليفو قاسم هالائي، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، مير عبدالحسين خان "سانگي"، شمس الدين "بلبل" ۽ ٻين اهڙن سوين شاعرن پنهنجي شاعري ۾ ڪيترائي شعر چيا آهن، جيڪي سڄا ئي سڄا يا انهن جون سِٽون (مصرعون) يا فقرا، سنڌي چوڻين طور ڪم اچن ٿا. انهيءَ ڏس ۾، اسان مختلف شاعرن جي شاعريءَ کي "لفظ لفظ" ڪري ڏسڻ واري مطالعي جي نتيجي ۾، ڪي مثال چونڊيا آهن. هتي اسان شاھ لطيف جا سونهري "ڏاهپ جا قول" پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪري رهيا آهيون.

شاھ جي شاعريءَ جو هڪ هڪ لفظ، هڪ هڪ فقرو ۽ هڪ هڪ سٽ (مصرع) "ڪُوزي ۾ درياھ" مثل آهي. شاھ جا اهي نقطا، ڏاهپ جا ڏاڻ، سچ جا سنيها، حق جا هوڪا، پرت جي پچار آهن ۽ اهي سپڪ ۽ رسيلي رنگ ۾ ٻهاريل، گرامر، لسانيات ۽ صوتيات جي اصولن جي مطابق آهن.

شاھ جي جُملي شاعري، چونڊ لفظن ۽ محاورن سان سنواريل، فن ۽ فڪر جو اعليٰ معيار پيش ڪري پاڻ مڃرائي چڪي آهي. سندس، شاعري واري اعليٰ منصب مڃتا جو سڀ کان ناقابل ترديد ثبوت هي آهي تہ مها سگهارن اديبن ۽ ڀرين جوڙ جي شاعرن، لطيف سرڪار جي شاعريءَ تان پنهنجي تحريرن جا موضوع، عنوان طور ورتا آهن:

Gul Hayat Institute

جي ايم سيد: ”جنب گذاريم جي سين“.
شيخ اياز: ”ڪلهي پاتم ڪينرو“، ”پؤنر پري آڪاس“.
تنوير عباسي: ”رڳون ٿيون رباب“.
گُرداس واڌواڻي: ”جيڪي ڏٺو سو مون“.
علي نواز وفائي: ”رتيءَ جي رهاڻ“

ريڊيو - ٽي وي پروگرامن/اخبارن/رسالن جي مستقل ڪالمن جا عنوان:
١- اڃو پاڻي لُڙ ٿيو، ٢- سنها پانءَ مَ سپ، ٣- مڙيا متي مڇ، ۴- جيڪي منجھ جهان، ۵- پلئہ پايو سچ، ٦- سڙھ سنوان، لاڃو نوان، ٧- پتڻ ٿو پور ڪري، ٨- دنگي منجھ درياھ، ٩- ماڪ موتي لعل، ١٠- متيءَ لڌو ماڻُ، ١١- اڄ پڻ چڪيمَ چاڪ، ١٢- سيئي جوين ڏينهن، ١٣- ويا سي وينجهار، ١۴- اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين، ١۵- جي لوچين، سي لهن، ١٦- چارڻ چوريو چنگ، ١٧- سورج شاخون ڪڍيون، ١٨- ويا سي وينجهار.

هر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو، عالم، فاضل، استاد، وڪيل، سياسي اڳواڻ، شاگرد مطلب تہ سڀ شاھ جي شاعريءَ جا شيدائي بنجي چڪا آهن. سياستدان پنهنجي تحريرن ۾، خطيب پنهنجي خطبن ۾، مولوي پنهنجي وعظن ۾، استاد پنهنجي ڪلاس ليڪچرن ۾، مقرر پنهنجي تقريرن ۾، مباحثہ نگارن پنهنجي مباحثن ۾، مطلب تہ هر ڪو پنهنجي پنهنجي نقطہ نظر کي واضح ۽ زوردار بنائڻ لاءِ، ضرورت ۽ موضوع مطابق شهنشاھ لطيف جي شاعريءَ مان چونڊ مثالي فقرا، مصرعون، بيت پيش ڪرڻ کي وڏي سعادت تصور ڪري ٿو. شاگرد، توڙي مضمون نگاري جي مقابلن لاءِ شاھ جي رسالي مان ڀرپور مواد لازمي طرح وٺڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهن. جهونا جهونجار، بزرگ خواتين ۽ نوجوان سگهڙيون پنهنجي گفتار کي پٽائي گهوٽ جي شاعريءَ سان سنوارين ٿا.

لاڪيڻي لطيف جي شاعريءَ ۽ محاوري ۾ جادو سمايل آهي. انهيءَ حوالي سان ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ شاھ صاحب ”محاوري جو ڌڻي“ هو. اهو ئي سبب هو جو عالم، اديب، شاعر ۽ ڏاها سندس شاعريءَ جي معيار تي ناز ڪن ٿا. سندس چوڻين کي عالمي معيار سان ڀيٽ ڏيئي سگهجي ٿي.

Gul Hayat Institute

ﭘﻼري ﭘﭧ ﮈٺيءَ جي شاعري، مڪمل طرح قرآني تعليمات جي رنگ ۾ رچيل آهي. انهيءَ ڪري ئي شاهه صاحب پنهنجي شاعري (بيتن) کي آيتون سڏيو ۽ دعويٰ ڪئي تہ:

جي تون بيت ڀائين سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

ڀٽائي بادشاهه قرآن پاڪ مان بصيرت ورتي ۽ قرآني آيتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي، انهن جو مفهوم پيش ڪيو. ”ان الله مع الصابرين“ کي هن طرح اظهار ڪري ٿو:

”چکيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو!“

شاهه لطيف زندگي جو شاعر هو. سندس شاعري ڀرپور انداز ۾ گهاريل، بامقصد زندگيءَ جو اولڙو آهي. زندگي جي وهنوار سان لاڳاپيل مختلف موضوعن تي ڪيترا ئي مثالي فقرا، مصرعون ۽ بيت ملن ٿا جن کي اسان (Quotable Quote) طور زندگيءَ جي ڪاروبار جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ موضوعن تي اظهار خيال لاءِ پيش ڪندا رهون ٿا. مثال طور ”زندگي بي ثباتي“، ”يارن و ياري“ موت جي حوالي سان ڪوڙ ۽ ڪاني جو ذڪر انساني جاڪوڙ،

”هڪي ٻانهي چت ۾، ٻي جا ڪري الله“

”نوري ڄام تماچي“ داستان سان لاڳاپيل ”ڪينجهر ڍنڍ“ جو قدرتي حسن، من لڀائيندڙ نظارو جيڪو صدين کان ”ضرب المثل“ بنيل آهي. شاهه سائين ڪينجهر جي قدرتي سونهن ۽ ڪشش جو ذڪر هينئن طرح ڪيو آهي:

لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي! (سر: ڪاموڏ)

شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾، جن حقيقتن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن مان اڪثر عالمي حقيقتون آهن: مثال طور ”موت ۽ حيات“ جي فلسفي کي، قبر جي حوالي سان هن ريت سمجهائي ٿو:

١. ڪڻ تون قوت قبر جو، گهٽو ٿو گهرجي! (سر: سريراڳ)
٢. جم وسارين ويسرا! پٽين جي پڙڪار.
(جو ٿو وسارين قبر جي پٽين سان ٽڪرائيندڙ پڇاٽي جي پڙڪار/ آواز!)
٣. اول آخر آهہ، هلڻ مُهجو هوت ڏي! (سر: سسئي آبري)

Gul Hayat Institute

شاھ جي ناصحانہ ڪلام مان ڪيترا ئي بيت، مصرعون، ڏٽيءَ جي در دعائن گھرڻ لاءِ ڪم اچن ٿا. دعائيہ مصرعن جا ڪي مثال:

١. توبہ آھي تن ڪان، جي ھٿان مون ٿيون! (سر: رِپَ)

٢. عدل ڇُٽان آءٌ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو!

٣. مديون پَسي مَھجيون، شرمايا شيطان! يا الاھي، پاڄھ ٻلاتي پائيان.

٤. پلو ڪندو پال، مينھن وسندا موٽ تون! (سر: سارنگ)

٥. ساموندين، سائين! واءُ سٽائو وارِيين! (سُر: ساموندي)

٦. جي اچڻ ساڻ اُڪير، سي ٻيڙا رکين پاڄھ سين! (سر: سريراڳ)

شاھ صاحب جو "سر مارئي"، مارئي جي لاثاني ڪردار جي حوالي سان حب الوطني جي پاڪيزه جذبات ۾ رسيل، ادبي شاھڪار آھي. مثالي سٽ:

اِيءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سونَ تي!

اسان جو لاڪيڻو شاھ، انسان دوستيءَ جو علمبردار ۽ بين الاقوامي فڪر جو شاعر ھو، انسانن سان ڪيس پيار ھو، ساري "عالم" جو خير گھريو اٿس. فرمائي ٿو:

لاھين مٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏينھڙا. (سر سارنگ)

ساري دنيا سان گڏ، سنڌ ڪي ٻنھ نٿو وساري. سندس دعا آھي:

١. سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين. (سُر: سارنگ)

٢. وطن وسائيج تہ سنگھارن سک ٿئي! (سُر: سارنگ)

انسان ذات لاءِ دعا گھرندي چوي ٿو:

١. سِپيئي سئينءَ ڪرين، ڪو مَ منجھايين وات! (سُر: سريراڳ)

٢. لاھين مٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏينھڙا! (سُر: سارنگ)

شاھ صاحب معاشري ۾ موجود "ڪارين رڍن" يعني اٽوٽنڊڙ طبقن جي ڪردار کي ننديو آھي. انھن ذخيره اندوز ۽ منافع خورن بابت چوي ٿو:

ڏڪاريا ڏيھن مان، شل موذي سڀ مرن! (سُر: سارنگ)

سماجي ايذاءَ رسائيندڙن جي ناجائز منافع جي پوتاميل جي اوگھڙ ھن ريت ڪري ٿو:

Gul Hayat Institute

جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٽا هٽ هٽن. (سُر: سارنگ)
هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا، جن کي ”خرارن مان پريل هڪ مُٺ“ سمجهيو وڃي.

**سُر ڪلياڻ:**

١. آسر هڏ مَ لاهه، چنڊ ڳنڊڻ اُن جو.
٢. پريان سندي پار جي، مڙئي مٺائي،
ڪاته ڪڙائي، چکين جي چيٽُ ڪري.
٣. پَهرين ڪاتي پاءِ، پُڇج پوءِ پريتڻو.
٤. جِئڻ ناهي جڳ ۾، ڏيهه مڙيئي ڏون.
٥. حبيبن هيڪار، منجهان مِهر سڏ ڪئو،
سو مون سپ چمار، اورڻ اهو ئي ٿو.
٦. سُپريان صحت، ڏنيم منجهان ڏکندي.
٧. سسي ڏار ڏري، پُڇج پوءِ پريتڻو.
٨. سوري جنين سيجَ، مرڻ تن مشاهدو.
٩. ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.
١٠. وحدت جي وِهانءِ، جي وٺا سي وڍيا.
١١. هَٿِ ڪاتي، ڳِڙ واتِ، پچڻ پَرِ پرين جي.

**سُر يمن ڪلياڻ:**

Gul Hayat Institute

١. آهي گهڻو اگهِن جو، ترس طبيبن،
ڪئو وس ويجن، تان ڪريءَ ري ڪين ٿئي.
٢. اسان تان نہ سري، تو ڪئن سري سُپرين؟
٣. اگهن مڙي اڄ، ڪئو سڏ صحت ڪي،
ڏور ڏکندو ڀڄُ، مِهريءَ مهُ ڏيکاريو.
(ڏکندو: بيماري)، (مهري: مهر وارو / مهربان)
٤. اکر چٽي هيڪڙي، ٻهون جي نہ ٻجهن،

ڪوهه ڪبو ڪي تن، سڄي سٽائي ڳالهڙي.

٥. الله وڏو وِيرُ، پورو لوڪ نہ ٻُجهڻو.

٦. ٻاريو اُجهائين، پرين اُجهايو ٻارين!
مون ڪي ٿا مرين، لُڏا لهارن جا!
(لُڏا: اُلا باهه جا/ چڻيون)

٧. ٻِن تراڙن جاءِ، ڪا آهي هيڪَ مياڻ ۾؟

٨. تڏهِ ڦڪيون فرق ڪنِ، جڏهن امر ڪرهو ان ڪي.

٩. تون حبيب، تون طبيب، تون درد جو دارو.

١٠. تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا.

١١. پچڻ گهٽا پچائيا، تون پچڻ ڪي پچاءِ.

١٢. پرت جَن پوري، تن رويو وهامي راتڙي.

١٣. پيڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي.

١٤. جان جان ناهِ ضرور، تان تان طبيب ناهه ڪو.

١٥. جِمَ ورچي چِڏين، سندي دوست دري!

١٦. جيڪي ڏنائون، سو سر ڏيئي سهُ جِندڙا!
مَ چؤ چنائون، ايءُ ٻڻ ڳنڍيو سڄڻين.

١٧. ڏِين پري هٽڙا، دارون دوست ڪَريج.

١٨. سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

١٩. سدا آهي سور جي، واڍوڙئن وائي.

٢٠. صاحب ڏي شفا، ميان! مريضن ڪي.

٢١. عاشق انگهن چڙهئا، ٻئو سپ ڪو يڃي.
(انگهہ: ڦاهي/سوري)

٢٢. عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

٢٣. عشق نانگ آهي، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

٢٤. عشق نانگ اپر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

٢٥. عشق نانگ نِپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

٢٦. ڪا نہ گهرجي مون، حياتي هوتن ري.

Gul Hayat Institute

٢٧. ڪِئو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو،
تهِ ۾ ڏُنهين تون، ٻي لاتِ نہ لحظي جيتري.

٢٨. ڪانڌ وڏيائي ڪيڻَ، ڪيني منجها ڪين ٿئي.
(ڪيڻ: چڱائي/ڀلائي)

٢٩. محبت جي ميدان ۾، پئا لالَ لڄن.

٣٠. محبتين مٿاءَ، مَڃُ، مورائين نہ لَهي.

٣١. نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک.

٣٢. ويڄن سين وائيءَ پيا، ڪِري ڪن نہ پاڻ،
اڳها اِن اُهجاڻ، پسو! سورَ سجهائيا.

٣٣. ويڄنئون ويئي! ٿي وَهيڻي سڄڻين.

٣٤. ويچارا واڍوڙ، سدا شاڪر سورَ سين،
ڌاڻين مٿي ٽوڙ، اوري ڪن نہ آسر.

٣٥. هاريا! ويچ مُياسِ! سڌ نہ لهم سور جي،
پريان ڪي چُنڊياس، تہ ترس طبين ڇڏئو.

## سرڪنيات:

١. جن مسافر سُپرين، سي مر رويو رون،
نيهُ نياپي نہ ٿئي!

٢. ساجن سنديءَ سونهن جي، آئون ڳالهہ ڪريان ڪيهي؟
يا الا! مون سارِيندي سُپرين.

٣. سُڌين سيڻَ نہ هونِ، نيهُ نياپي نہ ٿئي.

٤. سجڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪؤڙا ٿين نہ ڪڏهن.

٥. سجڻ ماڪيءَ منڊ، ڪؤڙا ٿين نہ ڪڏهن.

٦. سجڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪؤڙا ٿين نہ ڪڏهن.

٧. مَحِڻ پونيءَ هڏ، آهون اُڪنڊين جيون.

٨. مون ٻئا دَرَ گهڻا نهارئا، آهين تونهين تون.

٩. موتَڻُ جنين ميهڻو، پڙ تي سيئي پون،

Gul Hayat Institute

نيھ نياپي نہ ٿي.

## سُر سريراڳ:

١. آهي موت مڙن تي، گوڙيون ڪِئو گجي.

٢. اٿُ نہ ڏجي عام کي، لوڪا ڪجي لِڪَ.

٣. اجل ايندءِ اوچتو، جو سدا تو سڄي!

٤. اَگهئو ڪائو ڪڄُ، ماڻڪن موت تي،
پئہ پايو سَڄُ، آڇيندي لَڄ مران!

٥. امن آهي اُن کي، جو منجھہ الله اڄهي.

٦. اي سائينءَ جو سبب، جيئن ٻڌا اُڪاري ٻار مان.

٧. ٻيڙي پراڻي، وکر پاءِ مَ وترو.

٨. تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌُ پَهجو ٽُرهو.
اونهي ۾ آڻي، ڪو نہ ڏيندءِ ڪو ٻئو.

٩. ٽُرهو چنم تار ۾، رسج تون رحمان.

١٠. تہِ واحد کي واهُ، جو سُتڙ سيپئي ڪري!

١١. جاڳو جي يارا! تہ تَڙ توائي نہ ٿئي.

١٢. جِتِ ٿيندو راضي، اُت توريندا تجويز سين.

١٣. جَن جي سيد لَڄ ڪنئي، سي سپ لنگهيندا لڪيون.

١٤. جي اچنِ ساڻ اُڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجھہ سين!

١٥. جي ڇُوهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجھہ سين!

١٦. جي نہ سڃاڻن سَچَ کي، ويھُ مَ تني وٽِ.

١٧. چڱن سان چڱائيون، اِئن سپ ڪو هوءِ،
تو جِئن ڪري نہ ڪوءِ، ٻُچَن ساڻ ڀلائيون.

١٨. چوڻ چارو ناھِ ڪو، بديون بي شمار.

١٩. ساٿُ نباهيو نين، ايءَ پَرِ سندي سڄڻين.

٢٠. سباجهو ستارُ، سُتَڙِ سيئي ڪري.

٢١. سپيئي سئينءَ ڪرين، ڪو مَ منجهايين واٿ!

Gul Hayat Institute

٢٢. سيوئو جن سبحان، ويرَ نہ وڙهي تن سين.
٢٣. عدل ڇُٽان آءٌ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو!
٢٤. ڪانهي قيمت تن، مُلُ مهانگو اُن جو.
٢٥. ڪيج ڪائي ڪَچَ ڪي، ڪوڙ مَ ڪمائيج.
٢٦. ڳڻُ تون قوت قبر جو، گهٽو تو گهرجي!
٢٧. قدر وارا ڪم ٿيا، ڪُنا خريدار.
٢٨. مديون پسي مُهجيون، شرمايا شيطان!
يا الاهي ٻاجھ ٻلاتي ٻائيان.
٢٩. جم وسارين ويسرا! پِتن جي پُلڪار.
٣٠. وڪر سو وِهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿيي.
٣١. ويا سي وينجهار! هيرو لعل ونڊين جي.
٣٢. ويرَ مَ لاهي ويهہ، متي آر اوڙاھ جي.
(آر: تيز وهڪرو/سير/تک/پاڻيءَ جو تکو وهڻ)
٣٣. هڪي ٻانهي ڇِتَ ۾، ٻي جا ڪري الله!
٣٤. هلندي حبيبن ڏي، ويلو وچ نہ ڪج.

**سُر ساموندي**:

١. اُڀيون ڏنپ ڏِسن، جُه سِڙهہ ڏسي سير ٿئا.
(سير ٿيڻ: ٻيڙا ڏکي درياھ/سمنڊ جي سير ۾ ڪاهي پوڻ)
٢. اڱڻ جَن اچن، عيد ورتي اُن ڪي.
(ورتڻ: ٿيڻ - ورتي: ٿئي)
٣. ٻيڙيءَ جي پوڻُن، نيھُ نہ ڪجي تن سين!
(پوڻُن: رهن/گذارين: ساموندين سان مائٽي نہ ڪجي)
(سامونديڪو/ساموندين جو سڱ/لاڳاپو/ناتو/مائٽي وڏي آزمائش/ قرباني گهري ٿي.)
٤. پورينديس پرين ڏي، ڪا نہ ڪريندس گهٽ.
(پورينديس: ڪاهيندس/ هلنديس/ وينديس)

Gul Hayat Institute

٥. ڄڱن جا جوڳ ٿئا، ٽِئان نہ موتيو ڪوءِ.

٦. جَڏھ سائينءَ سبب ڪِئون، تڏھن سُتڙ ٿِئا، سيد چي!

(سُتڙ: سولو تڙ، جتي آسانيءَ سان ٻيڙا اچي لنگر ھڻن)

٧. سيانداري سمونڊ جي، نھوڙي نئا!

وجي ٽِت پئا، جِت نھايت ناھ ڪا.

(سيانداري سمونڊ جي: سمونڊ جي پيٽ/ پاتال، ۾ ويا ۽ ٻڏي مئا)

٨. ساموندين سائين! واءُ سٽائو وارِيين!

٩. سمنڊ جن ساڙيھُہ، ڪوھُ نہ ويئن تن سين؟

١٠. سيئي ٽيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

١١. ھلڻ ھارا سُپرين، رئان تان نہ رھن.

**سُرسھڻي:**

١. اُپيون اوريين پارَ ڏي، ڪوڙيون ڪَڪَ پُڇن.

(ڪَڪَ: ڪکن جو نھيل تُرھو/ ڪکائون ترھو جنھن جي مدد سان تري، ڪناري تي پھچي سگھجي ٿو/ سھارو)

٢. ايڏي سگھہ، سچا ڏٽي! توھِم ڪي جُڳاءِ.

٣. ٻُڏ توڪل جو ترھو، آھر ساڻ الله.

٤. ٻڏندي ٻوڙن ڪي، ڪي ھاتڪ ھَٿَ وجھن،

پسو لج لطيف چي، ڪيڏي ڪي ڪکن؟

توڻي ڪنڌيءَ ڪن، نا تہ ساڻن وجن سيرَ ۾.

(ھاتڪ: حاذق: ھوشيار: حريف)

٥. تو رءَ تاري ناھ ڪا، والي! تو رِءَ واھَ.

٦. پارِ جنين جو پي، وڃڻ واجب تن تي.

(پي: پريتم/ پرين/ پيارو/ محبوب/ من گھريو مننار.)

٧. جر تر تک توار، وٺن ٺڻ وائي ھيڪڙي.

٨. جن ڪي عشق جي اُسات، سي واھُڙُ پائن وڪڙي.

٩. جنين من ميھار، ھلڻ تنين حق ٿئو.

Gul Hayat Institute

١٠. جِھ ڪي ساڻ، پريان جا سور،
تهُ ڪي ندي ناھ نگاھ ۾.

١١. جھڙي پريان ڳالڙي، تھڙي ٻي نہ ڪاءِ.

١٢. جي ڪچي ساڻ ڪھن، آڪو تن اوباھين.
(ڪچو:ڪچو گھڙو.آڪو:ڪچو گھڙو/ اٽپڪل دلو. اوباھڻ: پار پھچائڻ)

١٣. جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آھين،
نيو من لائين، پريان سندي پارَ ڏي.

١٤. جي پِئا مهُ مهراڻ، تن ٻانڌين ٻيٺ نہ اجھي.
(ٻانڌي/ ٻاندي/ سُڪل/ پوري ڪاني.)

١٥. جيڏاہ عالم آسرو، مون پڻ آھي اوڏاھين.

١٦. حبيباڻي هيجَ، پيسُ مهُ ميھار جو.
(هيج: اڪير/ اڪنڊ/ سِڪ/ حُب.)

١٧. "ڏم" پاسي ۾ ڏڪندو، صحت وٽ سنگھار.
(ڏم: سھڻيءَ جو مڙس. سنگھار: ميھار/ سھڻيءَ جو چاھيندڙ.
ڏڪندو: بيماري.)

١٨. رڪُ ڀيلي جو پرم، جو اچي پيو اَجھور ۾.
(پيلو: ڪچو گھڙو/ اٽپڪل دِلو. اجھور: اجھاڳ/ جھجو پاڻي.)

١٩. ساڻي جن الله، ٻجھان، سي نہ ٻڏنديون.

٢٠. ساھڙ جام سچو، ساڻي تيندم سيرَ ۾.

٢١. ساھڙ سندو تن، گھاگھائي گھِڙن جي.

٢٢. ساھڙ مٿاءُ صدقو، ڏھين ڏم ڏيان.

٢٣. ساھڙ مون سينگارُ، ماڙھن ليکي ميھڻو.

٢٤. سُپرييان جي ترھي، ٻڏين ھَٿُ م لاءِ،
صباح تان چُنداءِ: اسان تو اُڪاريو.
(چونداءِ: چوندءِ/ دعوىٰ ڪندا/ مھڻو ڏيندا.)

٢٥. سُپريان جي ڳالڙي، ڪهِ سان ڪينَ ڪجي.

٢٦. سجا پيڙا پار ۾، ھليا هيٺ وڃن.

Gul Hayat Institute

٢٧. سدا ساوڻ ڏيهڙا، هيَهم نہ هُنداءِ.
(هيَهمِ: ائين/ انهيءَ نموني.)

٢٨. سگهان نہ چوري، ڏاڍو نيرُ نيهَ جو.
(نير: سنگهر/زنجير/هٿ ڪڙول. نيهُ: نينهن/پيار/عشق/محبت/پريت.)

٢٩. سُکُ نہ پُڇي سوهڻي، ڏک ڏکيءَ کي ڏس.

٣٠. سندو ڪَچَ کُنو، تارِ ترندو ڪيترو؟

٣١. سهسين سائر ٻوڙيون، مُنڌ ٻوڙيو مهراڻ.
(سهسين: سوين/ڪوڙ ساريون. سائر: درياهہ. مُنڌ: عورت/زال/مِهري/سهڻي)

٣٢. سهڻي کي، سيد چي، وڏو قرب کُهي.

٣٣. سي تُرت لنگهنديون تارِ، اُڪنڊ آڳهہ جن سين.
(اُڪنڊ: سِڪ/ پيار/ محبت. آڳهہ: آسرو/ آڌر/ ڀرجهلو.)

٣٤. گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، وسيلا وئا،
تِهان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

٣٥. گهڙيا سي چڙهيا، ايهم اٿئي.
(اِيهَم: ائين.)

٣٦. لهرن لک لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو.

٣٧. مُلک مڙو ئي منصور، کُهي کُهندا ڪيترا؟

٣٨. نکو سنڌو سور جو، نکو سنڌو سِڪَ.
عدد ناهِ عشق، پُڄاڻي پاڻ لَهي!
(پڄاڻي: حد/ انت/ انتها/ پڇاڙي.)

٣٩. نکو سنڌو سيرَ جو، مَپ نہ ملاحن.
(سير: تار پاڻي/ درياءَ جو ترو. مپ: ماپ/ خبر/ اندازو.)

٤٠. واهُڙ تنين وِکَ، جن سنيارا سُپرين.
(سنيارا: سنياران: سنيارن ۾/ ياد/ سامهون. واهڙ: واهہ/نديو واهہ/درياهہ)

٤١. وَيا جي وَهہ ڳڻ، هلو تہ ڏوريون اُن کي.
(وَهَہ: درياهہ جو وهڪرو)

٤٢. هَٿُ پريان، جي هٿَ ۾، ٻي کي ڏج م ٻانهہ.

٤٣. همہ منصور هزار، کهڙا چاڙهئو چاڙهئين؟

Gul Hayat Institute

(منصور: عظيم صوفي منصور حلاج جنهن کي ”سچ“ ڳالهائڻ جي سزا طور ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.)

.۴۴ هُنهِم هُند مُئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

(هُنهم: هونئن ئي. هُند: هوند/ جيڪر)

.۴۵ هوتُ هلندين ڪٿئو، وِهڻ، مُنڌ! وسار،

ترڪڻ آهي تڙ ۾.

## سُر سسئي آبري:

.١ آتڻ ۾ پِرياڻ، هو سَينين جيڏين،

مون سياڳيءَ ساڻ، ڪيرَ چُلندي چپرين؟

(پرياڻ: پريتڻو/ پريت/ پيار. چپر: جبل/ روهه/ پٿر/ پهاڙ.)

.٢ آهي گهٽو اَهڪو، فقيريءَ جو ڦندُ.

.٣ اُتي رائو ريل، وينن تان واري وري.

.۴ اچي عزازيل، سُتي جاڳائي سسئي،

ٿي ڊوڙائي دليل، تہ پنهوءَ ماڙهو موڪليو.

.۵ اندرِ جنين اُجَ، پاڻي اُجئو اُن کي.

.٦ اول آخر آهِ، هلڻ مُهجو موت ڏي.

(انا لله و انا اليه راجعون.)

.٧ اي پلائيءَ جو پُل، جئن پاسي ٿيڻ پاڻي کي.

.٨ تو تي لڄ، لطيف چي، آهي سندي عام.

.٩ پاڻي متي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن.

.١٠ پنڌُ م ڪرَ پهاڙ ڏي، وجود ئي وٽڪار.

.١١ پنهون ٽيس پاڻ، سسئي تان سور ٿيا.

.١٢ پورهئو سندو پورهيتين، والي ڪيم وڃاءِ.

.١٣ پهرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پنهوءَ تي،

ٻولَ مَ وساريج، هُو جو ڪيوءِ هوت سين.

.١۴ جِتُ ڪڙم نہ قبيلا، اُت رسج رهبر راهه ۾!

Gul Hayat Institute

۱۵. جَتُ ڪيائين يار، سورن ڪارڻ، سرتيون!

۱٦. چڪيءَ ڪي چئي، ڪا جاڳائي، جيڏيون!
ويڙو ساٿُ وَهي، تو ننڊائي نہ لهي!
(ننڊائي: ننڊاڪڙائي/ ننڊ جو ڪيپ/ خمار.)

۱۷. ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، لَئن ري ڪو نہ لَلُ.
(ڏونگر ڏورڻ: جبل جهاڳڻ/ جاکوڙڻ. لنؤ: محبت. لَلُ: مزو/ ڍنگائتي زندگيءَ جو لطف/ زنده رهڻ جو ڍنگ.)

۱۸. ڏونگر نہ ڏوري، سڪڻ جون سڏون ڪري،
ويٺي گهر گهوري، مٿاءَ پرين چندڙو.

۱۹. ڏورڻ منجها ڏَسُ، پندءِ هوت پُنهوءَ جو.

۲۰. راهَہ مسافر سڀ ڪو، ڪو نہ ڏنوسون هِتِ ڏيهي.

۲۱. رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جَت سين!

۲۲. ساٿِن سان، سيد چي، لڏو لڏي گڏ.

۲۳. ساجن ميڙينس سُورَ، سُکَ نہ مِيڙيُس سُپرين.

۲۴. سا موتي ڪين مُئي؟ جِهُ جو جانب جَت وني ويا.

۲۵. سَڀ ۾ پنهو پاڻ، ڪينه، ٻيو ٻروچ ري.

۲٦. سڏائتي سڀ ڪا، ٻُک نہ باسِي ڪا.
(باسي/ باسڻ: قبول ڪرڻ/ قبول ڪري.)

۲۷. سکن واري سَڌ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندين.

Gul Hayat Institute

۲۸. سو تان توهين ساڻُ، جِه لئہ جفائون ڪرين.

۲۹. سيٽن ڪارڻ سسئي، پيئي پراهين پورِ.

۳۰. ڪاڪل ڪني جا، ڪفن تِہ ڪين ٽيي،
منجهہ شهادت سا، لُڏي ۽ لاڏ ڪري.
(ڪاڪل: وار/ سهڻا سنهڙا ڪارا محبوب جا ورا.)

۳۱. ڪڏهن ڪا نہ وئي، هوت ڳولڻ هٿ ڏي.

(دوست ھٿن/ دڪانن تي نہ پر سسئيءَ وانگر، ڏونگر ڏورڻ/ جبل جھاڳڻ سان ملندا آھن.)

٣٢. ڪوڙيون پچن ڪيچ، ھوت نہ پچن ھتھم،
جن پنھونءَ سين پيچ، تن پيرين پنڌ وسارئو.
(ھِتھِم: ھت ھم/ ھِتَھين/ ھتي.)

٣٣. ڪونہ ھن پنيور ۾، ڏاران دوس ڏٽي.
آنءُ تي چُلان چپرين!
(چپرين/ چپرن ۾ چلڻ: جبل جھاڳڻ/ لڪ يا پھاڙي لنگھ.)

٣٤. لانچي لڪ لطيف چي، اُتي ڏنگر ڏور.
(لانچڻ/ ٽڪر ٽولڻ/ پھاڙن جا اٽانگا پنڌ ڪرڻ.)

٣٥. لڳي جن لوري، ڏنگر سي ڏوريندين.
(لوري: تانَ تنوار/ عشق/ پريت.)

٣٦. ناميدي نيج، تہ اوڏي ٿيين اميد ڪي.

٣٧. نايو نيڻ نھار، تو ۾ ديرو دوست جو!

٣٨. وڃي جو وٽڪار، ھت نہ ڳولين ھوت ڪي!

٣٩. وندر جي وجن، سي مَرُ ٻنڌن سندرا،
ٻيو ڪوہ ٻنڌن؟ چوڙي جي ڇڏيندين.

٤٠. وندر جو ويو سو الله! اوري آٽين!
(وندر: پنھون واري بلوچستان ۾ ڪيچ مڪران جي اٽانگين راھن ۾ ھڪ جابلو نئين/ پھاڙي ندي/ ماڳ/ مڪان ھنڌ جو نالو.)

Gul Hayat Institute

٤١. ويني وَر نہ پون، سُتي ملن نہ سپرين،
جي متي رندن رون، ساڄن ملي تن ڪي.
(ور پوڻ: ور چڙھڻ، ھٿ اچڻ/ ملڻ. ور نہ پون: ھٿ نہ اچن.)

٤٢. ويني ھِت م ھو، ھلين تہ ھوت لھين!

٤٣. ھِتي جي ھئڻ جون، وٿون سڀ وسار.
(وٿون: شيون/ساز سامان.)

٤٤. ھل ھيين سين ھوت ڏي، پيرين پنڌ وسار،

قاصداڻي ڪارڻ، ڪين رساڻي ڪيچ ڪي!

٤٥. هل هيين سين هوت ڏي، سسي ڪڻ م ساڻُ.

٤٦. هوت هلندن ڪتيو، جن انگن چاڙهيو انگ.

(هلندن: جاڪوڙ ڪندڙن. انگن چاڙهيو انگ: پنهنجي جسم ڪي قاسي/ سوري تي چاڙهيو.)

٤٧. هيڪليائي هاڻِ، پوريندس پنهوءَ ڏي.

٤٨. هيڪليون هلن جي، پڄي تن پَرم.

(هيڪليون: وانديون/ وارثن کان سواءِ/ مڙسن بنا. پرم: حجاب.)

## سُر معذوري:

١. آريءَ جي اَرمان ۾، ماڙهُو مِرون رونِ.

٢. آيو موت دليل، مارينديِ مُراد کان!

٣. اَمن پايان اُن کي، ساجن منکي جا چئي.

٤. توڻي ولاڙون ڪرين، توڻي هلين وِک.
لکئي منجهان لِک، ذور ضايع نہ ٿئي.
(ولاڙون ڪرڻ: وڏيون ٻرانگهون ڀرڻ/ تکڙو هلڻ.)

٥. جتي جيتريون، لکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.

٦. جئن ڪهندءِ، تئن وهندءِ!

٧. جي هَتان هوت مرنِ، هوتُ تنين جي هنج ۾.

٨. جيڻا اڳي جي جيا، جُڳ جڳ سي جين،
اوءِ موتي ڪين مرن، مرڻا اڳي جي مئا.

(سچا صوفي، مرڻ/جسماني موت کان اڳ ۾ ئي مرندا آهن يعني پنهنجي خواهش کي ماري ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن کي طبعي موت، ماري نہ سگهندو آهي ۽ اهي مرڻ کان پوءِ بہ جيئرا هوندا آهن يعني هميشہ ياد ڪيا ويندا آهن.)

٩. ڏکئي توءِ ڏکار، توڻي وسن ميهڙا،

Gul Hayat Institute

صاحب هٿ سڪار، هن وس آهين هٿڙا.
(توءِ: تنهن هوندي بہ. هٿڙا: دُعا گهرن لاءِ هٿ.)

١٠. ڏڪيءَ ڏمر ناهہ، ٻُڪيءَ ڪل نہ اُجهي،
اگهاڙيءَ وهانءُ، ويو ويچاريءَ وسري.

١١. سپيريان سين سوپ، ننڊون ڪندي نہ ٿي!

١٢. سڏن جون، سيد چي، وٺون سپ وِڪڻ.
(سڏڙيو نہ ٿيءُ!)

١٣. سڳائيءَ جي، سيد چي، آهي سڌ سين.
(سڳائي: مائٽي/سيٽپو.)

١۴. ڪندو ٻاجھ الله! وهان تان نہ وس پيو.

١۵. لڪيون لڪ، لطيف چي، اورانگهڻ آئيام.

١٦. لڪيو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙي نہ ٿيي،
پاريو ويني پار، جيڪين لالن لکيو لوح ۾.

١٧. مرٽا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيٽا اڳي جي جيا.

١٨. وِھ م واٽ ورچي، هو! الا! ميان!

١٩. هجي ڪريان هيج سين، مطالع محبت.
(هيج: سڪ.)

٢٠. هورن هاڙو لنگهيو، ڳوٺريون پاسي ڳوٺ.
(هورن: هاڪڙين.)

Gul Hayat Institute

**سُر ديسي:**

١. پينر! آئون پلياس، نہ تہ سڪ سمهڻ ڇا لڳي؟

٢. پڃاٽا پرين، ڪجي بس پنيور ڪان.

٣. جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني.

۴. جت جڃها جڳ ۾، مهجي پرت پنهوءَ سين.

۵. جڏه جام پنهو جائو، تڏهن ٿي وس وٽڪار ۾.

٦. ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
٧. سمر جنين نہ ساڻ، هوت حماتي تن جو.
٨. ڪوءِ سي جيڻ ڏيهڙا، جي پون پرينئان ڏار.
٩. مُهجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.
١٠. واٽون ويهه ٽيون، ڪُهہ ڄاڻان ڪيهي وئا؟
١١. هوتاڻي هيڪار، مولا! منکي ميڙين!
(هوتاڻي: هوت بلوچ يعني پنهون.)

## سُر ڪوهياري:

١. ٻانهي چايو پاڻ، ٿي سڄيون راتيون سمهين!
٢. جڏهن ستيون جي، پٽر پير ڏکها ڪري،
تڏهہ تنين ڪي، ساٿ ستيئي ڇڏيو.
(پٽر: پٽريل/وڇايل شيءِ/پٽراٽي/ بسترو/ وڇاڻو/ سمهڻ جي جاءِ.)
٣. جي سسئيءَ سيباڻا، سي وجي ڪيچ قرارايا.
٤. جيهي جي تيهي، تپ ٻانهي ٻاروچن جي،
حجت هوت پنهوءَ سين، مون ڪميڻي ڪيهي؟
(تپ: تہ بہ /تڏهن بہ.)
٥. ڏونگر! مون نہ ڏکوءِ، آنءُ اڳ ڏکوئي آهيان،
ساريال ڪو نہ سکوءِ، سور گهٽيئي سنيران.
٦. سي پنهو ڪوه پڇن، جي سنجهي رهن سمهي.
٧. سي ڪئن محب مڙن؟ جي سنجهي رهن سمهي.
(مڙن (مڙڻ/ ملڻ/ حاصل ڪرڻ): گڏجن.)

## سر حُسيني:

١. آئون ڏوريندي ڪيترو، پهڻ پير پيو.
٢. اعلي اڃو عيد ۾، دوستاڻو ديدار.

Gul Hayat Institute

۳. بر هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو.
(هن تمثيلي مصرع ۾، اشارو نبي ڪريم ﷺ جن ڏانهن آهي.)

۴. ٻيون ههين هٿ هٽن، روئنديون رئڻ واريون.

۵. تتي ڏڏي هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.

۶. تتي ڏڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نہ لهين پريءَ جو.

۷. پاڙي ناهه پروڙ، ڪا رات رنجائي گذري.

۸. پچن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندِيون ڏسن، اڳڻ عجيب جا.

۹. پريتڻي پرين جي، ماءُ مُنجهايم مت.

۱۰. جا ”وندر“ وڪاڻي، تہ جو موٽڻ ڪو مس ٿئي.

۱۱. جنين ڏنو هوت، تن دين سيئي دور ڪيا.

۱۲. ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏکن ري!

۱۳. ڏڪوين اُهڃاڻ، ڪلي ڦاتو ڪنجرو.

۱۴. ڏيکاريس ڏکن، گندر گس پرين جو،
سنهائي سمورن، کي هيڪاندي هوت سين.

۱۵. ڏيهارن ڏورڻ ڏک سين، راتيان چڪن چاڪ.

۱۶. سانگهارو سورن، ڪڏه تان ڪو نہ ڏنو.
ٻائڙ ٻوڙ وهن، ڪالوٺئا اڄ گهٽا.
(سانگهارو: گهٽتائي. ٻائڙ ٻوڙ وهن: ائين اڇن جيئن نار جي لوٽين جو پاڻي ”ٻائڙ“ مان تيزيءَ سان وهي، ”سنير“ ۾ پوندو آهي.)

۱۷. سو سکن ڏيئي، ورهه وهايم هيڪڙو.
مون کي تہ نيئي، پير ڏيکاريو پريءَ جو.

۱۸. سي ڪئن ٻيلياڻوين؟ جن ويندو هوت نہ واريو.
(ٻيلياڻيون: ساٿياڻيون/ مددگار.)

۱۹. سي ڪيئن ويساريان، جي وٺان مون واٿ ٿيا.

۲۰. صبر وڏو ست، سگها ميڙي سُپرين!



Gul Hayat Institute

۲۱. ڪڏهن ڪا نہ سئي، تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

۲۲. ڪميڻن هٿان، ٿين مورائين مديون،
تون ڪر پاڻ وڙا، موٽ سباجها سپرين!

۲۳. ڪوڙين ٿئا ڪيترا، نالي تان نثار.

۲۴. ڪُه ڄاڻان؟ ڪُه ٿيو؟ ڪيڏاهہ ٿي وڃان؟

۲۵. لاٽو سڀ لوڪ تان، هاڙي ڏٽي هور.
(هاڙي ڏٽي: هاڙي جبل جو مالڪ يعني پنهون. هن تمثيلي شعر ۾ ”پنهون“ مان مراد پاڻ رسول ڪريم ﷺ جن آهن.)

۲۶. لٿو ڪم ڪيچين جو، چڏي هليا مون،
الله آهين تون، هوتن تان هيڏي ڪئي.

۲۷. لوڪ لتاڙي نند ۾، پٺيءَ لالن لڳ.

۲۸. مٿي معذورين، هوت ڏريندو هٿڙا.

۲۹. واڳيون جي ورن سين، تن سرتين سبج سهاءِ.

۳۰. ويو ٻاروچو نڪري، هاٽي ڪريان ڪيئن؟

۳۱. هڪ سسئي ٻيا سُور، ويا پٽيندا پاڻ ۾!

۳۲. هوت هلن، آءٌ وهان، تہ ڪا اينءَ ڄُڳاءِ؟

۳۳. هون سلامت سپرين، گهوري سا آئون.

۳۴. هوءِ مر هوت حيات! آئون ميائي گهورئي.

۳۵. هيڏا هاڃا ٿين، ٻري هن ٻنڀور ۾!

۳۶. هيءِ! تو وڃي هوت، آءٌ ڪ اڳيري ٿيان،
متان چوءِ بلوچ، ڪميڻيءَ مان ڪين ٿئو.

۳۷. هيڙو ڏاڙهونءَ گل جئن، ريهي رتائون.
(ريهڻ: ريهو ڏيڻ/ سوناري وارو ريهو ڏيئي ڳنڍڻ/ ڳنڍڻ. رتائون: ڳاڙهو ڪيائون.)

## سُر ليلان چنيسر:

Gul Hayat Institute

١. الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن!
مون سين مون پرين، پورائي ۾ پال ڪيا.
٢. اڏوهي جيئن ڏڪڙا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن.
٣. اوليون پسي ان جيون، پئڙم ڳچ ڳري.
(اوليون: ڏکايون، سندس ڏنل ڏکن سبب روئي ڏنم.)
٤. ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو ويچاريءَ وسري.
(ٻالاپڻ: ننڍي وهي. ٻالاپڻ جو ٻوڪ: ٻوڪجڻ/ ٻوڪ: وهيءَ چڙهڻ/ سامائجڻ/ جوان ٿيڻ): جوانيءَ جو قوهه/ جواني ديواني جو اوج/ جوڀن ڏينهڙا. چنيسر ناراض ٿيڻ سبب، ليلان کان جواني جو اوج ئي وسري ويو.)
٥. تو ڪي ساري سپرين، آءٌ پونديس ماڳ مري.
٦. پائي پاندو ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبي گڏ!
٧. پرتان پير پريج، ملهائج مسڪين ڪي!
٨. جنهن جو تون ئي تون، سي پياريون پهچائين.
٩. جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائج.
١٠. ڍڪي ڍول! گذار، لڄ مهجي لوڪ ۾.
١١. ڍول تنين جي ڍار، هيناهيون هلن جي.
He that is down needs fear no fall
١٢. ڍول تنين جي گس، هيناهيون هلن جي.
١٣. ڍولا، ڍيل م مون، ڪانڌ ڪميٽي آهيان.
(ڍيلڻ (ڍيل): ڇڏي ڏيڻ/ هڪالي ڪيڍڻ/ ڌڪي ڌار ڪرڻ.)
١٤. ڍولي ڍيلياس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾!
١٥. رُئنديون ڏٺيون مون، ان در متي دادليون!
(دادليون: ناز انداز سان پليل.)
١٦. ساجن سيوئي، ساهہ اوهان تان صدقو!
١٧. سائين لڳ ستار، ميٽ مدايون مهجون!
١٨. سر نيسريا پاندہ، اُتر لڳا آءُ پرين،

Gul Hayat Institute

مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون.

١٩. ڪوڙيئن تنهنجون ڪامٽيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ.

(ڪامٽيون: جن ڪي پيار جو جادو لڳل هجي. ڪانڌ: مڙس/ پتار.)

٢٠. گوندر مٿاءِ جندڙي، وريا ولن جيئن.

(جان مٿان گوندر/ غم ولين وانگر ويڙهجي ويا آهن.)

٢١. مون سڏيندي سڏڙا، ساتي سڏ نہ ڏين!

٢٢. مون ور تونهين تون، تو، ور وهون ڪيترين!

٢٣. مون سين ڪري ميٺ، سڄڻ سفر هليا.

٢٤. وٽندن تہ وڙ ڪندا، نا تہ اڳين جي اختيار.

## سُر مومل راڻو:

١. اڄ ڪ سنجهہ صابح، نيئي ڏرينڊءِ ڏوڙ ۾.

٢. تن ڪي ناتر ڪوه ڪري؟ جي لڏوٽئا لنگهي ويا.

٣. تو پڄاڻا سپرين! هيڙي اڇن هول.

(هيڙي هول اڇڻ: ڏپ ٽيڻ. هول: هينٿ/ ڏپ/ ڏيجڙو.)

٤. تون گهڻ جو گهوٽ، مون ور تونهين تون.

٥. پائي تراڙيءَ توريان تہ ملڪ نہ تهجو مَٹُ.

٦. ڏڳ لتبا ڏوڙ ۾، اُيي ڏنا سون.

(ڏڳ: متارا مڙس/ جنگ جوان.)

٧. ڏيهہ مڙيئي ڏون، اتي لوچ لطيف چي!

٨. روءِ راڻي جي ناهہ ڪو، سوڍو سين سونه.

٩. سورن لائيا سنگ، سگهو موٽج سپرين!

١٠. سوڍا تو ڱر ساهہ نا تہ راڻا گهٽا راڄ ۾.

١١. سوڍو سڄ ڪري، مومل ماڻي هليو.

١٢. سوڍي جي سهاڳ، ڍٹ مڙوئي ڍڪيو.

١٣. ڪاڪ نہ جهلئا ڪاپڙي، موهيا، ڪه نہ مال.

١٤. ڪانه ٻي توار، ٽيو مڙوئي ميندرو.

Gul Hayat Institute

(توار/ تنوار: ذڪر.)

١٥.	ڪانھ ٻي وائي، ٿيو مڙوئي مينڊرو.
(وائي: پچار/ ذڪر/ڳالھ.)

١٦.	ڪانھ ٻي ورونھ، ٿيو مڙوئي مينڊرو.

١٧.	ڪھڙي پڇين ذات؟ جي آئيا سي اگھيا.

١٨.	ڪوءِ سا ڪاٽي راتڙي! جا پرين ري پيئي!
(ڪوءِ پوڻ/ ڪڏھِ پوڻ/ ٻن پوڻ.)

١٩.	لالن جو، لطيف چي، ڪونھ سونھ سياءُ.
(سياءُ: شريڪ/ جوڙ جيس.)

٢٠.	لڏؤ لطيفن، پلاٽي پنڌ پيا.
(لطيفن: دوستن/ منن ماڻھن/ قربائتن ماڻھن.)

٢١.	مون ڪي مون حبيب! طعنو ئي تھجو.

٢٢.	مين سين ماڻو، مناسب نہ مينڊرا.

٢٣.	نہ ڪا عام نہ خاص، جي ويا، سي وڃيا.

٢٤.	نماڻيءَ جي نجھري، پيھي تون پڇيج.
(نجھرو: ڪکائون گھر/ جھوپو/ چنو/ چپر.)

٢٥.	ويئي ويچارن وسري، صباح جي سنڀال.

**سر مارئي**:

١.	آڏي لکئي لوح جي، ھنڌ ڏيکاريم ھي.

٢.	آڏين ڪِي چاڙھين، ڏُڌُ ڏيھاڙي سومرا.
(غاريباڻو گذر: From hand to mouth)

٣.	اِيءَ نہ مارُن، ريت، جئن سيڻَ مٽائن سونَ تي.

٤.	ٿڌيون وليون ٿرن، ڪوڙيين ڪرڙ ڪرير.
(ڪرير: جھنگلي ٻوٽو.)

٥.	پسي پڊ انين جا، لڙي لڙڪ پئا.

Gul Hayat Institute

(ڀڊ: ڦتل ڳوٺ/ ويرانو/ گهٽ آباديءَ وارو واهڻ. مثال طور: ڀڊ عيدن (عيدن جو ڀڊ) ضلع نوشهري فيروز ۾ آهي جيڪو اول ۾ ننڍو ڳوٺ هوندو.)

٦. پکن منجھ پساهه، ڦالب آهي ڪوٽ ۾.

٧. پنهوارڪي پٽ، پيهي پڃ ملير ۾.

(پٽ: ريت. پٽ/ رسم/ رواج/ ثقافت.)

٨. جان جان دعوىٰ دم، تان پرٽ پنهوار سين.

٩. جهڙا اچن ڏينهڙا، تهڙا ويني گهار.

١٠. جهانگي جو جهنگ جو، سيڻ ڪميٽيءَ سو ئي.

(سيڻ: مائٽ.)

١١. جهوپو جهانگيڙن جو، ماڙيءَ سا نہ متيائين.

١٢. ڏريائين ڏار، جي وڍي وڻ جدا ڪئا،

تن سکن کهڙي سار، تہ ڪ انا ميه ملير ۾.

١٣. سُتي لوڪ لطيف چي، ٻئي ڪٽج ٻاهون.

١٤. سپ سمندين، سپجي، ندي پيي نہ نير.

(نير: پاڻي.)

١٥. سندا سنگت ڏيهڙا، وَرَا! م وساريج.

١٦. عمر! اچا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪئن ڪن؟

(ڪاٽياريون: ڪاڻ واريون/ جن تي ڪا ميار ايندي هجي.)

١٧. قسمت قيد ڪياس، نا تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟

١٨. ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻئو، ڪتيرو ئي خوب،

ميرو ئي محبوب، اسان مارو من ۾.

١٩. گولاڙا گگريون، اوچڻ اباٽن.

(گولاڙا: ٿر ۾ پيدا ٿيندڙ "ول" جو قسم. گگريون: جهنگلي وڻ.)

٢٠. ماروءَ ري مَ مرن، الله! اهي آسائتون.

٢١. ماروئڙا فقير، ڪه دِر ڏيندا دانهڙي!

٢٢. مون ڪي ماروئڙن، سج ڳٽائي سيج ۾.

Gul Hayat Institute

.٢٣ ميائي جياس، جي وجي مڙه ملير ڏي!
.٢۴ ميائي جيان، جي وجي مڙه ملير ڏي!
.٢٥ نڪا جهل نہ پل، نڪو رائر ڏيھ ۾.
(رائر: ڍل/ محصول، پنچري.)
.٢٦ نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناھ.
.٢٧ وَر سي ڪارا ڪوهہ، سنجيم جي ساڙيھ جا!
(وَر: بهتر. سنجيم جي: جن مان پاڻي پريم.)
.٢٨ وسائيندي وڄڙي، حب جهين ڪي هو!
.٢٩ هميراڻا هٿڙا، مهري ڪين مڃيندي.
(مهري: عورت (يعني مارئي) هميراڻا: اميراڻا/ عمر بادشاھ جا هٿ، يعني هٿ چراند برداشت نہ ڪندي. ياد رهي تہ سنڌي عورت، غير مرد جا هٿ، پاڻ تي ڌرڻ نہ ڏيندي، توڻي جو اُهي هٿ امير/ بادشاھ جا ڇو نہ هجن! سنڌ جي تاريخ انهي حقيقت جي شاهد آهي.)

**سر ڪامو ڏ:**

.١ آهين ٿارو اکين جو، وٿان مون م وڃيج!
.٢ تون تماچي تڙ ڌڻي، آئون گندري غريب.
(گندري: مهاڻي. تماچي: ڄام تماچي، ڪينجهر (تڙ) جو مالڪ.)
.٣ تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيب اپار.
.۴ ڄارا ۽ ڪارا، مال جنين جو مڪڙيون.
(مڪڙيون: ننڍيون ٻيڙيون/بتيلا.)
.٥ گند جنين جي گوڏ ۾، پابوڙا پوشاڪ.
اُنين جي اوطاق، راڄا ريجهي آئيو.
.٦ ڪاڄ جنين جو ڪکيون، مال جنين جا مڏ.
(مهاڻا گهڻو ڪري مڇي ۽ مڏن جي حوالي سان سڃاتا ويندا آهن. سندن گذران، وڏ ۾ وڏ مڇيءَ تي هوندو آهي.)
.٧ ڪکيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٽا ڇڄ.

Gul Hayat Institute

(مھاٽين کي گھٽو ڪري مٿي تي مڇيءَ جون ڪاريون/ ۽ ڇڇي/ مڇي جا ڀريل ڇڄ ھوندا آھن. سنڌ جون عورتون صدين کان پورھيو ڪنديون اچن.)

٨. نہ ڪہ ڄايو ڄام ڪي، نڪو ڄام وَياءُ.

(شاھ صاحب جو مٿيون بيت، باري بيپرواھ، الله لاشريڪ لاءِ آيل، قرآني آيت: "لَم يَلِد وَلَم يولَد" (نہ ڪنھن ڄاڻو ۽ نہ ڪنھن کي ڄڻيائين) جو منظوم ترجمو آھي.)

٩. وڏي ڄام ڄمار! ڄِہ مياٽيون موڪيون.

(موڪيون: ملھايون/ انعامن سان نوازيون/ محصول يا ڍل معاف ڪيا.)

## سر گھاتو:

١. اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچان وسري!

(تاڻ: تاٽا/ ويلو/ وقت.)

٢. ڪو جو قھر ڪلاچ ۾، جو گھڙي، سو نئي.

٣. مون اڏرئا مڇڙا، الله! گھاتو آڻ.

## سر سورٺ:

١. اجل اُيو آھ، پنيءَ تو پلاٽئو.

٢. پلا! پيري پر، پالھو پاند پينار جو.

(پالھو: خالي. پاند: جھولي. پينار: فقير/ منگو.)

Gul Hayat Institute

## سُر ڪيڏارو:

١. الله الصمد بي نياز، ساڪري جا چاھي.

٢. تہ سورَھ کي شاباس، جو پڙَ مٿي پرزا ٿئي.

(سلام آھي اھڙي بھادر کي جو پڙ/ ميدان جنگ ۾، جنگ ڪندي پرزا پرزا ٿي وڃي!)

٣. تہ واحد کي واھ، جو حڪم ھھڙا ئي ڪري.

۴. ﭘڙَ تي سيئي ﭘوَن، موٽڻ جنين ميٺو.
(ميدان جنگ ۾ اهڙا سورهيہ ڪاهي ﭘوندا، جيڪي گيدي تي، ﭘٺي وڃڻ کي طعنو/ مهٽو سمجهندا آهن.)
۵. جاٽي هڪ الله، ﭘاڻ وٽنديون جو ڪري.
٦. حورون هار ٻڌن، سهرا شهيدن کي.
۷. گهوٽن ۽ گهوڙن، ڄيڻ توڙا ڏينهڙا.
۸. هٽڻ هلڪڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهارين ايءَ مرڪ!
(سورهين جو حوصلو آهي تہ هو جنگ دوران، دشمن تي حملي ڪرڻ وقت، ﭘنهنجن دوستن جي سار لهن تہ اهي مئا کي بچيا.)

**سر سارنگ**:

۱. اتر ڏاهي اُن جا تہ ڪه کي ڪارون ڪن؟
(اُتر: اُتر جو واءُ، سندن جهوﭘڙا ڏاهي وڃهي تہ ڪنهن کي سڏين.)
۲. آءُ لالن موتي، گهوريا رسڻ ڏيهڙا!
۳. ﭘلو ڪندو ﭘال، ميه وسندا موٽ تون!
۴. ﭘاسارﻳﺎن ﭘري، سانگ م وڃن سﭘرين!
(ﭘاساريان: ﭘاسي ڪان/ وٿان. سانگ: ڪنهن ڪم سان/ ڪم سانگي، شل دوست دور نہ ٿين!)
۵. جن مهانگو لهي ميڙيو، سي تا هٽ هٽن.
(ملڪ/ انسان دشمن واﭘاري، مال چيٽ ڪندڙ Hoarders/ Black Marketers وڪٽندڙ ۽ مهانگو وڪٽندڙ سينين لاءِ چيل آهي.)
٦. جهڙا مهجا سﭘرين، تهڙا ميگھ ملار.
(ملار: ڪڪر/ جهڙا آگم.)
۷. ڏڪاريا ڏيهن مان، شل موذي سﭗ مرن!
(منافع خور، ذخيره اندوز، چيٽ ڪندڙ، انسان/ ملڪ دشمن واﭘارين کي ﭘِٽ ﭘاراتو ڪيو ويو آهي.)
۸. راضي منجها ريج، عالم سﭗ آباد ٿيو.
(ريج: زمينن کي ريجائڻ لاءِ ﭘاڻي.)

Gul Hayat Institute

٩. سيڻن ري، سيد چي، روح نہ رچن رنگ.
(رچن: وڻڻ/ سيبائڻ.)

١٠. سائيم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوس! منا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين!

١١. سڀاجهي ستار، لاٿا، ڏرت ڏيهہ تان.
(ڏرت: ڏڪار/ قحط/ مهانگائي.)

١٢. سرهي سيج، پاسي پرين، مر پئا ميه وسن!
(سرهي سيج: شادي رات جو سينگاريل پلنگ، پاسي ۾ دوست هجي، ۽ پوءِ ڀلي بارش پوندي رهي.)

١٣. سي مر رويو رون، جن مسافر سپرين.

١٤. لالن جهين لوءِ، سي اوڪاٽيون نہ اکيون.
(لوءِ: ڳوٺ/ وسندي/ واهڻ/ ويڙهو. اوڪاٽيون: موڳيون.)

١٥. لاهين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏيهڙا.

١٦. مٿان ايءَ پانيو، تہ بادل آهہ بس ڪي.

١٧. ور ريءَ واندين اڏيا، پکا سي ۾ پسن!
(شال اهي جهوپڙا نہ گهٽي مينهن وهي پون جيڪي واندين: ڇڙين/ اڪيلين عورتن، پنهنجي وارثن جي غير حاضري ۾ اڏي ورتا آهن!)

١٨. وِهو م لاهي، آسرو الله مان!

١٩. هينڙا! کپُ مَ کِجُ، سگها ملندءِ سپرين.
(اي دل، ڳڻتي نہ ڪر، اجهو ڪي اجهو، دوست آيا!)

Gul Hayat Institute

**سر آسا:**

١. ”آئون“ اوريان جهل، تو ڪي رسي تو ڏٺي!
(آئون چوڻ: پاڻ ڪي پانئڻ/ پاڻ پڏائڻ/ پاڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ/ تڪبر ڪرڻ. ”آئون/ مان“ تڪبر ڪي ڇڏي ڏي تہ رب پاڪ جو مشاهدو ماڻيندين!)

٢. ٿهَ نہ پڇي ماهہ، گنديءَ نيهَ نہ سِڀجي.

(جئن ٺُهن (ان جا تهه، توتڙ) ۾ رکڻ سان ماهه (گوشت) پچي نه سگهندو ۽ اُنَ کي پچائڻ لاءِ باهه گهرجي. اهڙي طرح گنديءَ مان (جنهن ۾ ان پيري رکبو Store آهي) عشق نه اپرندو يعني ته اُها ڳالهه ناممڪن آهي.)

٣. جان جان پسڻ پاڻ کي، تان تان ناهه نماز.

٤. ستو ئي سيج گهرين، جفا ڏين نه جان،
صلح ري سيٽان، متان نونڌين نه چڙهين.
(نونڌين: ليکي/ شمار ۾ آڻي. سيٽان: انهن جي/ محبوبن جي.)

٥. سپيريان جي سونهن جو، نڪو قد نه مد.
(قد مد: حد حساب/ پڇاڻي/ ڇيهه.)

٦. سخن ناهي سو، جو مُه مقابل نه ٿئي.

٧. سندي محبت مام، کُور پروڙي ڪين ڪي.
(کُوَرَ: انڌو/ اندر جو انڌو.)

٨. سو سيو ئي حق، جه ۾ پسڻ پريءَ جو.

٩. سي ستا ئي جاڳن، نند عبادت اُن جي.

١٠. قلم جنين جي هٿ ۾، سي سيڻ سڀاجها سائين.

١١. مورک مام نه ٻجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
سي ڪيئن پرين پسن، ڪنڙ جن اکين ۾.

١٢. مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اپا اينءَ چون، مچڻ پاند پسائين.
(دوستن اٿاهه پاڻي ۾ اڇلايو آهي ۽ چون پيا ته متان پلو پسايو اٿئي. مچڻ: متان. ٻار: تار پاڻي/ اونهو پاڻي/درياهه.)

١٣. مه ته موسىٰ جهڙو، عادت ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوه نه ڇڏين؟

١٤. مُه ۾ موسىٰ جهڙو، سيرت شيطاني.

١٥. نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها.

Gul Hayat Institute

**سر رپ:**

١. اوڏيان اوڏو گهٽو، کهڙا ڪرين سَڏ.

٢. تنين ڪال ڪهو؟ نڌر جنين نجهراءِ.

٣. توبه آهي تن ڪان، جي هٿان مون ٿيون.

٤. سڄڻ ياد پيوم، جاڙَ جيان ٽي جيڏيون.

٥. لالن جنين لوءِ، سي اوڳائين نہ اڪيون.

**سر ڪاهوڙي:**

١. ڇپر ڪين ڏئي، سوڪڙيون سُتن ڪي!

(ڇپر: جبل/ پهاڙ/ روھ سُتن ستلن/غافلن.)

٢. سيڪڙو ءِ سڪ، ٻئي گڏئا پاڻ ۾.

٣. ڪاهوڙين اُجاڻ، انگ نہ سڄي اڳڙي.

(ڪاهوڙي جن جي انگن/غمن تي سواءِ اڳڙين/ليهن ليڙن جي، ڪو سڄو ڪپڙو ناهي هوندو. اها ئي سندن سچاٽپ جي وڏي نشاني آهي.)

**سُر بروو سنڌي:**

١. اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

٢. اي دوسن جو دستور، جيئن چني چڏن ڪينڪي.

٣. دلبر! هن دنيا ۾، وچي رهندو واس.

(واس: خوشبوءِ: نيڪيءَ جي سرهاڻ.)

٤. سندي سڪ پرين، لوڪ ڏني نہ لهي.

٥. سوڪو هوندو سو، جه جو عشق الله سين.

٦. ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.

٧. ڳجهو ڳالائي، پرت وتجي پاڻ ۾.

(وتجي: واتا ڪجي: ياڳا ڪري ورهائجي/ وندجي.)

٨. فاني ڙي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو.

Gul Hayat Institute

۹. فاني ئي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو.
لٽي لوڙھ لتن سين، جوڙيندءِ جاني!
ڪوڏر ۽ ڪاني، آھ سر سڀ ڪنهن.
(لوڙھ: مئل جسم/ لاش/ ميت. ڪوڏر: قبر کوٽڻ لاءِ اوزار. ڪاني: ڪفن ڪپڻ لاءِ استعمال ڪيل ڪانو.)

۱۰. وڃڻ در دوسن جي، هر هر هوڙائي.
(هوڙائي: هلڪڙائي/ ترڙائي/ توتپائي/ غير معياري حرڪت.)

۱۱. ويچ! ڏنيين کُه ٻانهن، سور هِيَنِ کي سامهان.
(اي طبيب، ٻانهن جي سور جو علاج ڇو ڪرين، جڏهن سور آهي ئي دل ۾.)

۱۲. يار سڏائي سڀ ڪو جاني، زباني،
آهي آساني، ڪَمَ پئي تي ڪل پوي.
Poverty gains friend, adversity tries them.

## سُر رامڪلي:

۱. ٻُڌُ سورن جو سندرو، منجهان سِڪ ساهي.
(ساهي سندرو ٻڌڻ: ساھ بند ڪري/ مجهائي سندرو ٻڌڻ/ مضبوط ٻڌڻ.)

۲. جي واڳوءَ واتِ وڃن، تا ڪُس ڪُڇ ڪينَ ڪي.

۳. جيڏهَ پَرن وِڪَ، تيڏھ صاحب سامهون.

۴. حاصل جَنين حال، آئون نہ جِيَندي انَ ري.

۵. سيوئي سبحان، ڪاڏي وڃي نيتيان.
(نماز کهڙي طرف مُنهن ڪري نيتيان، چاڪاڻ تہ الله تہ هر طرف آهي.)

۶. گولا جي گولن جا، تن جو تيءُ غلام.
(انڪساري/ نهنائي لاءِ چيل. He that is down, needs fear no fall)

۷. ونءُ تنين سين واڳئو، جيڪي پسين منجھ پساھ.
انهن سان ونءُ واڳيو/ ڳنڍيو وڃ جيڪي هر وقت تو کي ساھ سنوان يعني ياد آهن.

Gul Hayat Institute

**سُر ڪاپائتي:**

١. اتي اور اَرٽ سين، ويھُه م ويڳاڻي!

٢. پڳو ئي تون پير، جانسين رتو راس ٿئي.

(پڳل/ اُلٽيل ائٽ سان ئي ڪتيندي رهه، جيستائين رتو (رتل سٽ/ ڪپهه) ڪتجي وڃي. مطلب ته هر حال ۾ محنت ڪندو رهه.)

٣. چاوت پائي چِٽَ ۾، سنهو ڪِتو جن،
تن جو صرافن، ڏُڪو ئي داخل نہ ڪيو.

(دل ۾ ٻيائي رکي جن ويهي سنهو سٽ ڪتيو، تن جو ڪتيل سُٽ صرافن (سٽ جي واپارين) ذرو بہ قبول نہ ڪيو. محنت ڪهڙي بہ هجي، ان ۾ "محبت" ضروري آهي.)

٤. محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهايو.

(محبت سان ٿلهو ڪتيل سُٽ بہ صرافن وٽ اگهامجي ويو. پيار سان ڪيل پورهيو. اجايو نہ ٿو وڃي. پورهئي سان پيار ضروري آهي.)

٥. ويني اور ارٽ سين، ڳچيءَ پايو پاندَ.

٦. هِيءِ! تني جي حال، جن ڪاپي منجهان ڪين ڪيو.

(انهن تي حيف جن ڪتيل سَٽ مان بہ ڪجھ نہ ڪمايو. ساڙولن جي محنت سجائي ناهي ٿيندي چاڪاڻ تہ اهي، ساڙ ۾ سڙندا رهندا آهن ۽ پورهيو ڪائڻ وسري ويندو آهي.)

Gul Hayat Institute

**سُر پورب:**

١. ڪوڙي دُنيا، ڪوڙا پسارا، ڏينهن مڙوئي ڏون.

(Human life is transitory.٢ Life is short lived.١)

٢. متيون ڏيندي لوڪَ کي، چري پاڻ ٿياس.

**سُر ڪارايل**:

١. ”آئون“، ”اسين“ ڪَن جي، پاسي ٿَن مَ اَڏ،
(آءٌ اسين ڪرڻ: هَٺ/ تڪبر/ وڏائي ڪرڻ.)

٢. اَڇو پاڻي لُڙُ ٿيو، ڪالورئو ڪنگن،
ايندي لڄَ مرن، تِه سَرَ مَٿي، هنجڙا!
(ڪالورڻ: ميرو ڪرڻ، اُلڙائڻ لبڻ. سَر: ڍنڍ/ پاڻيءَ جو تلاءُ.)

٣. تِه عشق ڪي شاباس، جِه محبتي ميڙئا.
Love begets love.

٤. سَرَ اُھيئي اڳيان، پکي ٻئا ٻئا،
جن لَمئو لاتون ڏنيون، سي ويچارا وئا،
پاتوندر پئا، وجي ڪينجھر ڪنڌيين.
(پاتوندر: پٽيندڙ/ سخاوت جو در پٽيندڙ/ سخي/ ڏاتارَ (ڏيڻ وارا / سخاوت ڪندڙ.)

٥. سنھا ياڻءِ م سَپَ، سُڪا جنين پيٽ،
تنين جي جھپيٽ، جُنگن ڪي جوکو ٿئي،
(سپ: نانگ/ بلا. جُنگ: پھلوان/ جوان/ سورھيہ. جھپيٽ: ڏنگ/ چڪ/ ضرب.)

٦. سنھا ياڻءِ م سَپَ، وياءَ واسينگن جا،
جنين جي جھڙپ، ھاٿي ھنڌان ئي نہ چُري.
(جھڙپ: جھٽ/ ڏنگ. نانگ جي زھر ڪان، ڏنگيل ھاٿي بہ ٿڌي تي مري سگھي ٿو.)

٧. ڪنگن لٿي ڪاٽي، گڏئو ھنج حبيب ڪي.

٨. ھنجَ مِڙو ئي ھنجَ، ميرو منجھن ناھ ڪو،
جتي رھن سنجھہَ، سو سَرُ ڪن سُرھو.

٩. ھنجن سين ھيڪار، جي ڳَڻ ڪري نھاريين،
ٻگھن سين ٻيھار، ٻيلھ نہ ٻڌين ڪڏھين.

Gul Hayat Institute

(ڳڻ ڪِرڻ: ڳڻ ڳوت ڪرڻ/ ڪٿڻ، ڳوتڻ/ سوچ ويچار ڪرڻ. ٻيلهہ ٻڌڻ: ٻِٽ/ پيچي/ شامل ٿيڻ/ ڳڏجڻ/ ساٿ ڏيڻ.)

## سُرپرڀاتي:

١. ان دَر سي ئي اگهيا، جن نہ پانيو پاڻ.

(پاڻ پانئڻ، تڪبر/ وڏائي/ غرور/ هٺ. خودي (خود کي پسد ڪرڻ) ڪرڻ. Pride goeth before a fall)

٢. تون سَپڙ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهہ،
تون پارس، آءٌ لوهہ، جي سَجيين تہ سون ٿيان.

(چوندا آهن تہ پارس پاهڻ/ پٿر، لوهہ کي لڳندو آهي تہ اهو سونُ ٿي پوندو آهي. سخين جو ساڳيو ڪم آهي. سجن ۽ ڪنگالن کي نوازيندو آهي. سپڙ: سخي جام سپڙ. سنڌ جو پهرين جوڙ جو سخي هو.)

٣. ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي، سو لهي!

٤. ڏاتار تہ تون، ٻئا مڙئي مگڻا.

٥. مَڱُ تِهين کان مگڻا، جو ڏيهاڙي تو ڏي.

٦. وَسِ مهجي ناهہ ڪا، سيڻن هَٿِ سهاڳ.

## سرڏهر:

١. پڙَ ۾ پسان نہ پيرُ، سيڻن ساجهر لڏئو.
(پِڙ: ميدان/ پڌر/ پٽ.)

٢. پن ٻوڙين پاتال ۾، پهڻ تارين تون.

٣. پيئي جا پرڀات، سا ماڪ مَ پسو ماڙهئا!
روئي چُڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.
(ماڙهئا: اي ماڻهو.)

٤. جان جَرَ هئڙو جال، تان تون مڃَ نہ موٽيين.
پوندءِ اچ ڪ ڪال، سانپيون انگين جون.

Gul Hayat Institute

(سانپيوين: مڇين ڦاسائڻ جا رَڇ.)

٥. جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه ٻـ تيڏيائي مڱا.

٦. ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، ايءُ نہ سنگهارن سِٺَ.

(تر جا سنگهار، پنهنجي ڏٽن سميت ويڙها ڪري رهندا آهن.)

٧. ڍڪين ڍڪٺهار، ڏيئي پاندَ پناھ جو.

(پاند: ڍڪ/ پلو/ اجهو/ اوٽ.)

٨. سُتا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سُهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي.

٩. سُتي نہ سرندياءِ، ڪر پچار پرين جي،
وهامي ويندياءِ، گهڻا هٽندين هٽڙا.

(هٽ/ هٽڙا هٽڻ: پڇتائڻ).

١٠. سُمهڻا ساڙو، جيڏيون جيڏو ئي ٿيو،
پرين سين پاڙو، مُهجو ننڊ نبيريو.

(Shake off you idle dreams lest you should repent)

١١. سندو واريءَ ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو؟

(A sand house cannot stand by itself)

١٢. ڦِريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي وِلها ٿئا.

١٣. ڪاچي پيئي ڪُوڪَ، سچ ڪ سنگهارن لڏئو؟
من تنُ ماريائون، پاٽا وجهي گوندرين.

(ڪاچو: سنڌ جو ڪوهستاني علائقو. گوندر: غم/ اندوھ/ ڏک.)

١٤. ڪي سمُهُ، ڪي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
اي مانجهاندي جو ماڳ، جو تو ساٿيهه پائيو.

١٥. مِنو جِنءَ نالوءِ، تِنءَ مون وڏو آسرو.

(جيڏو الله، اوڏو ئي آسرو!)

١٦. نيٺين ننڊ نہ ڏيج، ڇيڙون ڇپر آئيون.

(ڇيڙون: ڀيرون/ قطارون شڪارين جون.)

Gul Hayat Institute

(ڇپر: جبل/ پهاڙ/ روهه. سنڌ جي ڪاڇي واري علائقي ۾ ڪونجن جو شڪار جام ٿيندو آهي. شاهه صاحب ڪونجن کي خبردار ڪندي ڪين ٻڌائي ٿو تہ شڪارين جا ڪٽڪ اڇي لٿا آهن.)

١٧. وڳر ڪِئو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڙهنئان ميٺ گهڻو ٿيو.

١٨. هي تان ٿورڙيون، جي تون پورا! پسي پُليين،
راتيون ٻيون گهڻيون، جي تو اينديون هيڪليون.

(پورا: پورو: نادان/ بيوقوف/ ڪم عقل. اي ڪم عقل انسان، "قبر" واريون ايندڙ راتيون ياد ڪر، جتي مرڻ کان پوءِ هميشہ لاءِ اڪيلو پيو هوندين!)

**سُر بلاول**:

١. ايءُ آڳي جو اِحسان، جه هادي ميڙيم هِهڙو.

(آڳو: آقا/ الله سائين. هادي هدايت ڪندڙ/ هادي برحق/ نبي ڪريم ﷺ. الله جا احسان جنهن نبي ڪريم جهڙو هادي ڏنو.)

٢. پلي جي لاڏاڻِ، سي لنگهنديون لڪيون.

(لاڏاڻ: لاڏ/ ڪوڏ/ پيار. لڪيون: ننڍا لڪ/ جبلن جا لڪ/ اوڪا جابلو پيچرا/ پهاڙي لنگهہ.)

٣. پُڇن ڪا نہ وڏِيت، جي آيا سي اگهيا.

(وڏيت: سبب/ تفصيل.)

Gul Hayat Institute

٤. پُڇي سي پاري، جي عاجز اجورن ۾.

(پاري: پارڻ/ پالڻ/ پيٽ پالڻ/ ڪاڏو ڪارائڻ/ رزق ڏيڻ. اجورو: ا = نہ + جورو = زور وارو) ڪمزور بيمار/ ضعيف.)

٥. جيڪي وهي وجود ۾، سو ڄاڻي ڄاڻٽهارُ.

٦. ڏمرئو تہ ڏي، پرچيو تہ پاند پري.

٧. ڪوجهن سندا ڪم، ڪامِل ري ڪير ڪري؟

(ڪامل: ڪامل انسان/ سخي/ شافع/ نبي سڳوري ﷺ ڏانهن اشارو.)

٨. ڪيف ڏارن ڪوءِ، جِيبي ڪو نہ جهان ۾.

(ڪيف/ شراب/ سرور/ مڳي. هر انسان پنهنجي پنهنجي مستيءَ ۾ هوندو آهي.)

٩. لطف تو ريءَ، لطيف چي، ڪندا ٻيا ڪير؟

***

Gul Hayat Institute

مير محمد پَيو

# سر ڪلياڻ ۾ آيل چوڻيون، محاورا ۽ اصطلاح

هيءَ حقيقت آهي ته شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام، هر نقطهءِ خيال کان، نه فقط ڪامل ڪلام آهي، بلڪ مادي خواه روحاني خيال کان به، هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي هر انسان عملي طور پنهنجو مقصد آسانيءَ سان ماڻي سگهي ٿو. شاھ صاحب جي ڪلام جو هر موضوع ۽ مضمون، مڪمل معنيٰ وارو ۽ حڪمت سان ڀريل نظر ايندو. اهو ئي سبب آهي جو شاھ صاحب روحاني خيال کان نه فقط ڪامل ولي هو، پر مادي نقطهءِ نگاه کان هڪ اعليٰ مفڪر، زندگيءَ جي لاهين چاڙهين کان باخبر ۽ انسانيت جو علمبردار به هو. ٻئي طرف هڪ شاعر جي حيثيت ۾، جڏهن سندس ڪلام جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪجي ٿو ته ٻوليءَ ۾، خاص طور تي سنڌي ٻوليءَ ۾، وقت جي تقاضائن مطابق، جيڪا شاھ صاحب ندرت ۽ وسعت پيدا ڪئي آهي، ان مان اهو چڱيءَ طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو سنڌي زبان جو سچو سچاڻُو ۽ پورو پورو پارکو پيو نظر اچي. ان لحاظ کان ان چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو، ته ٻوليءَ جي لحاظ کان، سنڌي ٻوليءَ ڪي جيڪو ڪجھ لطيف ڏنو، ان جي آڌار تي، اڄ جي سنڌي زبان جو اوج ۽ عروج، ڀلاري ڀٽائي جي مرهون منت پيو معلوم ٿئي.

فصاحت و بلاغت، فڪر و فهم، شاعرانه خوبين ۽ خصوصيتن خواه وسيع نظري وغيره ڳالهين کي هڪ طرف رکي، سندس ڪلام ۾ ڪم آيل بي بها نڪتن کي ڏسون ٿا ته ڪيئن نه اهي پهاڪن يا چوڻين ۽ عجيب اصطلاحن جي صورت وٺي، زبان زد عام ٿي ويا آهن. انهن نڪتن کي وري واقعاتي طور اڻ پڙهيل جهنگ جي جهانگين کان وٺي هڪ عالم تائين، هڪ ئي حيثيت ۾ عام استعمال پيو ڪري. ان کان سواءِ نوان نوان مفيد محاورا به ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ عام جام نظر اچن ٿا. اهڙيءَ طرح سر ڪلياڻ ۾ به ڪيترن ئي قسمن جون چوڻيون، اصطلاح ۽ محاورا

Gul Hayat Institute

موجود آهن، جن کي عام ماڻهن طرفان، واقعاتي طور وري وري ورجايو پيو وڃي.

در حقيقت پهاڪو يا چوڻي آهي زندگيءَ جي عظيم تجربي جو نچوڙ يا ست، جيڪو لفظن جو جامو پهري، ڪنهن فقري، شعر يا مصرع جي صورت ۾ زبان زد عام ٿئي. ڏٺو ويندو تہ هر زبان ۾ اهڙا شاعر، اديب ۽ مفڪر ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي زندگيءَ جي عظيم تجربي، واقعات ۽ ماحول مطابق حڪيمانه گفتا بيان ڪيا آهن، جن کي عام ماڻهن، خصوصاً اهل زبان، پنهنجي حالات ۽ حادثن جي ڪسوٽيءَ تي پرکي عام استعمال پئي ڪيو آهي. ان لحاظ کان شاهہ صاحب جي سر ڪلياڻ ۾ بہ بيتن جون ڪئين اهڙيون سٽون ۽ ڪن حالتن ۾ سڄا سارا بيت، ظاهر ڏسڻ ۾ ايندا، جن کي موقعي ۽ مهل مطابق، انداز بيان کي زياده موثر بنائڻ لاءِ، اڄ بہ هڪ پهاڪي يا چوڻي جي صورت ۾، اهل زبان طرفان عام استعمال ڪيو پيو وڃي. مثال طور: باب (داستان) پهرئين جي چوڏهين بيت جي آخرين سٽ ۾ شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ :

”ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندءِ سامهان.“

هن سٽ ۾ شاهہ صاحب هڪ غافل، گنهگار ۽ بي عمل انسان کي آخرت جو ڏينهن ياد ڏياريندي ڊيڄاري ٿو تہ؛ ڪيئن نہ ان ڏينهن متس سندس عضوا ئي شاهد ٿيندا، پوءِ ان وقت جي پشيماني ۽ پڇتاءُ ڪنهن بہ قيمت وارو ۽ ڪارگر نہ ٿيندو.

انسان لاءِ هن دنيا جو عمل، آخرت جي عذاب ۽ راحت جو واحد مقام آهي. هن دنيا ۾ جنهن نيڪ عمل ڪيا، تنهن جٽڪ ڪٽيو، پر جنهن ڪجهہ بہ نہ ڪيو، ان گويا هارايو. تڏهن تہ هڪ جاءِ تي شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

ڪٽين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ.

داستان ٻئي جو ٻيو بيت، واقعاتي طور سڄي جو سڄو، چوڻيءَ جي لحاظ کان استعمال ٿي سگهي ٿو. ان ڪري هن بيت کي مختلف موقعن تي، ڪڏهن مجموعي طور تي، تہ ڪڏهن جدا جدا سٽ سان، چوڻيءَ جي صورت ۾ ڪم آندو ويندو آهي. شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ :

١. انڌا اونڌا ويڄ، ڪل ڪڄاڙيا ڪانئيين،

٢. اسين ڏکي ڏيل ۾، تون پيارين پيڄ،



Gul Hayat Institute

٣. سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

پهرين سٽ ۾ ناتجربيڪار ۽ ٽوٽڪائي حڪيم تي ٽوڪ آهي، جيڪو جِهل سبب خواه مخواه پيو ڪل ساڙي. ٻيءَ سٽ ۾ اهڙي ٽوٽڪائي حڪيم کي تنبيهه سان گڏ هدايت بہ ڪئي وڃي ٿي تہ ڏکوين کي دوا پياري، وڏيڪ ڏکوئڻ اجايو آهي. ٽين سٽ ۾، عاشق ڪيس پنهنجي وجداني ڪيفيت کان واقف ڪري ٿو تہ جيڪو سوريءَ کي سيج سمجهندو، سو ئي مري مشاهدو ماڻيندو. گويا اهڙا عاشق، محبوب جي وصول جو واحد ذريعو سوري (ڏک) ئي سمجهندا آهن. اهڙيءَ ريت، دنيوي لحاظ کان بہ بيان ڪيل بيت جي هر هڪ سٽ، واقعاتي پئي معلوم ٿئي، جن کي موقعي جي مناسبت سان استعمال ڪيو ويندو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ ڪنهن مشڪل مسئلي يا مصيبت کي منهن ڏيڻ، سڀ ڪنهن جو ڪم نہ آهي. بلڪ ڪي محبت وارا مانجهي مرد، مشڪلات ۾ مصيبت کي منهن ڏيندا آهن. ٻي صورت ۾ فطرتي طور انسان اوچتو آفت سبب گهٻرائجي ويندو آهي. شاهه صاحب، اهڙن ماڻهن کي طنز طور تلقين ڪري ٿو تہ:

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنن جي.
يا
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

مٿيون بيت سڄي جو سڄو، چوڻي طور استعمال ڪري سگهجي ٿو، بلڪ ڪيو ويندو آهي.

سُر ڪلياڻ جي ٽئين باب جو بيت ٿيو پهون تہ سراسر/سڄو ئي، چوڻيءَ طور استعال ٿي سگهي ٿو. نہ فقط ايترو بلڪ، اهو موقعو جي مناسبت سان اڄ بہ عالمن، عاقلن خواه سنجيده سگهڙن ۽ عام ماڻهن طرفان چوڻيءَ طور استعمال ڪيو ويندو آهي. شاهه صاحب فرمايو آهي تہ:

عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳن لنءَ، لطيف چي، فنا ڪيا فراق،
توڻي چڪن چاڪ، تہ بہ آهہ نہ سلن عام کي.

Gul Hayat Institute

شاهہ صاحب ذڪر ڪيل بيت ۾، صحيح ۽ مصنوعي عاشقن جو فرق واضح ڪري ثابت ڪيو آهي تہ سچا عاشق اهي آهن جيڪي وِهہ کي ڏسي وهسن ٿا. اهي وهہ جي نتيجن جي پرواهہ ان ڪري بہ نہ ڪندا آهن، چاڪاڻ تہ هو هميشه ههڙين ڳالهين جا هيراڪ هوندا آهن. هنن جي وري هيءَ بہ خوبي هوندي آهي، جو جيڪڏهن هنن جا چاڪ چڪندا ۽ ڏکندا بہ پيا، تہ بہ هو پنهنجي ان ڏاڍي ڏک جي ڳالا ڪنهن سان بہ نہ ڪندا آهن، بلڪ صبر سان پيا سور سهندا. حاصل مطلب تہ شاهہ صاحب هن بيت ۾ انهن انسانن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ڏک کي سک تي ترجيح ڏيندا آهن ۽ انهن لاءِ زهر بہ تِرياق جو ڪم ڏيندو آهي. اهڙا انسان هميشه صابرَ ۽ شاڪر رهندا آهن. هن قسم جون ڪئين بيتن جون سٽون، شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ نظر اينديون، جن کي واقعاتي طور پهاڪي يا چوڻيءَ جي حيثيت ۾ ڪم آڻي سگهجي ٿو. نہ فقط ايترو بلڪ، ٽپي ٽپي تي بيان ڪري، پنهنجي گفتگوءَ جي انداز کي پُر اثر بنائي سگهجي ٿو. مثال طور:

١. اسان عبادت، نظر ناز پرين جو.
٢. سو ئي عين عذاب، سو ئي راحت روح جي.
٣. سو ئي راهہ رد ڪري، سو ئي رهنما.
٤. پيا در تن حرام، اي در جنين ديکئو.
٥. منايان منو گهڻو، ڪڙو ناهہ ڪلام.
٦. پريان سندي پار جي، مڙئي منائي.
٧. ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.
٨. تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي.

اهڙا ڪئين بيت ملندا، جن کي اڄ بہ پارس جا پارکو، پنهنجي زندگي جي روزمره جي وهنوار ۾ استعمال ڪري رهيا آهن. پوءِ گهر هجي يا ملوڪاڻي مجلس، محفل هجي يا ڪا ادبي ڪڏجاڻي، بهرحال اهڙي قسم جا عاقلانہ گفتا، موقعي جي مناسبت سان ورجائي، گفتگوءَ ۾ رنگيني ۽ تاثير پيدا ڪري رهيا آهن.

پهاڪن ۽ چوڻين کان سواءِ، ڪيترا ئي اصطلاح ۽ محاورا بہ شاهہ جي ڪلام ۾ ڪثرت سان نظر ايندا، جن کي اڄ بہ ڳالهائڻ خواهہ لکڻ ۾ آسانيءَ

Gul Hayat Institute

سان استعمال ڪيو ويو آهي. محاورن پيش ڪرڻ کان اڳ، ان جي مختصر وضاحت ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان.

ڪي بہ هڪ کان وڌيڪ لفظ، جيڪي پڇاڙيءَ ۾ فعل تي مشتمل هجن ۽ انهن ۾ لفظ ۽ فعل پنهنجي لغوي خواهہ لفظي معنيٰ کان هٽي ضرورت مطابق ٻي معنيٰ ڏيکارين، اهڙن لفظن جي مجموعي کي ”محاورو“ سڏجي ٿو. ان لحاظ سان هونءَ تہ سڄي رسالي اندر، ڪيترا ئي اهڙا محاورا ملي ويندا، جن کي اڄ جي ٻوليءَ ۾ وڏو مقام حاصل آهي. مگر جيئن تہ هتي سُر ڪلياڻ جي تحقيق طلب آهي، ان ڪري اهڙن محاورن کي بہ سُر ڪلياڻ تي اڪتفا ڪجي ٿو. مثال طور: داستان پهرئين جي پوئين سٽ ۾ شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

هن سٽ ۾ ”جوڙون جوڙڻ“ محاورو آهي. هنن لفظن جي لفظي معنيٰ کان هٽي، جيڪڏهن معنيٰ ڪبي تہ ٿيندي ”اميدون پڄڻ“. اهڙيءَ ريت ٻئي بيت جي پوئين سٽ ۾: ’ڏکي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد کي‘ ۾ ”ڏکي ڏنائين“ محاورو آهي. اهڙي ريت ڪيترا ئي اهڙا محاورا سُر ڪلياڻ ۾ ملن ٿا، جن کي اڄ بہ عام طور استعمال ڪيو پيو وڃي. مثال طور: هيڪاندو ٿيڻ، هينئين ساڻ هجڻ، اوتڙ اولڻ، ڏسياندر ڏورڻ، ڪلهنئون ڪورڻ، ويهي ووڙڻ، پهہ پوڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ، وي وهائڻ، ڪٽڻ هارائڻ، ٻيائيءَ کي ٻڪ وجهڻ، چڱائي چڪڻ، ڪاتي پائڻ، اڏيءَ سِر ڏرڻ، پير پرڻ، چاڪ چڪڻ، سِر ڏيڻ، ڪنڌ سنباهڻ، سِر لاهڻ، پڪون پيڻ، سِسي سانڍڻ، ڪلهنئون ڪاٽڻ، ساهہ سلاڙڻ، پر ۾ پچن، سر سانڍڻ، سٽ جڙڻ، منو ٿئڻ، ساهہ جون رڳون سوجهڻ، آسر لاهڻ، چنڻ ڳنڍڻ، ڪر لهڻ، سوري چڙهڻ، ڏنپ ڏيڻ، ورهہ وٽڻ، واهہ وهائڻ، وغيره محاورا، شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ ڪثرت سان نظر ايندا. نہ فقط ايترو بلڪ اهڙن محاورن جي عام استعمال سبب، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ قسم جي جاذبيت، تاثر ۽ وسعت بہ پيدا ٿي چڪي آهي.

جيستائين اصطلاحن جو تعلق آهي تہ سر ڪلياڻ ۾ چند اصطلاح بہ ضرور موجود آهن، جن کي اهل زبان طرفان استعمال ڪيو وڃي ٿو.

در حقيقت اصطلاح جي لغوي معنيٰ عربي ۾ عرف ۽ انگريزي ۾ Usage, convention ۽ سنڌي ۾ ڄاڻ چئجي تہ بجا ٿيندو. اصطلاح جي مختصر

Gul Hayat Institute

سمجهاڻي هيءَ آهي تہ: ”ڪنهن خاص لفظ کي اصل معنيٰ کان الڳ ڪري، اهل زبان ڪنهن خاص مقصد لاءِ استعمال ڪري، اهڙي لفظ کي اصطلاح چئجي ٿو. اڪثر ڪري اهڙا لفظ آهستي آهستي محاوري جي صورت اختيار ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت اصطلاح کي ڪن حالتن ۾ ڪو سياسي تعلق بہ هوندو آهي.“ شاهہ صاحب سُرڪلياڻ ۾ هڪ جاءِ تي فرمايو آهي تہ :

ڪِ تو ڪَنين نہ سُئا، گهٽ اندر گهوڙا!

بيت جي هن سٽ ۾ ”گهوڙا“ لفظ ڌيان طلب آهي. لفظ گهوڙا جي لفظي معنيٰ کي ونجي ٿو تہ اهو هڪ جانور آهي، جو سواريءَ جي ڪم جو آهي، مگر هن جاءِ تي استعمال ٿيل لفظ کي ڪو تاريخي پس منظر حاصل ٿيل ڏسجي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ لفظي معنيٰ کان هٽي، جيڪڏهن هن لفظ جي معنيٰ محسوس ڪريون ٿا، يا عام طور هٽي هن لفظ کي جنهن نموني استعمال ڪيو وڃي ٿو، اهو آهي ”ظلم“. هڪ ٻي جاءِ تي شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

تِڪ ڏيئي پِڪ پي تون، گهوٽ سنهان گهاتي.

هن سٽ اندر”گهوٽ “ لفظ، اصطلاح پيو معلوم ٿئي، جنهن جي لغوي معنيٰ کان هٽي معنيٰ ٿيندي ”شهيد.“ اهڙيءَ ريت:

عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهڻو.

يا

محبت جي ميدان ۾، وڃان پير پري.

اهڙي قسم جا ٻيا بہ لفظ ملندا، جن کي اڄ بہ اصطلاح طور عام استعمال ڪيو وڃي ٿو.

بهرحال پهاڪا يا چوڻيون هجن يا اصطلاح ۽ محاورا، اهي سچ پچ تہ سنڌي ٻوليءَ جو سينگار آهن. بيشڪ لطيف گهوٽ، هن نموني سنڌي زبان ۾ ساهُ وجهي، ان کي دنيا جي مهذب زبانن جي مٽ ڪري ڇڏيو آهي، بلڪ سنڌي زبان کي حياتِ جاودان بخشيو آهي.

***

Gul Hayat Institute

نياز همايوني

# شاھ جون چوڻيون

(سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسينيءَ جي حوالي سان)

سنڌيءَ ۾ چوڻيون، سماجي اهميت رکن ٿيون. اهي نہ رڳو زبان جي زينت آهن پر بيان جي لحاظ کان، نيڪيءَ بديءَ جي ڄاڻ ۽ سچائيءَ جي واڪاڻ ڪري، سهڻي زندگي گهارڻ جو ثمر پڻ بڻجن ٿيون. اهي چوڻيون، ظاهر ۾ تہ نهايت ساديون پيون لڳن پر گهرائيءَ ۾ جاچيو ويندو تہ گهڻن مقصدن جو گهر آهن.

چوڻين جي ترڪيب، گهڻي ڀاڱي شاعراڻي هوندي آهي. انهيءَ ڪري عام واقعن توڙي خاص محفلن ۾ هنن کي دلچسپيءَ سان دهرايو ويجي ٿو. خيال آهي تہ: چوڻيون صدين جي تجربن ۽ نتيجن جو نچوڙ آهن. منجهن جيڪي ڳالهيون موجود آهن سي نئين پراڻي نسل جي رهنمائيءَ سان گڏ اورچائيءَ جو ڪم ڏين ٿيون. جيڪي ماڻهو، انهن تي عمل ڪن ٿا تن کي يا تہ ڪا مشڪل درپيش نٿي اچي يا آئيءَ ويل از خود ئي سندن سٽائي ٿئي ٿي، چاڪاڻ تہ چوڻين جو بنياد، هر حالت ۾، عقل جي اُڌر تي آهي. اهو عقل ئي آهي جو ماڻهن جي علم کي وسعت ۾ آهي. ان جي محابي، ڪين سئين دڳ لائي ٿو.

چوڻيون، اصل ۾ لوڪ ريت جي شاخ مان آهن، جيڪي زماني جي رفتار سان وجود ۾ اينديون رهن ٿيون. اهي ڪنهن چيون يا ڪتان مليون، تن سوالن جو ڪو جواب نہ آهي. ايتري تائين جو خود، لوڪ ادب جي باري ۾ بہ ڪا سند نٿي ملي تہ اهو ڪنهن جي ايجاد آهي. ان بابت ڪنهن مفڪر چواڻي اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ: لوڪ ادب، انساني زندگيءَ جو اٿاھ سمنڊ آهي، جنهن ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل سمايل آهي.

سنڌيءَ ۾ هونءَ تہ هزارين چوڻيون مشهور آهن، جن جي پنهنجي ساک آهي، پر هتي اهي چوڻيون پيش ڪجن ٿيون، جن کي شاھ سائينءَ پنهنجي

Gul Hayat Institute

آفاقي شاعري ۾ سنواري عالم آشڪار ۽ لازوال بڻائي ڇڏيو آهي. شاھ لطيف جي ڪلام ۾، جتي بيون خوبيون لکين خوبيون آهن، اتي ان ۾ اها خصوصيت بہ ملي ٿي تہ لوڪ رنگ جون ڪيتريون صنفون منجهس پنهنجي رنگينيءَ سان اجاگر ٿيل آهن. انهيءَ اهم وصف جي ڪري شاھ سائينءَ جي شاعري، پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي محبوب شاعري آهي. سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ جي ڪنهن خاص قول مطابق: لوڪ شاعريءَ جو دائرو، عوامي زندگيءَ جي ڪنهن خاص موضوع سان بہ آهي تہ ڪنهن قصي، ملڪي رسم و رواج يا ڪنهن رواجي مقصد يا مدعا سان بہ آهي. انهيءَ جون مصرعون اهڙيون تہ تڪيل توريل هونديون آهن جو زباني طرح سان چوڻ پڙهڻ ۾ بلڪل موزون پيون لڳنديون آهن ۽ انهيءَ جي اظهار يا ادائگيءَ ۾ ڪنهن بہ مصنوعي فڪر جي نزاڪت جي بوءِ نہ هوندي آهي. اهو شعر آسانيءَ سان ڳائي سگهبو آهي. انهيءَ جي وزني ساخت ۾ ڪا بہ نقالي نہ هوندي آهي.

شاھ سائينءَ پنهنجي فڪر ۽ فن جي آڌار تي، نهايت فلسفياڻي انداز ۾، جيڪي عوامي گفتا ۽ خاص نڪتا، شعر جي وسيلي بيان ڪيا آهن، تن مان گهڻن کي چوٽين جي حيثيت ملي وئي آهي. اهڙي نموني جي ڪن سٽن جي، سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسينيءَ مان چونڊ ڪري، هتي ڏجي ٿي، جن ۾ انسان جي ذهني واردات کان وٺي سماجي روداد تائين پيش ايندڙ واقعن ۽ حادثن جي پوري پچار پسڻ ۾ اچي ٿي. جهڙوڪ:

- ڪنهن پر رئان پريءَ کي، روئي نہ ڄاڻان.
- هيڏا هاڃا ٿين، بري هن پنهور ۾.
- ويني ور نہ پون، ستي ملن نہ سپرين.
- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.

اهڙيءَ طرح هتي درج ڪيل هر ڪا سٽ، انهيءَ حقيقت تي انحصار رکي ٿي، جنهن جو سنئون سڌو لاڳاپو، انسان جي نجي توڙي سماجي زندگيءَ سان آهي.

- اول آخر آهہ، هلڻ منهنجو هوت ڏي.
- اندر جنين اڄ، پاڻي اُجيو تن کي.



Gul Hayat Institute

- ھتان ڪٽي ھت، جن رکيو سي رسيون.
- وڃين ڇو وڏڪار، ھت نہ ڳولين ھوت کي!
- ھيج نہ ھوندو جن، سي ڪينءَ وندر ويندئون!
- ھوت تنھنجي ھنج ۾، پڇين ڪوھ پرياڻ!
- ڄاڻي سڃاڻي وھان، ڪيئن ماٺ ڪري!
- اديون آءٌ اڄاڻ، مون سڳ سڃاڻي نہ ڪيو.
- لڳي جن لوري، ڏونگر سي ڏوريندئون.
- رتيءَ جي رھاڻ، جيءُ اڙايم جت سين.
- تو تي لڄ لطيف چئي: آھي سندي عام.
- وندر جي وڄن، سي مر ٻڌن سندرا.
- سيڻن ڪارڻ سسئي، پئي پراھين پور.
- وتي ور نہ پون، ستي ملن نہ سپرين.
- ڪڏھن ٽِڄي ڪات، ڪڏھن ٽِڄي ٻڪرو.
- جي ماڙھن کي مارين، تن سورن کي سڏ ڪريان.
- پاڙي پاڙي پيھہ، وت پڇندي پنھونءَ کي.
- سپريان سين سوي، ننڊون ڪندي نہ ٿئي.
- وھي ويڙھجي جاءِ وصل تنھين وڃائيو.
- پير پروڙي ڪڻ، تہ ھلڻ ۾ ھوري وھين.
- ويندي ڏانھن پرين، جتي جات نہ پائيان.
- مري جيءُ تہ ماڻئين، جانب جو جمال.
- مرڻا اڳي جي مئا، مري ٿين نہ مات.
- لکيو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙيءَ نہ ٿئي.
- آئون نہ گڏي پرين کي، جوين ويو جاڙ.
- رجن ۾ رڙ تي، ڪر ڪوئل جي ڪوڪ.
- اڳي اٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿئي.
- ھيءَ ڪميڻي ڪير، جا امر کي آڏو اچي.
- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪھڙا پرين.
- ٻانيڻ کي ٻروچ ريءَ، ٻيلي ناھ ٻيو.

Gul Hayat Institute

- جتن ڪج جتن جو، آيا ڪي ايندا.
- ھي جي آيا ھير، سي مون اڳ نہ ڏٺا ڪڏھين.
- سرتيون دعا ڪجاھ، تہ ميڙائو مون ٿئي.
- مون کي ٿا مارين، سڄڻ سانباھي ڪيو.
- واٽون ويھ ٿيون، ڪھ ڄاڻان ڪيھي ويا.
- الله اچن اوءِ، جن آئي من سرھو ٿئي.
- لک لھي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.
- جھڙو پنھون پاڻ، تھڙي سٽا سات جي.
- ڪوھيارو ڦھري، ويو نھوڙي نند ۾.
- ڪاڏي منھن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو.
- وري آيس ور، سفر مئي جا ساب پيا.
- آڏو ٽڪر ٽر، متان روھ رتيون ٿئين.
- سنجھي مون نہ سنڀاليو، ماريس سور صبوح.
- سمر جنين نہ ساڻ، ھوت حماتي تن جو.
- منھنجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.
- پرين جا پاتي، سا جڙ جيئري نہ لھي.
- ھوندن متي ھون، لاڳاپا ھن لوڪ جا.
- ستريون ساھ سندوم، ٿيو حوالي ھوت جي.
- متان ڪا ٻڙي! ٻول ٻاروچي وسھي.
- پورھيو ڪنديس پر جو، پرينديس پاٽي.
- سي ڪيئن محب مڙن، جي سنجھي رھن سمھي.
- ستينءَ سواري، منھن ويڙھي مئن جئن.
- چڱي ڪا نہ ڪياءِ، پير وڃائي پريءَ جو.
- گوندر جا گھوڙا، وڃن جان جدا ڪيو.
- ڪوڙن ڪندابن، ڏاگھن ڏذي آھيان.
- ستي پون چرڪ، آيل! ٻاروچن جا.
- ٻانيڻ ڪي موتي، پاٽھن پچندو پٻ ڏٽي.
- مون کي جنين ماريو، سجاتم سيئي.

Gul Hayat Institute

- دارونءَ جا داٽا، ڏنم هوت هٿن سين.
- ڪنهن پر رئان پريءَ ڪي؟ روئي نہ ڄاڻان.
- ور نہ سهي ويڪ، تون ٽيڏي ٽٽايون ڪرين.
- سونهين ٿي سواٿ، تہ منجهان دل ڏگ لهين.
- سورن ساڻ سرهو، اچي ٿيم جيڏيون.
- سرتيون سڄي سڄ، متان ڪا مون سين هلي.
- تئيءَ ٽڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي.
- ڇڏينديس پنيور، هينئون هٿ نہ وندري.
- ماٽيون تنين مور، ڏيکيو جنين دل سي.
- هيڏا هاڃا ٿين، بري هن پنيور ۾.
- جا پر پاڻيءَ لوٿ، سا پر منهنجي جندڙي.
- پڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ ڪي.
- ڏوريان ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت.
- ديوانيءَ سين دوس، ساٿي آهي سچ ۾.
- الا ڪيچ ڏٽين، مون سين پوءِ م مامرو.
- ڪا مون ٿيندي ڏيٺ، ٻيهر ٻاروچن سين!
- نڪي ٿي جيئان، نڪي مئي آهيان.
- پنهونءَ وڏم پيچ، نسورو ئي نينهن جو.
- الله آهين تون، هوتن تان هيڏي ڪئي.
- هيم هوتن سين چڪ، سڄو سگ نہ ساريان.
- ڪا جا پيس ڪاڻ، نبيريانس نہ نبري.
- ڏکوين اهڃاڻ، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو.

***

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر محمد علي مانجھي

# سُر ديسيءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو

لطيف سرڪار پوُري ڪائنات، انسان ۽ انسانيت جي اعلىٰ قدرن جو شاعر آهي، پر ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته هوُ سنڌ ۽ سنڌي قوم جو اهو قومي شاعر آهي، جنهن وٽ سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج جي سيني زمانن ۽ رُخن جي ڀوپور ترجماني آهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم جي جنهن به پهلوءَ تي غور ڪبو ته لطيف جي شاعري، سج جي پُرنور ڪرڻن وانگر، سُهائي ڪندي نظر ايندي. سائين جي ايم سيد، ”پيغام لطيف“ ۾ لکيو آهي ته: ”منهنجو پڪو رايو آهي ته شاهه سنڌ جو قومي شاعر آهي“[١] چاڪاڻ ته لطيف وٽ، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي روح جي گهراين جون حقيقتون ۽ احوال آهن. وٽس زندگيءَ جي ٻنهه ويجهڙائيءَ جون وايون ۽ ورلاپ آهن. اهو ئي سبب آهي، جو سندس شاعريءَ جي سُرهاڻ ڏينهون ڏينهن ڦهلجندي رهي ٿي. سوين سال گذري ويا آهن: ڪئين سياسي، سماجي، معاشي، انقلاب ۽ تبديليون آيون آهن: سماج ڊٺا، اڏيا ۽ وري ڊٺا آهن، ايتري قدر جو ٻوليءَ ۾ به ڪيتريون تبديليون آيون آهن، پر لطيف جي شاعري اڄ به اسان لاءِ رهبري ۽ روشني آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو لطيف سان سنڌي ماڻهن جي عشق ۾ به ڪا مانائي نه آئي آهي؛ جو ته جيئن جيئن وقت اڳتي وڌندو رهي ٿو، تيئن تيئن لطيف شعور سان ٽمٽار شاعريءَ جون مشعلون ڪڻي، اسان کي دڳ ڏيکاريندو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهيندو رهي ٿو.

دنيا ۾ اهڙا شاعر پيدا ٿيندا آيا آهن، جيڪي قومن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ، انقلاب آڻڻ، بهادريءَ، سورهيائيءَ، سچائيءَ، خودشناسيءَ، اخلاقي بلنديءَ، انسان دوستيءَ، وطن ۽ قوم دوستيءَ جا جذبا اُڀاريندا آهن. اهڙن شاعرن ۾ لطيف جو نالو ٻنهه مٿاهون بيهي ٿو.

لطيف، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي اندر جي اونهاين ۾ پيهي، روح جون ڳالهيون اهڙي سچائيءَ سان پنهنجي شاعريءَ جي سٽ سٽ ۾ سمايون آهن، جو سنڌ جا اڪثر رهواسي پنهنجي اندر جون حقيقتون سمجهي مختلف موقعن ۽ وقتن تي ڪڏهن سندس بيت تہ ڪڏهن وري ڪي سٽون پهاڪن، چوڻين، هدايتن ۽ سهڻن سخنن طور ڪتب آڻيندا رهيا آهن. اها هڪ شاعر جي پنهنجي قوم تي وڏي ڇاپ آهي. هو هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ گهرو مشاهدو، مطالعو، حڪمت، دانائي، ڄاڻ، سوچ ۽ ويچار موجود آهي. وٽس انسان جي اعليٰ قدرن جون حقيقتون آهن. تهذيب، تمدن، ثقافت، رسم و رواج، سچائي، حق ۽ عشق جا جذبا تارؤن تار آهن.

پهاڪا، چوڻيون ۽ قول، روزمره جي زندگيءَ جي ڊار ڊار وسيع تجربن مان حاصل ڪيل اهڙا ڏاهپ، دانائيءَ ۽ حڪمت سان پريل گفتا/جملا آهن، جيڪي اسان جي وڏڙن، پنهنجي تجربن جي نتيجن جي آڌار تي سُخنن جي شڪل ۾ ايندڙ نسلن ڪي منتقل ڪيا آهن. اُهي پهاڪا، چوڻيون ۽ قول، هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين، سفر ڪندا رهن ٿا. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا “۾ لکيو آهي تہ: انسان ٻوليءَ ذريعي جڏهن پنهنجي جذبات ۽ ويچارن جو اظهار ڪري ٿو، تڏهن هو گهربل لفظ چونڊي، پنهنجي مرضيءَ مطابق جدا جدا نمونن ۾، انهن ڪي ڪتب آڻي سگهي ٿو.⁽²⁾ اهڙيءَ ريت ڪي جملا، جن ۾ هدايت ۽ گيان، سرس هوندو آهي تہ وري وري ڪتب اچن ٿا ۽ اڳتي هلي پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جو روپ اختيار ڪري، ٻوليءَ ۾ پنهنجي جاءِ والارين ٿا. انهن ۾ سماجي زندگيءَ جو عڪس چٽيل هوندو آهي.

ڪي آفاقي شاعر اهڙا بہ هوندا آهن، جن جي بيتن يا نظمن جون سٽون اهڙيون تہ علم، ڏاهپ ۽ دانائيءَ پريون، اثرائيتون ۽ دلچسپ هونديون آهن، جيڪي ماڻهن جي ذهنن تي اُڪرجي وينديون آهن، ۽ اُهي اڳتي هلي، پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جي صورت اختيار ڪري وٺنديون آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لطيف سائين هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جون سوين سٽون پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جا روپ وٺي چڪيون آهن، جن ڪي اسان جو خاص توڙي عام ماڻهو استعمال ڪري ٿو. ايتري قدر جو اسان جي گهرن ۾ اسان



Gul Hayat Institute

جون عورتون بہ لطيف سرڪار جون سٽون پنهنجي عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪتب آڻينديون رهنديون آهن.

اسان جو خاص موضوع آهي: شاهہ سائينءَ جو ”سُر ديسي“ جنهن ۾ ڏيرن ۽ ڏاگهن جي اچڻ، سسئيءَ کي ويسلائي سندس محبوب پنهونءَ کي پاڻ سان ڪٽي وڃڻ، سسئيءَ جو پنهونءَ (حق) کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪٽڻ، پنهنجي منزل طرف هلندي، هر تڪليف، ڏک ڏولاوا برداشت ڪري پنهنجو سفر جاري رکڻ، ڪيترن خطرن جي باوجود، مسلسل جدوجهد ڪرڻ ۽ پنهنجي مارڳ تان ذرو بہ نہ ٽرڻ، اڪيلائي، اُڃ ۽ بُک ۾ بہ اڳتي هلڻ وغيره جو ذڪر آهي. سسئيءَ جي سامهون ڏيرن، ڏاگهن ۽ ڏونگرن جا ڏک بہ آهن، تہ پير پٿون ڪنڊڙ پهڻ بہ آهن. ڇپر جون ڇپون بہ آهن، جڪ مارينڊڙ جبل بہ آهن، آڏا ترڇا اهڙا بہ آهن، تہ وندر جا وراڪا ۽ واٽن ونگا ور بہ آهن، ڪرڙا ڏاونگر ڪهہ گهٽي بہ آهي تہ رڻ تتو رائو بہ آهي، اُڃ اُساٽ بہ آهي. جبلن جي جانارن جا خطرا بہ آهن تہ مرُون بہ منهن پَون ٿا. مطلب تہ هر لحاظ سان حالتون خراب آهن. تنهن هوندي بہ هُوءَ حالتن جو بنهہ بهادريءَ سان مقابلو ڪندي. پنهنجو حق وٺڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿي. حالتن ڪان هار ڪائي موٽڻ ڪان رائي ۾ رڙي مرڻ کي ترجيح ڏئي ٿي:

پُجان نہ پُجان، وڃڻ سين وس ڪريان،

سَگر مانَ سُجان، تہ رائي ۾ رڙي مئي. (۹/۲۱)

ارادي جي مضبوطيءَ ۽ پنهنجي مقصد سان سچائيءَ جي اها انتها آهي تہ:

پُجان نہ پُجان، وڃڻ سين وسَ ڪريان.

سُر ديسيءَ ۾ ڪيتريون ئي حقيقتون پنهنجيءَ جاءِ تي اهم آهن، پر منهنجي خيال ۾ هن سر جو خاص مضمون ۽ موضوع آهي: ”ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کهڙا پرين!“ جو تہ: ”ڌُريان ئي ڌاريا، مٿ مُئيءَ جا نہ ٿيا.“

هن سڄي سُر جي معنیٰ، مقصد ۽ فلسفو، انهن ئي سٽن ۾ سمايل آهي. اهي ئي سٽون اسان لاءِ هر زماني جون هدايتون بہ آهن، تہ راهہ نجاتون بہ آهن. اهي سٽون اسان جي ماضيءَ لاءِ بہ هُيون، حال لاءِ بہ آهن ۽ اسان جي مستقبل لاءِ بہ آهن. آءٌ صدقِ يقين سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن لطيف جي انهن سٽن تي ماضيءَ ۾ عمل ڪيو وڃي ها تہ ڏکيا ڏينهن ڏسڻا هرگز نہ پون ها. توڙي جو وقت گهڻو گذري چڪو آهي، پر اڄ بہ جيڪر انهن سٽن

Gul Hayat Institute

تي عمل ڪيو وڃي تہ ڳهڻين مصيبتن کان نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اي ڌرتي! اسان کي اها سگهہ عطا ڪر، جو اسين لطيف جي هنن سٽن تي عمل ڪري سگهون!

هڪ ٻي اهم ڳالهہ بہ ڌيان طلب آهي تہ اسان وٽ محبوب جو تصور بہ ڏاڍو محدود ۽ سطحي آهي. اسان وٽ محبوب جو تصور نہ فقط هڪ حسين ماڻهوءَ تائين محدود آهي، پر ان سان گڏ ڪيس پنهنجي ذاتي ملڪيت بڻائي ڇڏڻ آهي، پر حقيقت ۾ محبوب جو تصور انهيءَ کان گهڻو مٿاهون ۽ وسيع هئڻ گهرجي. مجون ٿا تہ محبوب، حسين ۽ جميل انسان بہ ٿي سگهي ٿو. محبوب ڪا مُند ۽ مُند جو ڪو نظارو بہ ٿي سگهي ٿو. فطرت جا حسين منظر بہ محبوب ٿي سگهن ٿا. پنهنجو وطن بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. ساٿيهہ جا سمورا ماڻهو بہ محبوب ٿي سگهن ٿا. سچ بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. علم ۽ آگهي محبوب ٿي سگهي ٿي. ڪو نظريو بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. ڪو خاص ماحول/نظارو بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. مطلب تہ هر ماڻهوءَ وٽ، محبوب جو تصور پنهنجو پنهنجو هوندو آهي، پر اعلىٰ انسانن ۽ عظيم شاعرن وٽ، محبوب جا تصور هميشہ مٿاهان ۽ وسيع هوندا آهن. لطيف وٽ محبوب جو تصور وسيع، اعلىٰ ۽ بنهہ نرالو آهي ۽ هو هر حالت ۾ اُنهيءَ محبوب/پرينءَ جي پنڌ تي هلڻ جو تلقين ڪري ٿو. اها بہ هدايت ڪري ٿو تہ جيڪا طاقت محبوب جو راهہ ۾ رنڊڪ بڻجي، اُن سان مهاڏو اٽڪائي، محبت جي ويرين جي رستا روڪ ڪجي تہ جيئن اهي ڪو چيهو رسائي نہ سگهن. محبتن جا ويري، جيڪي حقن تي ڌاڙو هڻن ٿا، انهن کي سڃاڻڻ گهرجي.

هن سُر ۾ لطيف سرڪار سسئيءَ کي تمثيل بنائي چوي ٿو تہ: تو جڏهن ڌارين کي ڌاڳهن تي ايندي ڏٺو، تڏهن تو کي سمجهي وڃڻ گهرجي ها تہ اُهي تنهنجو پنهون (حق/وسيلا) تو کان کسيندا، تنهنڪري تون انهن اُنن جا گوڏا ٻڌي، ڌارين جي رستا روڪ ڪرين ها، تہ جيئن اُهي ڌاڙو هڻي نہ سگهن ها. جيڪڏهن تون پاڻ سنڀالين ها تہ هوند تنهنجو محبوب (سنڌ، سنڌو، سنڌ جا وسيلا، سرحدون) تو کان ڪسي نہ سگهن ها. غفلت جي ڪري ئي هيءُ هاڃو رسيو آهي، جو هاڻي تون تڪليفن ۾ پئي آهين. هاڻي تون

Gul Hayat Institute

سڀ تڪليفون ۽ رڪاوٽون ٽوڙي، اٽل ارادي ۽ هوشياريءَ سان اڳتي هلندي هل، جدوجهد ڪندي رهه، جيئن تون پنهنجا ڪسيل حق واپس وٺي سگهين. هيٺ اُهي سٽون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي پهاڪن، چوڻين ۽ قولن طور استعمال ٿين ٿيون:

(۱) سي سڀ پانيم سُک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي. (۲-۱)

سچا عاشق ۽ اعلىٰ انسان محبوب جي راهه ۾ جيڪي به ڏکيائون ۽ تڪليفون سهندا آهن، اُهي سڀ ڏک ۽ سُور کين سک محسوس ٿيندا آهن، جو سندن اندر ۾ عشق هوندو آهي، تڏهن ته سُور به سُکن برابر سمجهندا آهن، ڇو ته تڪليفون ۽ رڪاوٽون، سندن سامهون حيثيت وڃائي ويهنديون آهن.

(۲) اڳي اُٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي. (۱۰-۱)

ڪتيريون اهڙيون حقيقتون ۽ عمل ٿيندا آهن، يا مصيبتون اچي ڪڙڪنديون آهن، جن جي اڳواٽ ڪا سُڌ نه پوندي آهي، ڇو ته سُڌ پوڻ سان ته ماڻهو پاڻ سنڀالي وٺندو آهي، پر آگهيءَ بنا ڪا مصيبت يا آفت اچي ڪڙڪندي آهي ته لطيف جي مٿين سٽ انساني اندر جي ترجمان بڻجي پوندي آهي.

(۳) پلئه نه ڇڏيان پنهنجو، جي هوت ڪري هيڏيون! (۱۳-۱)

محبوب (مقصد) مان بيزار ٿيڻ، بزدلي، ڪچائي ۽ نيچ-پڻو آهي. اهو عشق ئي ڪهڙو، جنهن ۾ بيزاري، بزدلي ۽ مايوسي هجي. عشق ۾ ته جيڪي ۽ جهڙيون به حالتون، تڪليفون ۽ اوکايون اينديون آهن، سي جهوليءَ پائي جهلبيون آهن.

(۴) ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين! (۱۲-۱)

پنهنجن سان پيچ پائڻ ۽ ساڻن سلهاڙجي هلڻ هڪ سُنو ۽ مانائتو عمل آهي، پنهنجي ۽ ڌارئي ۾ فرق محسوس ڪرڻ، تمام ضروري آهي. عشق ۽ محبتون به پنهنجن ۾ ئي سُونهنديون آهن، پنهنجي ڪڙم/قوم کان ڌار ٿي، ڌارين سان سلهاڙجي جيڪو به عمل ڪبو، اُهو پنهنجن جي نقصان ۾ هوندو. ڏيهي ماڻهن جا نقصان، فائدا، ڏک، سُک، سرهايون، سُور ۽ درد ساڳيا هوندا آهن. ڏيهه جي بربادي، قوم جي هر فرد جي بربادي هوندي آهي. ديس تي ڌاڙو، قوم جي هر فرد تي ڌاڙو هوندو آهي. سنڌوءَ جي قدرتي ۽

Gul Hayat Institute

آبي وسيلن تي ڏاڙو، سڄي قوم تي ڏاڙو آهي، تنهنڪري پنهنجي قوم سان سلهاڙجي هلڻ ۾ ئي ڀلو آهي، ڇو تہ هر ڪو پنهنجي ڪڙم ۾ ئي سُونهندو آهي.

(۵) ڏريان ئي ڏاريا، مٽ مئيءَ جا نہ ٿيا. (۱۳-۱)

جن جي مفادن ۾ ٽڪراءُ هجي، اُهي ڪڏهن بہ پنهنجا ٿي نہ ٿا سگهن. ڇو تہ ظالم ۽ مظلوم ۾ وڏو فرق آهي: قاتل ۽ مقتول جي احساسن ۽ ڪيفيتن ۾ هڪجهڙائي ناممڪن آهي: ڦُريندڙ ۽ ڦُرجندڙ ۾ فرق آهي. پنهنجائپ ۽ ڌاريائپ، هڪ عمل ۽ روش جي نالو آهي. اُهي ڪي سڪٽا لفظ نہ آهن، جن ۾ ڪو جذبو ۽ احساس نہ هجي. لطيف جي مٿين سٽ، اسان لاءِ هدايت جو پيغام بہ آهي تہ وات بہ آهي.

(٦) ٽاڙج تيڏاهين، وارج ڪا مَ ورڻ جي!

لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ نااُميدي ۽ مايوسي نظر نہ ايندي. سندس شاعريءَ ۾ اُميد، همت، بهادريءَ، عشق ۽ سچائيءَ جا جذبا تارؤن تار ملندا، ڇو تہ هُو اُميدن، همتن، حوصلن ۽ بي پناهہ محبتن جو شاعر آهي. وٽس موٽڻ جي وائي تہ ڇا، پر تصور ئي نہ آهي. هو تہ هر حالت ۾ پنهنجي محبوب کي حاصل ڪرڻ جي هدايت ٿو ڪري.

(۷) آڏو ٽڪر ٽڙ، متان روهہَ رَتيون ٿئين. (۱-۳)

لطيف وٽ سمجهوتو يا ناهہ ڪرڻ، حالتن کان هار کائي موٽڻ، مهٽو آهي. هر آفت ۽ آزار سان بي ڌڙڪ اٽڪي مقابلو ڪرڻ ئي سندس درس آهي.

(۸) سنجهي مون نہ سنڀاليو، تہ اوني ڪندا ايئن. (۷-۴)

ڪنهن بہ عمل جي شروعات جيڪڏهن سوچي، سمجهي ۽ خبرداريءَ سان وقت سر نہ ڪبي يا سنڀالي قدم نہ کڻبو تہ ڪنهن وڏي هاڃي جو شڪار ٿبو.

(۹) منهنجي وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو. (۲-۹)

اهڙا ڪيترا ئي ماڻهو چوندي ٻڌبا تہ: ”مون پنهنجي محبوب لاءِ هيئن ڪيو، هونئن ڪيو، هُو بيوفا نڪتو“ يا ڪي چوندا: ”اسان قوم لاءِ هي وڄايو، هُو ڪيو، الائي ڇا ڇا سنو، پر قوم اسان جو قدر نہ ڪيو“ يا ”مون انقلاب لاءِ وڏا ڪشالا ڪٽيا، وقت ڏنو وغيره وغيره پر ماڻهو اسان کي نٿا سمجهن.“ اهڙا ماڻهو واپاري ذهنيت جا مالڪ هوندا آهن، جيڪي ڪا شيءِ ڏئي ڪجهہ وٺڻ چاهيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي اندر ۾، عشق ۽ سچائيءَ جي

Gul Hayat Institute

ڪوڙ هوندي آهي. سندن عمل، سڪتا ڏيکاءُ هوندا آهن. لالچ ۽ لوڀ بنا، مسلسل جدوجهد، فقط اهي ماڻهو ڪندا آهن، جن جي اندر ۾ عشق ۽ سچائي هوندي آهي. اهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيندا آهن.

(١٠) پينر آءُ پلياس، مون سڱ سڄاڻي نہ ڪيو.

غفلت ۽ ويسلائي، وڏا هاڃا رسائي ٿي. ننڊ جي تشبيهہ ۽ استعارو، غفلت لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي. محبوب يا اعلىٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، غفلتون، پُلون ۽ آرام پسنديون، هاڃيڪار هونديون آهن.

(١١) پهرَ پارسيون پاڻ ۾، ڏير ڏهاڙي ڏين. (٥-٢)

لطيف جنهن دؤر ۾ اک کولي، تنهن دؤر ۾ سنڌ ملڪ تي ڏارين جو قبضو هو، جن جي ثقافت، طور طريقا ۽ ٻولي بہ ڌاري ۽ اسان جي ماحول سان نہ ٺهڪندڙ هُئي. ان دؤر ۾ ”پارسيون ڏيڻ“ هڪ عام چوڻي هُئي، جنهن جو مطلب هو: ”منجهائڻ، نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهيون ڪرڻ“. اڄ بہ چيو ويندو آهي تہ: ”پارسيون نہ ڏي“ يا ”مون سان پارسيون نہ ڪر“ يعني: منجهائيندڙ يا نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهيون نہ ڪر.

(١٢) ٻڌي سورن سندرو، ساٿر هلي سا. (٦/١٨)

ساٿي بہ اهڙا ئي ڪٽبا آهن يا ڪٽڻ گهرجن، جيڪي سختيون ۽ سور قبول ڪري ساٿ ڏين. اٽل ارادا رکندڙ ۽ اڏول انسان ئي اهڙي صلاح ڏيندا آهن تہ اهي هلي سگهندا جيڪي ثابت قدم رهي سگهن.

سُر ديسيءَ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون سونَ سَريکيون سِٽون آهن، جيڪي مختلف وقتن تي استمال ٿين ٿيون. هينيون سِٽون بہ پهاڪن، چوڻين ۽ قولن طور ڪتب ايندبون آهن.

Gul Hayat Institute

ويا ورائي جيڏيون، مون ڏکيءَ کي ڏک. (١/٣)

متان ڪا ٻي لَنءَ لائي. (وائي/١)

پُڄاڻا پرين، ڪجي بس پنيور ڪان. (١/١٣)

الله اڇن اُوءِ، جن آئي مَن سَرهو ٿئي. (٣/١)

ڪاڏي مُنهن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو. (٣/٨)

***

ڊاڪٽر مخمور بخاري

# سُر ديسيءَ ۾ پھاڪن ۽ چوڻين جو استعمال

ٻڏي سورن سندرو، صبح ڏونگر ڏورئام،
ڪڏي ڪشالا ڪيچ ڏي، ويلا وچ پئام،
سوين سات گڏئام، پنھون پار نہ ھيڪڙو.

سنڌي ٻوليءَ جي مھندار حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنھنجي ستن سورمين مان سسئيءَ کي وڌيڪ ڳايو آھي. سُر سسئي آبري، سُر معذوري، سُر ديسي، سُر ڪوھياري ۽ سُر حسيني. ھنن پنجن ئي سُرن ۾ سسئيءَ جي جدوجھد، پنھونءَ ڪارڻ ڪشالا ڪڍڻ ۽ رڻ پٽ جون سختيون سھڻ جا سمورا مضمون بيان ٿيل آھن. خاص طور تي سُر ديسيءَ ۾ سسئيءَ کي پنھنجي ننڊ نياڳيءَ تي ندامت آھي ۽ ھوءَ ھوت ڪارڻ ڏونگرن جا اٽانگا ۽ اڻ ڏٺل پيچرا لتاڙيندي وڃي ٿي. سالڪ لاءِ، سسئي جدوجھد جي علامت آھي. جيڪي پرينءَ جي تلاش ۾ نڪتا، اُھي کھڙيءَ طرح پوئتي موٽندا! واٽون ويھ آھن، ڪنھن کي کھڙي سُڌ تہ سسئيءَ جو پنھون، کھڙي واٽ وٺيو پيو وڃي:

ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون مُيون،
واٽون ويھ ٿيون، ڪُھ جاڻان ڪيھيءَ وئا.

Gul Hayat Institute

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت جبل گھونا گھون،
ليڙن جو لطيف چئي، تنگ تنوارون پون،
جن ڏنو پير پرينءَ جو، سي نڪي رُون نہ چُون،
ھوندن متي ھون، لاڳاپا ھن لوڪ جا.

سُر ديسيءَ ۾، سسئيءَ جو ڏَونگر ڏورڻ جو بيان آھي. ھن سُر جا ڏونگر ۽ اُٺ، مکيہ ٿاڻا آھن. لطيف سائينءَ، ھن سُر ۾ انن جا ڪيترا ئي نالا پنھنجي مفھوم مطابق خوبصورت پيرائي ۾ ڪتب آندا آھن. مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| ڪرهو: | منيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهہ مَ ڪرهو. | (۱/۱) |
| گورو: | ونگيئي نہ وارن سين، تن گورن جا گوڏا. | (۱۱/۱۰) |
| ليڙو: | ليڙن جو لطيف چئي، مون ڪي منجهہ نہ ڏين. | (۱۴/۱۰) |
| توڏو: | لنگهيئا لڪ لطيف چئي، توڏا تڙبنگ تاڪ. | (۱۳/٦) |
| ڪرهل: | ڪا جا اُرڪ اونيين، ڪرهل ڪوڏ ڪشين. | (۹/ وائي) |
| چانگل: | موڙي مَجر تاريون، چانگا آئين چرو. | (۲/۱۰) |
| ڪنوات: | ڏير ڏمرجي هلئا، ڪاهي ڪيچ ڪنوات. | (۱۳/٦) |
| اُٺ: | ساٿين سويرو، آٿي اُٺ اوٺيئا. | (۲/۵) |
| ميو: | ڏيرن ڪين ڏکوئي، مُنڌ ميين جي مُٺ. | (۱۵/۵) |
| بوتو: | نهاريندس نڪٽي، بوتن ڪارڻ بر. | (۱۵/۱۴) |
| چنگل: | چنگل جن جا چوقرا، راحت ان جي رت. | (۵/۸) |
| ڏاگهو: | ڏاگهن ڏيرن ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک. | (٦/۱۰) |
| شُتر: | ڪُجاڙئان ڪاهي، شتر ان سينگارئا. | (۱۷/۱۰) |
| نيش: | ليڙا رات لطيف چئي، نڌائون نيشي. | (۵/۱۳) |

اهڙيءَ ريت هن سُر ۾ ڪيتريون ئي، اهڙيون سٽون پڻ موجود آهن، جيڪي پهاڪي ۽ چوڻيءَ طور استعمال ڪري سگهجن ٿيون. پهاڪو، چوڻي ۽ قول، حقيقت ۾ اهڙي مختصر جملي کي چئجي ٿو، جيڪو ٿورن لفظن ۾ گهڻو مقصد ۽ مفهوم بيان ڪندڙ هجي. پهاڪي جي لغوي معنىٰ آهي: ڏاهپ جو قول يا سوچي سمجهي اچاريل ٻول. عام طرح اسان گهڻ-مفهوم واري مختصر جملي کي پهاڪو يا چوڻي چئي سگهون ٿا. اهڙا جملا، قديم دؤر کان هر سڌريل ٻوليءَ ۾ مروج هوندا آهن. سنڌي ٻولي، دنيا جي قديم ترين زبانن ۾ شمار ٿئي ٿي. منجهس پڻ ڪيترا ئي پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، محاورا عام جام ملن ٿا. ٻوليءَ جي اها خاصيت، زبان کي شاهوڪار بڻائي ٿي.

هتي سُر ديسيءَ جون اهڙيون سٽون ڌار ڪري لکجن ٿيون، جيڪي پهاڪي ۽ چوڻيءَ طور، استعمال هيٺ آڻي سگهجن ٿيون. اهي سٽون محترم ٻانهي خان جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي جلد ٻئي تان ورتيون ويون آهن.

(۱) منيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهہ مَ ڪرهو. (۱/۱)



Gul Hayat Institute

(٢) ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون ميون. (٥/١)

(٣) واٽون ويهه ٿيون، ڪوهه ڄاڻان ڪيهيءَ وئا. (٥١)

(٤) لڏيندي لباس، جتن جيڏو ئي ڪئو. (٨/١)

(٥) مرون ڪِينم ماس، هڏ هلندا هوت ڏي. (٨/١)

(٦) لک لهي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي. (٢٠/١)

(٧) وار وڏي واڳون ڪريان، پوئان هوندا پلاڻ. (٢١/١)

(٨) جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي ستا سات جي. (٢١/١)

(٩) ويئي ڪالهه قطار، تون ائي! اڄ نهارئين. (٢٢/١)

(١٠) منهنجو وس واڪا، پڌڻ ڪم پروچ جو. (٢/٢)

(١١) وني وَرُ وات ٿئا، بر چڙهي بانڪا. (٢/٢)

(١٢) هُين جيءَ اندر جا ڪا، وئا پڄاڻي پانهنجي. (٢/٢)

(١٣) جي هت نہ هوت پسَن، سي ڪنهن پر ڪيچ پسنديون. (٩/٢)

(١٤) توٽي لَڪن لک، تہ سي لنگهنديس سک سين. (١١/٢)

(١٥) رُجن ۾ روئي، پسان شال پنهونءَ ڪي. (١٢/٢)

(١٦) ڪيچي وئڙم ڪالهه، آءُ اڄ ٿي ڏونگر ڏوريان. (١٣/٢)

(١٧) آهين اَڻ سونهن ڪي، پر لڪن لوڏا. (٥/٢)

(١٨) آرياڻي آهي، مَنهن معذورن جو. (٦/٣)

(١٩) جنهن جو آرياڻي اڱواڻ، تنهن ڪانهي باک بهير ۾. (٨/٣)

(٢٠) هادي هوت ملاءِ، آسَروندي آهيان. (١٠/٣)

(٢١) ويڙهو ڏيئي ويڪرو، پهري وئا پَتِ. (٢/٤)

(٢٢) ڳاڙيم ٿي ڳوڙها، رات نہ رهئا هيڪڙي. (٦/٤)

(٢٣) ڪارون ڪيم ڪيتريون، سنجهي وئا سرواڻ. (٧/٤)

(٢٤) آئون تان جوني ذات، تون پاڻ سڄاڻ سپرين. (١٨/٤)

(٢٥) سائينءَ ڪارڻ سپرين، دوست درسن ڪارئو. (وائي/٤)

(٢٦) سرهو ساهه ٿيوم، اڄڻ ويل عجيب جي. (١٠/٥)

(٢٧) اڱڻ اُهيئي، جت نہ پسان جُوءِ ۾. (١١/٥)

Gul Hayat Institute

(٢٨) جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پرتڻي پاسي ٿي. (١٢/٥)

(٢٩) ڏُريان ئي ڏاريا، مٽ مئيءَ جا نہ ٿيا. (١٣/٥)

(٣٠) جيڏو جت جُوان، ڪئو زور ضعيف سين. (١۴/٥)

(٣١) سنجهي هوت وئا، صبح ٻڌم سندرو. (١٦/٥)

(٣٢) ڪو ڳنديندڙ هوءِ، تہ پرت پراڻي نہ ٽٽئي. (٢١/٥)

(٣٣) ايندن پڇي خبرون، ويندن پيرين پوءِ. (٢٢/٥)

(٣۴) اندر روح رهئام، سڄڻ اوطاقون ڪري. (٦/٢)

(٣٥) جيجان جهل مَ پاءِ، هنيون هوت هٽي وئا. (٦/٦)

(٣٦) ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين! (٦/٧)

(٣٧) پڃاڻان پرين، ڪجي بس پنيور ڪان. (٦/٧)

(٣٨) رُلي پانيئي راند، ٻانيڻ عَشقُ ٻروچ جو. (٨/٦)

(٣٩) ساري سڌ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي. (١٠/٦)

(۴٠) دوس نہ سهان دام، تون وندُر تو ويلا ڪرين. (١١/٦)

(۴١) برهہَ مٽياس ٻرُ، نہ تہ سُکي ڪير سڏون ڪري. (١۴/٦)

(۴٢) وَري آيس ور، سفر مُئيءَ جا ٿاب پئا. (١۴/٦)

(۴٣) آڏو ٽڪر ٽر، متان روهہ تريون ٿيين. (١٥/٥)

(۴۴) رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جت سين. (١٨/٦)

(۴٥) جتا! شالَ جيو، جيو تا جَاڙُون ڪريو! (١/٧)

(۴٦) ڇنڻ تان نہ پئو، هيءُ سگُ نہ ڇنڻ جهڙو. (١/٧)

(۴٧) ٽِئا پاڻ قرار، مُون من ڳڏيائون ڳوندرين(٢/٧)

(۴٨) جي ڄاڻان جتن، تہ پوءِ پٽاندَرُ هيترو. (٦/٧)

(۴٩) سر هٽيئو سيلا، لايو نينهن نندون ڪري. (١٠/٧)

(٥٠) جَتَ نہ پائي رت، ڏارئان ڏارئين ڏيهہ جا. (١١/٧)

(٥١) ڪيچ پڄندي ڪير، وڃڻ سين وس ڪريان. (٦/٨)

(٥٢) پڄان جي نہ پڄان، وڃڻ سين وس ڪريان. (١٠/٧)

(٥٣) ايرادي آٽي، سانگين سين سَگُ ڪئو. (١٠/٨)

Gul Hayat Institute

(۵۴) اِيءَ پر نہ پانھنجي، جيئن پھس پچاڙين پوت. (۱۳/۸)

(۵۵) جن ھتي ھوت وسارئو، سي مھند نہ لھنديون ماڳ. (۲۸/۸)

(۵٦) جيءَ جڙيم جن سين، سي لاھي چڙھئا لاڳ. (۲۸/۸)

(۵۷) سمر نہ جني ساڻ، ھوت حمائتي تن جو. (۵/۹)

(۵۸) ٽيندي روح رھاڻ، لحظي ۾ لطيف چئي. (۵/۹)

(۵۹) ڇا جي ڏنگا ڏير، منھنجو ڏينھن ڏنگو مَ ٿئي! (۱/۱۰)

(٦۰) ھيءَ ڪميٽي ڪير، جا امر کي آڏي قري. (۱/۱۰)

(٦۱) پڇان پير پنھونءَ جو، وجھان وک وڏي. (۵/۱۰)

(٦۲) لڪئي آئون لڏي، نہ تہ پٽن ڪير پنڌ ڪري. (۵/۱۰)

(٦۳) سي سڀ پانيم سُک، ھيڪاند ڪارڻ ھوت جي. (٦/۱۰)

(٦۴) وِلھيءَ جا ويڙھا، سُجا سَرواٽن ري. (۱۵/۱۰)

(٦۵) وئڙو ساٿ وھي، تو ننڊائي نہ لھي. (۱۷/۱۰)

(٦٦) بر وڏو، بار گھڻو، ويجھو نہ وٽڪار. (۸/۱۱)

(٦۷) وٽندُن تہ وڙ ڪندا، نہ تہ اڳين جي اختيار. (۸/۱۱)

(٦۸) ڪتي ٿئو ڪوھيار، ڪتي ٿي ھٿڙا ڪٽي. (۸/۱۱)

(٦۹) ڪاڏي منھن مڪران جو، ڪيڏانھن ڪيچ ٿئو. (۹/۱۱)

(۷۰) جني جت نئو، تن اُنن گھوري آھيان. (۹/۱۱)

(۷۱) ڪوھ ڇاٽان ڪيڻ وئا، انھيءَ پر اورا. (۱۹/۱۱)

(۷۲) پنيي ھن پنيور ۾، وھڻ وھ ٿئوم. (۲٦/۱۲)

(۷۳) سرتيون ساھ سندوم، ٿئو حوالي ھوت جي. (۲٦/۱۲)

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي سر ديسيءَ مان جيئن ھي سٿون پھاڪن ۽ چوڻين خاطر چوندڙ ڪيون ويون آھن، تيئن شاھ سائينءَ جي ھر سُر مان اھڙيون ڪيئي سٽون چوندڙ ڪري سگھجن ٿيون. لطيف سائينءَ جو ڪلام، لطيف جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو. شاھ سائينءَ وٽ، تاريخ جو گھرو شعور موجود آھي. ھو پنھنجي دؤر جي حالتن کان چڱيءَ ريت باخبر آھي. اِھا پڻ ڏٺيءَ جي ڪمال ڪاريگري آھي، جو ھن پنھنجو سچو

Gul Hayat Institute

ڪلام، نج سنڌي زبان ۾ چيو آهي، جنھن تي ٻين ٻولين جو اثر ٻنھ اَڻ لکو آهي. لطيف سائينءَ ٻوليءَ جا محاورا، پھاڪا توڙي چوٽيون اهڙي نہ منفرد انداز ۾ بيان ڪيون آهن، جو اهي بيت جي مفھوم ۾ جڻ ضم ٿي ويون آهن نہ ساڳيءَ ريت اهڙيون سٽون پڻ تخليق ڪيون اٿس، جيڪي گھڻن موقعن تي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪري سگھجن ٿيون.

ڀٽائي گھوٽ جي سورمي سسئي، توڙي جو ڏونگرن جا اٽانگا پنڌ ۽ پيچرا پنھونءَ ڪارڻ طيءِ ڪري ٿي، پر جيڪڏھن گھرائيءَ سان ڏٺو وڃي نہ سسئيءَ جو اهو پنڌ صرف پنھونءَ لاءِ ناهي، اهو پنڌ نہ حق ۽ سچ لاءِ آهي. جي منزل ملي وڃي نہ اهي رڻ پٽ جون اذيتون، جھڪن ۽ جھولن جون تڪليفون، ڪجھ بہ نہ آهن. رڳو طالب جي طلب ۽ ارادو پختو هجي. پرينءَ جا ڏس، ڏونگر پاڻيھي ڏيندا. پنھنجي سڪ ۽ چاھت، پاڻ وٽ ساندينيدي اڳتي وڌبو نہ پنھونءَ جو سسئيءَ سان ملڻ اٽَل آهي. شاھ سائين چوي ٿو نہ:

سمر نہ جني ساڻ، هوت حمائتي تن جو،
چنا اڏبا چپرين، ايندو پنھون پاڻ،
ٿيندي روح رهاڻ، لحظي ۾ لطيف چئي.

---

مڙي منڌ ڏي آئيون، جيڏيون ڪري جوڙ،
سرئو سور سرير ۾، گھميو لاهي گھور،
لُنءَ لُنءَ ۾ لطيف چئي، لڳو پنھونءَ پور،
آرياڻي اَتُور، وساري ڪئين ويھي رهان.

Gul Hayat Institute

مددي وسيلا:

(۱) ٻانھون خان شيخ: شاھ جو رسالو (جلد ٻيو)، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ۲۰۰۱ع.

(۲) ڪلياڻ آڏواڻي: شاھ جو رسالو، مڪتبہ اسحاقيہ، ڪراچي.

(۳) تاج جويو (مرتب): سُر رپ (هڪ مطالعو)، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، سال ۲۰۰۲ع.

(۴) سيد اظهر جيلاني: شاھ جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون، مهراڻ اڪيڊمي، ۲۰۰۴ع.

(۵) غلام اصغر ونڊير: سنڌي ڪٽ-منڙا عرف اصطلاحات اصغر، آر ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد،

(٦) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي: پهاڪا ۽ محاورا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۱۹۹٦ع

***

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

# شاھ جي شعر جو پهاڪن طور استعمال

(سر مارئي ۽ سر حسينيءَ ۾)

دنيا ۾ جيڪي بہ وڏا شاعر ٿي گذريا آهن، قومون انهن شاعرن سان پيار ڪن ٿيون. نسل اُنهن کي ياد رکن ٿا. مختلف مهلن ۽ موقعن تي سندن شاعري پڙهي، ٻُڌي، ٻُڌائي ۽ ياد ڪئي وڃي ٿي. سنڌ ساڳيھ ۾ بہ لوڪ شاعريءَ سميت اسان جي مهان شاعرن جي شاعري نہ رڳو پڙهي، ٻُڌي، ٻُڌائي ۽ ياد ڪئي وڃي ٿي، پر روزاني زندگيءَ جي ڪار وهنوار ۾ نياپن، هدايتن، فڪر فهم، سمجهڻ سمجهائڻ ۽ مثالن طور استعمال ڪئي وڃي ٿي. اُنهن شاعرن ۾ قاضي قادن، شاھ ڪريم، ميون شاھ عنات رضوي، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، خليفو نبي بخش ”قاسم“ ۽ شيخ اياز اچي وڃن ٿا.

لطيف تہ سنڌ ملڪ جو اُهو محبوب شاعر آهي، جنهن کي هر طبقي ۽ هر عمر جا ماڻهو نہ رڳو ياد ڪن ٿا ۽ ڳائين وڄائين ٿا، پر ڪيس دل جي گهِراين سان پيار ڪيو وڃي ٿو. سندس ذڪر فڪر ڪيو وڃي ٿو، چاڪاڻ تہ هو سنڌ ۽ سنڌ جي زندگيءَ جو شاعر آهي. اها هڪ شاعر جي تمام وڏي عظمت ۽ پڻ قوم جو ساڻس پيار ۽ بنھ ويجهڙائيءَ وارو رويو آهي، جو سندس شاعري سماج جي هر فرد کي ٿوري گهڻي ياد هوندي آهي. سندس بيتن يا بيتن ۽ واين مان سٽن جو سٽون، جيئن جو تيئن، روزاني زندگيءَ جي ڪار وهنوار ۾ هدايتن، سهڻن نُڪتن، سمجهاڻين، سَنيهَن ۽ مثالن طور استعمال ٿينديون آهن. ايتري قدر جو سندس شاعري دعائن طور بہ استعمال ٿيندي آهي، چاڪاڻ تہ لطيف جي شاعري سچي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي اندر جي سمورن احساسن ۽ ڪيفيتن جي شاعري آهي. سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي شاعري آهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي پسندن، ناپسندن، محبتن ۽ نفرتن جي ڀرپور اظهار ڀري شاعري آهي.

Gul Hayat Institute

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حقيقتن، حالتن، وسيلن ۽ مڙني مُندن جي شاعري آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس استعمال جو دائرو بنهہ وسيع آهي. سندس شاعري ٻوليءَ جو اڻٽوٽ حصو ٿي چڪي آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس شاعريءَ ۾ سڄي سنڌ موجود آهي.

لطيف جي شاعريءَ مان سوين بيت ۽ سٽون اهڙيون بہ آهن، جيڪي چوٽين ۽ پهاڪن جو روپ ڌاري چڪيون آهن ۽ ٻوليءَ ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون ۽ سڄي سنڌ جي هر واهڻ وستي ۽ علائقي ۾ هڪجهڙي دلچسپيءَ ۽ جذبن سان استعمال ٿين ٿيون. سنڌي ٻوليءَ جا سيئي لهجا ۽ لاڙا سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن، ڇو تہ لطيف اهو شاعر آهي، جنهن سڄي سنڌ جي هر هنڌ کي گهمي ڏٺو. ساموندي علائقا، سرو، وچولو، لاڙ، ڪڇو، ڪوهستان ۽ ٿر جي ٻاڙي ٻاڙي کي گهِرائيءَ سان ڏٺو. اتي جي ماڻهن جي گذر سفر جا وسيلا، ڪم ڪار، هنر، حرفتون، مصروفيتون، رسم و رواج، پسند ناپسند، دلچسپيون ۽ سنڌ جي مختلف علائقن تي پونڌڙ اثرن جو بہ گهِرائيءَ سان مشاهدو ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو پنهنجي اندر جي ترجماني محسوس ڪري ٿو. هر ماڻهو لطيف جي شاعريءَ کي وڏي احترام سان ٻڌي، ٻڌائي، ياد ڪري ۽ من ئي من ۾ ان جو ورد ۽ ورجاءُ بہ ڪري ٿو.

هتي اسان جو موضوع، لطيف جي شاعريءَ جو پهاڪن طور استعمال آهي. پهاڪو، اهڙي سخن يا نقطي کي چيو وڃي ٿو، جيڪو وسيع آزمودي کان پوءِ حاصل ڪيل هدايت، سخن ۽ مثال هوندو آهي، جيڪو پويان نسل، ضرورت وقت ڪتب آڻيندا آهن. پهاڪي يعني ”Proverb“ جي معنيٰ، انگريزي ٻوليءَ جي شاهڪار ڊڪشنري ”انسائيڪوپيڊيا ڊڪشنريءَ“ ۾، هيئنين ريت ڏني وئي آهي:

“Proverb: Short pithy saying in general use, adage saw, by word, thing that is proverbial or matter of common talk didactic poetical.”(1)

جڏهن تہ ”دي برٽش انسائيڪلوپيڊيا“ ۾ Proverb جي سمجهاڻي هيئنين ڏني وئي آهي:

“A short pithy sentence forming a popular saying and expressing, in a keen quaint or lively fashion, some results of the experience of life. Proverbs are the

Gul Hayat Institute

flower of popular wit and the treasure of popular wisdom. They give the result of experience in a form made impressive by rhyme alliteration parallelism a pointed turn or comparison drawn from the most ordinary scenes and occurrences of life which by the force of association makes their effect strong and permanent. Proverbs are plain spoken. They may be unassuming, lively, grave or even sublime, their general character is naivete. In their views as in the eye of the law, all are equal. They take cognisance of the virtues and vices and follies of all classes, without respect of persons. They pierce the object at which they aim, and this in fact gives them currency, and makes them what they are."(2)

"Proverb have been defined by Cerruntes as; 'Short sentences drawn from long experience', by Howell as sayings which combine 'sense, shortness and slot', by Bacon as 'the genius wit and spirit of a nation', and by Earl Russell as 'the wisdom of many and the wit of one.' They have formed an important part of the common wisdom of both Eastern and Western civilizations, and in this way they are interesting in a study of the spread and structure of language, as it has been pointedly applied to changing manners and customs."(3)

جڏھن تہ سنڌي پھاڪي متعلق مانواري مرزا قليچ بيگ ”سنڌي لغات قديمي“ ۽ ”لغات لطيفي“ ۾ پھاڪي جي معنیٰ واٽ، رستو، پھو(۴) ڏني آھي. انھيءَ معنیٰ ۾ پھاڪي جو مول سنسڪرت ”پٿ“ مان ڄاڻايو آھي، جنھن جي معنیٰ لاءِ ھن شاھ جي ڪلام ۾ ھيءَ سٽ حوالي طور ڏني آھي:

آتڻ وڃھي آڳ ۾، پڇنديس پوءِ پھاڪو.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو خيال آھي تہ: پھاڪو سنسڪرت لفظ ”پٿ“ مان نڪتل آھي، جنھن جي معنیٰ ”ڪولڻ، ڪو راز پروڙڻ“ آھي. ھن ”تحقيق لغات سنڌي“ ۾ پھاڪي جي معنیٰ ھن ريت ڏني آھي: ”پھاڪو (سن: پٿ+ڪو پڇاڙي) نصيحت آميز چوڻي، ضرب المثل“.(۵) ھو چوي ٿو تہ: پٿڪ ڦري ٿيو پٿاڪو، جو سنڌيءَ ۾ پھاڪو ٿي ويو.

جامع سنڌي لغات ۾، پھاڪي جي معنیٰ ھن طرح ڏني وئي آھي: پھاڪو (سن - پٿ+ڪو) ضرب المثل، ڏاھپ جو قول، ڪھاوت، مقولو، نظير،

Gul Hayat Institute

سياڻپ، دانائي يا ڪنهن واقعي جو ٿورن لفظن ۾ اشارو، رستو، وات نصيحت."[٦]

ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي خيال ۾ "پهاڪو" اصل ۾ پَهہ + آڪو آهي، پَهہ معنیٰ ويچار، سوچ، آڪو - آکڻ معنیٰ چوڻ. ڪا ڳالهہ سوچ ويچار ڪان پوءِ چوڻ.[٧]

پهاڪي تي سڀ ڪان وڌيڪ تحقيق ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ڪئي آهي. هو پنهنجي شاهڪار ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" ۾ پهاڪي لفظ جي معنیٰ ۽ سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو تہ: "سنڌيءَ ۾ هڪ مصدر آهي: پهڻ. اُن جون مکيہ معنائون آهن: خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح ونڻ يا ڏيڻ، سوچڻ، نبرڻ. مثال طور:

(1) تڏهن ويهي سات وارن پاڻ ۾ پهيو پرياڻ. (مخدوم غلام محمد بگائي)

(2) پتنگن پَهہ ڪيو، مڙيا متي مچ. (شاهہ لطيف)

پَهہ ڌاتوءَ ۾، 'آڪو' پڇاڙي گڏڻ سان، لفظ نهيو آهي: "پهاڪو". اُن ريت فعل، ڌاتوءَ ۾ 'آڪو' يا 'ڪو' پڇاڙي جوڙڻ سان سنڌيءَ ۾ بيا بہ اسم ناهبا آهن، جيئن تہ ميڙ (ميڙڻ) ميڙاڪو، چُئہ (چُئڻ) چُئاڪو. لُڇُ، لڇڻ، لُڇڪو. چَبڻ، چبڪو. چلڻ، چلڪو. انهيءَ ڪري پهاڪي لفظ جي اڪري معنیٰ آهي: اُهو نقطو يا گفتو، جنهن ۾ ڪو اونهو خيال يا ويچار سمايل آهي. عام ماڻهن جي روزاني جيوت ۾ اهو گفتو صلاح يا هدايت طور ڪتب آڻجي ٿو، جنهن مان بين ڪي اڪثر صحيح وات تي هلڻ لاءِ اشارو ملي ٿو."[٨]

اسان جي خيال ۾، متين عالمن جي ڏنل معنائن ۾ مرليڌر جيٽلي جي ڏنل معنیٰ ۽ سمجهاڻي، وڌيڪ سگهاري ۽ درست آهي. توڙي جو ڊاڪٽر مرليڌر جي متين معنیٰ ئي ڪافي آهي، تنهن هوندي بہ هن صاحب پهاڪي کي وڌيڪ واضح ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو تہ: "سنسڪرت لفظ پٿ يعني رستو، مارگ، گس، سنڌي ۽ بين ڪيترين هاڻوڪين ٻولين ۾ ساڳئي روپ ۽ معنیٰ ۾ پڻ ڪتب اچي ٿو، پر انهيءَ جو بدليل روپ پڻ پراڪرت، سنڌي، هندي، راجستاني، وغيره ٻولين ۾ ملي ٿو. جيئن تہ سنڌيءَ ۾ هيءُ لفظ: پَهہ، پهو (سنسڪرت - پٿ) رستو وات، گس.[٩]

پهي (سن - پٿن) واٽهڙو، پانڌي، قاصد، همراهہ.

راجستانيءَ ۽ هنديءَ ۾ پَهہ، پاهہ لفظ ملن ٿا، جن جي معنیٰ آهي: رستو، واٽ.[١٠]

اهڙيءَ ريت سمجهجي ٿو تہ پهاڪو سنڌي لفظ پهہ مان ٺهيل اصطلاح آهي، جنهن جي معنیٰ آهي: واٽ، رستو، ڏس. پهاڪي جو مطلب آهي: اهو ننڍڙو جملو يا جملي جو ٽڪرو، جيڪو هدايت، سخن، سمجهاڻي، دانائي پرئي گفتي يا ڏسڻ لاءِ، اشاري طور ڪتب اچي ٿو. پهاڪا، وسيع تجربن، مشاهدن ۽ نتيجن مان ڦٽي نڪتل نقطن جا نچوڙ هوندا آهن. اُهي سياڻپ جا سخن ۽ نصيحت جا نقطا آهن، جيڪي انسان جي زندگيءَ ۾ رهنمائي ڪن ٿا.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي درست لکي ٿو تہ: ”پهاڪا ۽ چوڻيون، وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪيل گيان پريا گفتا آهن. اسان جي ابن ڏاڏن زندگيءَ جي لاهين چاڙهين، ڏکن ڏولاڻن، غمن خوشين ۾ رهندي، وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان جيڪي پرايو، اُهو سڀ سنجروئي ننڍڙن سخنن جي صورت ۾ پوين کي ورثي ۾ ڏئي ويا. اهڙن ننڍڙن گيان پرين گفتن، سماج ۾ مروج ٿي پهاڪن ۽ چوڻين جو درجو حاصل ڪيو. هتي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ جڳائي تہ پهاڪا ۽ چوڻيون، هڪ شخص جي دماغي ورزش جي پيدائش نہ آهن. ڪو عالم جيڪڏهن ڪنڊ پاسيرو اڪيلائيءَ ۾ ويهي سوچ ويچار ڪري ۽ نصيحت آميز پُر معنیٰ نقطا لکي، عوام اڳيان رکي تہ اُهي پهاڪي يا چوڻيءَ جو درجو مشڪل حاصل ڪري سگهندا.“[١١]

مطلب تہ پهاڪا، ڏاها ماڻهو ڪي ويهي (شعوري) ٺاهيندا ۽ گهڙيندا ڪو نہ آهن، نہ ئي ڪي اُهي ٿوري وقت ۾ پهاڪا بڻجي پوندا آهن، پر انهن جي جڙڻ ۾ زمانن جو رياض هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ لطيف جي شاعريءَ ۾ زمانن جو رياض ۽ رچاءُ شامل آهي. ڊاڪٽر مرليڌر لکي ٿو تہ: ”انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ هر ڪو پهاڪو، هر ڪا چوڻي پهرين پهرين ڪنهن هڪ شخص جي واتان نڪتل آهي، پر انهيءَ ۾ جيون جي سچائي اهڙي تہ سهڻي، دلچسپ ۽ اثرائتي نموني پيش ڪيل آهي، جو سماج جا ٻيا ماڻهو ٻڌندي ئي متاثر ٿيو ٿا وڃن ۽ پوءِ اُهي انهيءَ سخن کي اپنائي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پاڻ بہ استعمال ٿا ڪن. اهڙيءَ طرح هڪ شخص جي آزمودن ۽ جذبات جي سياويڪ اظهار تي ٻڌل سخن، عوام ۾ مروج

ٿي، پهاڪو يا چوڻي بڻجي وڃي ٿو. ڪن حالتن ۾ اعليٰ شاعرن جي بيتن جون ننڍڙيون ٽڪون بہ اثرائتيون ۽ دلڪش هئڻ سببان عوام جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ٿيون وڃن.“[١٢]

هن اُنهيءَ ڏس ۾ لطيف سرڪار جون هينيون سٽون مثال طور ڏنيون آهن:

- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.
- ڏک سُکن جي سُونهن، گهوريا ڏک سکن ري.
- تتيءَ ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

لطيف اُهو عظيم شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ گهرو مشاهدو، آزمودو، حمڪت، دانائي، ڄاڻ، سوچ ويچار آهي. انسانن جي اعليٰ گڻن جا احوال (مثال طور) آهن. تهذيب، تمدن ۽ ڪلچر جي عڪاسي ٿيل آهي. تاريخي، نيم تاريخي، عشقيہ داستان، قصا، ڪهاڻيون ۽ سنڌ ساٽيهہ جو هر نظارو بہ موجود آهي. سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون، عقيدا، وهم وسوسا، اظهار جا نمونا، حرفتون، هُنر، ڌنڌا، فن ۽ ڪاريگريون موجود آهن. مطلب تہ سنڌ جون جهلڪيون سندس شاعريءَ ۾ پسجن ٿيون.

ذڪر ٿي چڪو آهي تہ لطيف جا ڪيترا ئي بيت، بيتن ۽ واين جون سٽون، نہ رڳو عام زندگيءَ جي ڳالهہ ٻولهہ، ڪار وهنوار ۾ بنهہ ڀرپور نموني سان ڪتب اچن ٿيون، پر لطيف جي شاعري، پهاڪن طور بہ گهڻي استعمال ٿئي ٿي. مثال طور هينيان بيت ۽ سٽون، عام زندگيءَ ۾ تمام گهڻيون ٻڌيون ويندڻيون آهن ۽ اُهي پهاڪن طور ئي ڪتب اينديون آهن:

- حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.
- ڇلي ڇڏ مَ ڇيرين، ڏلي ڇڏ مَ ڏيهہ.
- سڄڻ ۽ ساٽيهہ، ڪنهن اَٽاسيءَ وسري.
- ايءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سونَ تي.
- ڏڪاريا ڏيهہ مان، موذي شال مرن.
- ڇپاتا ڇڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ.
- ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو.
- گهوڙن ۽ گوتن، جيئڻ تورا ڏينهڙا.
- ويا سي وينجهار، هيرو لعل وڌين جي.



Gul Hayat Institute

- سنڌي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.
- وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي.
- ستر ڪر ستار، آءٌ اگهاڙي آهيان،
  ڍڪين ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهہ جو.
- صاحب ڏي شفا، ميان! مريضن کي.

ٻيا بہ اهڙا ڪيترائي بيت ۽ بيتن جون سٽون آهن، جيڪي ڀهاڪن طور استعمال ٿين ٿيون. حقيقت ۾ لطيف جي شاعريءَ ۾ عام سنڌي ماڻهن جي جذبن، ڪيفيتن، احساسن، تجربن ۽ سوچ ويچار جو گهرو بيان ۽ سندن سپيتا جو وسيع عڪس ملي ٿو. هونئن تہ لطيف جي شاعريءَ مان سوين سٽون ڀهاڪن طور ڪتب آڻجن ٿيون پر اسان پنهنجي هن مقالي اندر شاهہ صاحب جي ڳايل ٻن سرن: سُر مارئي ۽ سر حسينيءَ کي موضوع طور آندو آهي، تنهنڪري هتي فقط انهن بيتن ۽ واين جي سٽن جو ذڪر ڪبو جيڪي ٻنهي سرن منجهہ ڀهاڪن طور استعمال ٿين ٿيون.

**سر مارئي**:

سُر مارئي ۾ وطن جي حب ۽ آزادي مرڪزي موضوع آهي. هي سُر ساڻيهہ جي سڪ، خودداري، اڏولپڻي، عزم ۽ استقلال جو سُر آهي. هي سُر پنهنجن ۽ پنهنجي ملڪ سان بنهہ گهڻي محبت، هر ڏکي حالت ۾ بہ پنهنجو ست سيل سلامت رکڻ جو هڪ اعليٰ درس آهي. هي بنهہ مشڪل حالتن ۾ بہ اميدن جو سُر آهي. هي سُر بنهہ گهڻي محبت ۽ خلوص ڀري فطري رهڻي ڪهڻيءَ جهڙي تهڙي پر پابندين کان بنهہ آجي ماحول جو داستان آهي. هن سُر ۾ اعليٰ اخلاقي خوبين، زندگيءَ جي اعليٰ قدرن، ڳڻن ۽ لڇڻن جو چٽو ۽ سچو عڪس آهي. هيءُ سُر سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن جو آئينو آهي.

اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جستجو، جاکوڙ ۽ سخت کان سخت حالتن کي بہ منهن ڏيڻو پوندو آهي. محنت ڪرڻي پوندي آهي. ڪشالا ڪڍڻا پوندا آهن. مصيبتن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پُرپيچ پيچرن تان لنگهي پار ٿيڻو پوندو آهي. سخت پيڙائن جا پنڌ ڪرڻا پوندا آهن. پنهنجي منزل مقصود حاصل ڪرڻ لاءِ بنهہ خراب ماحول کي بہ منهن ڏيڻو پوندو آهي. جڏهن نہ چاهيندي بہ گهُٽيندڙ ماحول جون سختيون بہ برداشت



Gul Hayat Institute

ڪرڻيون پونديون آهن. جڏهن ماڻهو پنهنجي پاڻ کي بيوس ۽ لاچار محسوس ڪندو آهي ۽ اهڙي ايذائيندڙ ڪيفيت جي اظهار لاءِ لطيف جي هنن لفظن ۾ چئبو آهي ته:

قسمت قيد ڪياس، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾. (١/١٦)

پنهنجي اعليٰ مقصد لاءِ ڪيترائي ايذاءَ، آزار ۽ سختيون سهڻيون پونديون آهن. قيد و بند رڳو لوڙهن، ديوارن ۽ ڪڙن ۾ بند رکڻ جو نالو بہ نہ آهي پر قيد تہ اهي مشڪل ماحول ۽ نظام جون سختيون پابنديون بہ آهن، جن ۾ هر قسم جي اظهار جي بندش هجي ٿي. انسان هميشہ اتي ئي رهڻ چاهيندو آهي جتي پنهنجا ۽ پنهنجائپ هجي، چاڪاڻ تہ انسان جو آزاد رهڻ فطري آهي. انسان تہ ڇا پر هر ساهوارو آزاد رهڻ چاهيندو آهي. انهيءَ جي ابتڙ جيڪڏهن ڪيڏا بہ محل ماڙيون، نٿ نانگر هجن، اُتي پنهنجا ۽ پنهنجائپ نہ هجي ۽ آزاد فضا نہ هجي تہ انسان لاءِ هڪ گهڙي گهارڻ بہ بنهہ ڏکي ۽ ايذائيندڙ هوندي آهي. جڏهن سختيون ۽ صدما ڏيندڙ ۽ گُهٽيندڙ ماحول ۾ بہ پنهنجي اعليٰ مقصد ڏانهن وکون کڻندي وڌبو رهبو آهي، تڏهن چيو ويندو آهي:

ڪونين گهاري ڪير، محلين منجهي مون هنيون. (٢/١)

انسان جي فطرت آهي تہ هو نہ رڳو آزاد رهڻ چاهيندو آهي پر پنهنجن سان گڏ رهڻ گهرندو آهي. جهڙي تهڙي ماحول ۾ تہ گهاري سگهندو آهي پر پنهنجا ۽ پنهنجائپ جو احساس ضرور طلبيندو آهي. هر باضمير ۽ سالم ذهن انسان پنهنجي تهذيب، تمدن، ثقافت، رسم رواج وغيره تي فخر محسوس ڪندو آهي. ان سان پيار پڻ انسان جو فطري عمل آهي. پنهنجي ثقافت، رسم و رواج، سوچ ۽ فڪر نہ ڇڏڻ لاءِ لطيف جي هن سٽ ۾ اظهاريو ويندو آهي:

جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران. (١/٣)

جڏهن اندر ۾ آزار هوندا آهن، اندر دردن سان پريو پيو هوندو آهي. ڏک ڳڻڻ کان گهڻا هوندا آهن، تڏهن ماڻهوءَ جو هانءُ پرجي ايندو آهي ۽ اکيون ڇُلڪڻ لڳنديون آهن. جڏهن ڪنهن دردمند يا پنهنجائپ رکندڙ ماڻهوءَ سان انهن ڏکن جو اظهار ڪبو آهي، تڏهن لطيف جي هينين سِٽ زبان تي تري ايندي آهي:



Gul Hayat Institute

لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪرئو پون قلم تي. (۲/۲)

سماج جون حالتون ڪڏهن ڪڏهن ايتريون تہ ڏکيون ٿي پونديون آهن، جو ماڻهو چاهيندي بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهندو آهي. پنهنجي اعلىٰ مقصد جي منزل ڏانهن وک وڌائي نہ سگهندو آهي. ماحول مجبور ۽ لاچار ڪري وجهندو آهي. جڏهن ويل بہ پرجي ايندي آهي ۽ پوءِ بہ بيوسي وڌڻ يا ڪجهہ ڪرڻ نہ ڏيندي آهي. تڏهن چئبو آهي تہ:

هَئي منهنجي حال، جئن مُندون سارئو نہ مَران. (۲/۱۰)

پنهنجي اعلىٰ مقصد لاءِ جدوجهد ڪندي هر غيرتمند ۽ باضمير ماڻهو، هر لالچ لوڀ تڏي ڇڏيندو آهي. پنهنجي اعلىٰ مقصد تان هٽائڻ لاءِ ڪا بہ سوديبازي ڪرڻ جو تصور بہ نہ ڪندو آهي. غيرتمند ۽ باضمير ماڻهوءَ جو اهو شيوو ئي نہ هوندو آهي تہ هو پنهنجي مقعد تان هٽي وڃي يا لوڀ ۾ اچي پنهنجا نظريا ئي تبديل ڪري ويهي. باضمير ماڻهو تہ بک مرڻ ۽ هر سختي برداشت ڪري سگهندا آهن پر پنهنجي مقصد تان هٽڻ جو تصور بہ نہ ڪندا آهن. چو تہ ويڪائو مال ٿيڻ ڪي زندگي ۽ زماني جو وڏو عيب ۽ انسانيت تي داغ پائيندا آهن، تنهنڪري باضمير ماڻهو ئي هدايت طور لطيف جي اعلىٰ سٽن جو سهارو وٺندا آهن. اها ئي لطيف جي عظمت آهي جو هو چوي ٿو تہ اهو انسان جو ڳڻ ئي نہ آهي جو هڪ ڪيڏي وڏي (يا ننڍي) لالچ تي پنهنجا سيڻ متي ڇڏي. هيءَ هدايت، هي سُخن اڪثر چيو ويندو آهي:

اِيءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائين سونَ تي. (۳/۸)

جڏهن زندگي گهٽڻ ڏکن ۾ گذري ويندي آهي، ماڻهوءَ وٽ رڳو درد ئي درد وڃي رهندا آهن. سندس پل پل پيڙاءَ ۾ گذريل هوندو آهي، ماڻهو سک سنيرندو ئي نہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو حال پڇندو آهي تڏهن جواب ۾ يا پنهنجي حال جي اظهار لاءِ چوندو آهي تہ:

مون ڪي ماروئڙن، سُج ڳٽائي سيج ۾. (۳/۱۷)

ڪنهن بہ عمل جي ڪري جڏهن ڪو پڇتاءَ جو احساس جاڳندو آهي، يا ڪنهن عمل ڪرڻ کان سواءِ بہ ڪو ماڻهو ڪنهن ڏکيائي يا عيب وغيره جو سبب بڻبو آهي، تڏهن چيو ويندو آهي:



Gul Hayat Institute

ھيڪ نہ ڇاياس، ٻئو ڇاڇندي جي مران. (۵/۳)

پنھنجي منزل ڏانھن ويندي باضمير ۽ اعليٰ انسان جيڪي ڪا بہ سوديبازي وغيره نہ ڪندا آھن، تن ڪي تمام گھڻيون تڪليفون ۽ مصيبتون پيش ايندڙيون آھن. سماج انھن لاءِ وڪ وڪ تي ڇيپون ڇيرا ٻڌجي پوندو آھي. سختيون ۽ سور ڏيندو آھي. پنھنجي اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ تڪليفون، سختيون ۽ مصيبتون ايندڙيون آھن، اعليٰ انسان انھن کي برداشت ڪندي فخر محسوس ڪندا آھن. ھو ڦاھيءَ ڦندا ڏسي بہ خوش ٿيندا آھن. سوليءَ ڏانھن ويندي بہ سرھا ٿيندا آھن. سخت کان سخت تڪليف برداشت ڪندي، ھنن جو عشق چوٽ چڙھندو آھي. اعليٰ مقصد لاءِ برداشت ڪيل سمورين سختين ۽ سورن تي ھن کي فخر محسوس ٿيندو آھي، تنھنڪري اھڙي ڪيفيت جي اظھار ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آھي:

سڪر سيئي ڏينھن، جي مون گھاريا بند ۾. (۵/۵)

اعليٰ انسان اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ تہ ھر تڪليف برداشت ڪندا آھن. پر ھو پنھنجو مقصد حاصل ڪرڻ ضرور گھرندا آھن. توڙي جو ھو موت کان ڪڏھن بہ نہ ڊڄندا آھن پر موت جي منھن ۾ ويندي بہ پنھنجي مقصد جي حاصلات لاءِ زور ڏيندا آھن. ھو اھو نہ چاھيندا آھن تہ مقصد جي حاصلات بنا موت اچي، تنھنڪري ھو چاھيندا آھن تہ مقصد حاصل ڪري پوءِ پلي موت ملي. جڏھن ڪو پنھنجي مقصد جي حاصلات لاءِ جدوجھد ڪندي، سختيون سھي رھيو ھوندو آھي، تڏھن پنھنجي مقصد سان سچو رھڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آھي:

الله ائين مَ ھوءِ، جيئن آنءُ مران بند ۾. (۵/٦)

سر مارئيءَ ۾ مارئي، وقت جي حاڪم جي ڪوٽ ۾ قيد و بند رھندي بہ ھيڏي ساري حاڪم، بادشاھ آڏو ڪنڌ نہ ٿي جھڪائي ۽ پنھنجي ست کي بہ سلامت رکي ٿي. مارئيءَ جو ڪردار ڪمزور، مجبور، بيوس، لاچار، مسڪين ماڻھن جي لاءِ عزم، ھمت، بھادري، استقلال ۽ وطن جي حُب جو اعليٰ سبق آھي. اٽل رھڻ، عزم ۽ استقلال قائم رکڻ انسان جا بنھ اعليٰ گڻ آھن. پنھنجي اعليٰ مقصد حاصل ڪندي موت بہ بي معنيٰ ٿي وڃي ٿو. جي پنھنجي منزل تي رسجي ۽ پوءِ موت اچي تہ اھو موت بہ ڄڻ خوبصورت

Gul Hayat Institute

زندگي آهي. اندر جي اهڙي خوبصورت تصور جي اظهار ڪرڻ لاءِ لطيف جي هيءَ سٽ چئي ويندي آهي:

ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي. (۵/۱۴)

سچا ۽ مڪمل انسان، پنهنجي محبوب/مقصد سان ڪنهن به ٻي شيءِ جي شراڪت ڪي بنهه خراب سمجهندا آهن. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ اٽل هوندا آهن. ڦرٽا گهرٽا ۽ هلڪڙا هرگز نه هوندا آهن. هونئن به محبوب/اعلىٰ مقصد تبديل نه ٿيندا آهن. جڏهن پنهنجي محبوب/مقصد تان ذرو به نه ٽڙڻ جي ڳالهه ڪبي آهي يا توڙ نباهڻ جي سختيءَ سان ڪا ڳالهه ڪبي آهي، تڏهن لطيف جي هيءَ هدايت ڀري سٽ سخن طور سڻائي ويندي آهي:

ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻئو، ڪٿيرو ئي خوب. (۵/۲۳)

جڏهن پنهنجي ملڪ/علائقي کان پري رهبو آهي ۽ پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجن دل گهرين جي ياد گهڻو ستائيندي آهي، خاص ڪري تڏهن جڏهن ڪي ماڻهو زبردستي پنهنجن ۽ پنهنجن ڪکن (گهرن) کان پري ڪيا ويندا آهن. قيد و بند ڪيا ويندا آهن ۽ پنهنجي اجهن کي ڏسندي ۽ منجهن رهندي گهڻا ڏينهن لڳي ويندا آهن. تڏهن چيو ويندو آهي:

پکڙا ۽ پنهوار، ڏٺي مون ڏينهن ٿيا. (٦/٧)

جڏهن ڪنهن جي غربت جي ڳالهه ڪبي آهي، تڏهن چيو ويندو آهي:

آٽين ۽ چاڙهين، ڏٺ ڏينهاٽي سومرا. (٦/٧)

دل گهريا سدائين چڱايون ۽ احسان ڪندا آهن. دل گهرين جي احسانن ۽ ڀلاين جا ليکا نه ڪبا آهن. چاڪاڻ ته وٽائن سدائين سنائيءَ جي اميد هوندي آهي. جڏهن ڪنهن دل گهرئي جي احسانن ۽ ڀلاين جو ذڪر ڪبو آهي، تڏهن انهن جو ليکو ئي نه ڪرڻ جي اظهار لاءِ چيو ويندو آهي ته:

ڀلائيءَ جا ڀيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا. (٦/١٩)

لطيف سرڪار اهو شاعر آهي، جنهن وٽ وطن جي ماڻهن ۽ وطن جي محبت سڀ کان مٿانهين آهي. سُر مارئي ته سراپا ساڻيهه ۽ ساڻيهه واسين سان عشق آهي. لطيف جي هيءَ سٽ هدايت ۽ سخن طور بنهه گهڻو چئي ويندي آهي:

وطن جن وساريو، حيف تن کي هوءِ. (وائي ٦/)

Gul Hayat Institute

جڏهن اول کان آخر تائين توڙ نڀائڻ جي ڳالهه ڪبي آهي يا عشق جي رشتي جي سچائيءَ جو ذڪر ڇيڙبو آهي، تڏهن چيو ويندو آهي:

مون مارو ءَ سين، لڏيون لوئيءَ ۾ لاٿون. (۷/۳)

انسان تي جهڙا ڀہ ڏينهن، وقت، زمانا وغيره ايندا آهن، سي گهارڻا پوندا آهن. اهي ڏينهن جيڪڏهن مايوس ٿي روئندي گذاربا تہ بہ گذري ويندا. پر روئندي ۽ مايوس ٿي گهارڻ سان اهي لمحا ۽ ڏينهن وڌيڪ تڪليفون ڏيندا. حوصلا خطا ٿيڻ سان ٻين گهايلن جي حوصلن تي بہ اثر پوندا، تنهنڪري هر مشڪل وقت کي بهادريءَ ۽ اڏولپڻي سان گهارڻ گهرجي. لطيف جو اهو درس اڪثر نہ رڳو ٻين کي پر ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي بہ چئي حوصلا بلند رکڻ لاءِ اُتساهيو ويندو آهي:

جهِڙا اچن ڏينهڙا، گهايل ويني گهار. (۷/۱۸)

ڪوھ تڏهن سنجبا آهن، جڏهن ڏڪار هوندو آهي. مينهن نہ پوڻ جي ڪري ڪوھ سُڪي ويندا آهن. جڏهن تر ۾ ڏڪار پوندو آهي، وڻ ٽڻ سُڪي ويندا آهن، پاڻيءَ جي سطح هيٺ لهي ويندي آهي. نيٺ ڪوھ بہ سُڪڻ لڳندا آهن. اها حالت ڏاڍي ڏکي هوندي آهي. اهڙي حالت ۾ بہ اُهو ديس جتي ڪوھ مان پاڻي سنججي، پوءِ بہ وطن پلو تڏهن لڳندو آهي، جڏهن اندر ۾ وطن لاءِ اٿاھ محبت هوندي آهي. ڪوھ سنجڻ يا چوئڻ جيڪو هڪ ڏکيو عمل آهي ۽ ٻيو وري سنجيل پاڻي بہ کارو هجي. مطلب تہ هر لحاظ سان ڏکي حالت هجي پوءِ بہ پنهنجو ديس پلو لڳندو هجي. ڏکين حالتن کي منهن ڏيندي محبت کي قائم رکڻ جي اظهار لاءِ هيٺين سِٽ سُخن طور اڪثر چئي ويندي آهي:

ور سي کارا کوھ، سنجيم جي ساٿيهہ جا. (۷/۸)

سخت کان سخت حالتن ۾ رهي پنهنجي عشق جي سچائيءَ کي سلامت رکڻ ۾ ئي مهانتا آهي. هر تڪليف برداشت ڪري بہ پنهنجي اعلىٰ مقصد سان لڳاءَ جا جذبا بچائڻ، مصيبتن ڀرئي ماحول ۾ رهي بہ سچائيءَ کي جيئڻ جو تيئن سلامت رکڻ وڏي ڳالهه آهي. پنهنجي عزت ۽ ست سلامت رکڻ اعلىٰ گڻن ۽ قدر رکندڙ ماڻهن جو مرڪ آهي. اهڙا عمل فقط اعلىٰ انسان ۽ عاشق ئي ڪري سگهندا آهن. دعوىٰ تہ هر ڪو ڪندو آهي پر اصل

Gul Hayat Institute

حقيقت ۽ صداقت ان وٽ هوندي آهي، جيڪو سخت خراب حالتن ۾ رهي به پنهنجي سچائي ۽ عزت کي سلامت رکندو آهي. الهڙ ماڻهن کي آزمودگار ماڻهو هدايتون ۽ ڏس ڏيندا آهن. اصل حقيقت جو احساس ڏيارڻ لاءِ اڻ واقفن کي هيٺين سٽ ٻڌائي ويندي آهي:

هتي جي هيون، تہ سُڌ پيرين سيل جي. (٨/٢٦)

سطحي ماحول، ناانصافيءَ تي ٻڌل value less سان اعليٰ انسان ڪڏهن بہ ناهہ نہ ڪندا آهن. هو ٻاڙي يعني غليظ ۽ گهٽيا قدر رکندڙ سماج سان سمجهوتو نہ ڪندا آهن. هو سدائين اعليٰ قدرن پرئي سماج اڏجڻ جي انتظار ۾ رهندا آهن ۽ هو انهيءَ لاءِ ڏاڍا پُراميد هوندا آهن. لطيف تہ هوئن ئي عزم، خودداريءَ ۽ اميدن جو شاعر آهي. ٻاڙي يعني غليظ سماج سان ناهہ نہ ڪرڻ ۽ اُجري سماج جو انتظار ڪرڻ يعني سچو رهڻ جي هدايت طور هيءَ سٽ ٻڌائي ويندي آهي:

ٻاڙو پئي نہ ٻيڙي، سدا ابر آسري. (١١/١٣)

لطيف جي سر مارئيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي سٽون آهن، جيڪي پهاڪن طور استعمال ٿين ٿيون، جن مان ڪجهہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

(١) هنيون هڪ هُئوم، جو مون ڏنو پرينءَ کي. (٢٤/٢)

(٢) ڪٿيريءَ تان ڪِل، عمر اهڙي مَ ٿئي. (١٤/٣)

(٣) آئون ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان. (٣/٧)

(٤) ميرو ئي محبوب، اسان مارو من ۾. (متفرقہ/ ١٥)

(٥) جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، تيئن مون من ماروئڙن سين. (متفرقہ/ ٣٤)

(٦) بندي ٻڌا قرار، آئون تي لوچيان لوهہ ۾. (٥/٧)

(٧) هنيون هڪ هئو، سو پرزا ٿي پئو. (٢/٢٣)

(٨) پهريان وجان لوءِ، پوءِ مَرُ پُجنم ڏينهڙا. (٢/٧)

(٩) هيءَ جا ڪيئي هاءِ، سا مُهندان ايندئي منهن ۾. (٣/۴)

(١٠) سڪڻ ڪيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا. (٣/١٣)

(١١) مران جي هن هنڌ، نجاهہ مڙهہ ملير ڏي. (٥/٨)

Gul Hayat Institute

(١٢) ٻاٻاڻن سي ٻول، ڪيم نہ ڪوت وهڻ جا. (٥/٢٠)

(١٣) اِيءُ وِرُ ويڙهيچن، مون لوڏائين لڪيو. (٦/٩)

(١٤) ويني پوچان پير، ماڻ ملنم ڪڏهين. (٨/١٠)

## سر حسيني:

سُر حسيني، عشق جي ڪمال، سچن جذبن، مستقبل ۾ اُميد، عزم، استقلال، رچي ريتي ٿيڻ، همت، جدوجهد، ڳولا، تانگھہ، طلب، بهاديءَ سان سورن سهڻ، ڪشالا ڪٽڻ، اعلیٰ مقصد لاءِ هر مشڪلات کي سَهي بہ پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ، ڏکيائيءَ هوندي بہ پُراُميد رهڻ ۽ ايمان قائم رکڻ جو درس آهي. جڏهن ڏک سور سهي، پنهنجي منزل طرف وڌبو آهي، تڏهن ئي منزل جي ڏکن، سورن ۽ آزارن کان آزادي ملندي آهي. اهڙيءَ جدوجهد ۾ جڏهن ڪو ماڻهو تڪجي ساٿو تي پوندو آهي، وقت بہ گھٽو گذري چڪو هوندو آهي تہ اهڙيءَ صورتحال ۾ وقت جو احساس ڏياري، همت وڌائڻ جي هدايت، هنن لفظن ۾ ڪئي ويندي آهي:

لَڙُ مَ لوڙائُو، هَلي ڪر همت. (٣/١)

جڏهن وقت گذري ويندو آهي، تڏهن ماڻهو مايوس بہ ٿيڻ لڳندو آهي، جيئن:

ويني مون وِئو، لَڙِي سج لَڪن تان. (٨/١)

انسان، ٻوليءَ ذريعي جڏهن پنهنجي جذبن، ڪيفيتن، سوچن ۽ ويچارن جو اظهار ڪري ٿو، تڏهن هُو ڪھربل لفظ، محاورا، ٽُڪون ۽ جملا چونڊي، پنهنجي مرضيءَ موجب جدا جدا وقتن تي اُنهن کي ڪتب آڻي ٿو. جڏهن ماڻهوءَ کي حالتون بيوس ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ڪجھہ بہ اُجهي نہ سگهندو آهي، تڏهن چئبو آهي:

تاڻيان تند نہ نڪري، جيءُ نہ منهنجو جاءِ. (٩/٢)

زندگي جدوجهد جو نالو آهي. جدوجهد سان ئي انسان منزل تي رسجي ٿو. اعلیٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مشڪل حالتن، ڏکن ڏاکڙن يا تتي ٿڌيءَ يعني هر حالت ۾ اڳتي وڌڻو آهي. جدوجهد ڪرڻي آهي:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نہ لهين پريَن جو. (٢١/٢)

جڏهن ڪو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، سخت جدوجهد ڪندو پيو آهي، تڏهن ڪيس چيو ويندو آهي.

ڏکن پنيان سُکَ، سگها ٿيندءِ سسئي. (١٥/٣)

جيڪڏهن گذريل زماني جي ماڻهن، ماڳن ۽ مڪانن ڪي ياد ڪبو آهي ۽ اڳوڻين حالتن ۽ هاڻوڪين حالتن جي تبديلي محسوس ڪبي آهي تہ اُنهيءَ موقعي تي يا جڏهن بنهہ ويجها ماڻهو بہ ساٿ ڇڏي ويندا آهن ۽ بيوفايون ڪندا آهن، تڏهن چيو ويندو آهي:

اڳي ائين هُياس، جيئن پُنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي هيئن ٿياس، جيئن جت نہ نينم پاڻ سين. (٤٢/١٢)

اعليٰ مقصد جي حاصلات لاءِ رستي ۾ ڏک ڏاڪڙا، رُڃ، سڃ ۽ سختيون سهڻيون پونديون، پر جيڪي اروٽ يا عشق ۾ ڪچا هوندا آهن، تن کي هن ريت مخاطب ٿبو آهي:

سرتيون سڄي سُڄ، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناهہ، پنڌ گهڻو، اڳيان رائو ۽ رُڃ،
متان مَري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پرينءَ کي. (٩/١)

انسان ڪڏهن ڪڏهن ٻہ-طرفين تڪليفن ۾ جڪڙجي پوندو آهي. هڪ طرف ماحول جون حالتون ڏکيون ۽ خراب هونديون آهن، ٻئي طرف اندر ۾ پنهنجي محبوب/اعليٰ مقصد سان عشق جي آڳ جو آڙاهہ هوندو آهي، پوءِ بہ اڳتي وڌڻو پوندو آهي. اهڙيءَ صورتحال جو نقشو هينئين بيت ۾ چٽيو ويو آهي:

ڪِين ڏرتي ماءِ، ڪِين جَر سَنڌِي سجڻين،
هَلَي ۽ واجهاءِ، ٻنهي جيرن وچ ۾. (١/٢)

جڏهن ڪنهن دل گهرئي انسان سان ملاقات ٿيندي آهي، تہ چيو ويندو آهي:

آيا آس ٿيامِ، ٻاروچا پنيور ۾. (٤/١)

Gul Hayat Institute

تاريخ شاهد آهي تہ ڌارين سان دوستين رکڻ جا نتيجا بنهہ اُگرا ۽ هاجيڪار نڪتا آهن. ڌارين جي دوستيءَ، ڌرتيءَ تي وڏيون آفتون آڻيون، ڌرتيءَ جي وسيلن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو آهي. جڏهن ڄام فيروز، ڌارين سان دوستيءَ جو هٿ وڌايو تہ نتيجي ۾ سنڌ تي ارغون مسلط ٿيا. نائون مَل انگريزن سان سنگت جوڙي تہ سنڌ، انگريز جي قبضي ۾ آئي:

ڪيئن اَڙايئہ پاندہ، پلئہ پرڏيهين سين. (٨/٥)

جڏهن حالتون خراب ٿي وينديون آهن، تڪليفون وڌي وينديون آهن، دردن جو بار سهڻ ڪان مٿي هوندو آهي ۽ ماڻهوءَ ۾ برداشت جي حد نہ رهندي آهي، تڏهن چئبو آهي:

سُور مَ ڏنم ڏوڻ، آءَ اڳهين ڪانهري. (٤/٦)

اها حقيقت آهي تہ جيستائين مصيبت ماريا ماڻهو، گڏجي جدوجهد نہ ڪندا آهن، تيستائين مصيبت ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ سگهندا آهن. شاهہ صاحب چوي ٿو:

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان پنڻ نہ ٿئي. (١٧/٦)

درد جو رشتو سگهارو هوندو آهي. دردمندن کي هڪ ٻئي سان احوال اورڻ ۾ سرهائي ملندي آهي. اها ڪيفيت لطيف هن طرح بيان ڪئي آهي:

اچو سورن واريون، ڪريون سُور پچار،
مُٺ مُٺ سورن سپ ڪنهن، ڪانهي سُوران ڌار،
ڏنم جي ڏاتار، سي مون جهوليءَ پائي جهلئا. (١٩/٦)

جستجو، ڳولا ۽ تانگهہ سان ئي اعليٰ مقصد حاصل ڪري سگهبا آهن. جيڪي ڳولهيندا آهن، سي ئي منزل ماڻيندا آهن:

پُڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پريءَ کي،
ڏوريندا ڏسن، اگڻ عجيبن جا. (١/٧)

ساٿ سان سلهاڙ جي هلڻو پونديو آهي:

ڇِجَ م قطاران، ساٿ ڇڙهندو لڪيين. (١٣/٨)

Gul Hayat Institute

جيڪي سچي عشق سان جستجو ڪندا آهن، اُنهن کي منزل ضرور ملندي آهي. پر شرط قرباني آهي:

ڪڏهن ڪا نہ سُئي، تہ ڪا سَکھي گڏي سڄڻين. (١٧/٩)

جڏهن ڪو دل گھُريو ڪا بي وفائي ڪندو آهي ۽ ماڻهو سڀ ڪجھ محسوس ۽ برداشت ڪندي، اُنهيءَ کي ڪا اڻ سُونهندڙ موٽ بہ ڏيڻ نہ چاهيندو آهي، تڏهن هيئن چئبو آهي:

جيڪر ڪريان ايئن، جيئن ڪميڻي ڪا نہ ڪري،
سندو نالو نينهن، هوند ڪڏهن وڻي ڪا نہ ڪا. (١٥/١٠)

ڏک، سُکن جي سونهن هوندا آهن، جيڪي منزل مقصود حاصل ڪرڻ لاءِ، برداشت ڪيا ويندا آهن:

ڏک، سکن جي سُونهن، گھوريا سُک، ڏکن ري. (٢١/١١)

نينهن جو نالو وٺڻ ڏکيو آهي. نينهن يا عشق مامرن ۾ وجهندو آهي:

جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جئن پوندي مامري. (٢٠/١٢)

جڏهن ماڻهو اڪيلائي محسوس ڪندو آهي يا ڪنهن اهڙي شخص جي وفات وقت، جنهن جو ڪو ويجهو عزيز موجود نہ هجي تہ اهڙي حالت ۾ چئبو آهي:

نہ ڪي رُئڻ واريون، نہ ڪي اوسارين. (١٤/١٢)

**حوالا:**


(١) "The Reader's Digest, Great Encyclopaedia Dictionary" (Vol: 2), The Readers Digest Association London, Compiled by Oxford University Press, 1964 p 711

(٢) "The British Encyclopaedia" (Volume Eighth) Odhams Press Limited London. W.C.2 1933, p 448.

(٣) Same, p. 448.

(۴) مرزا قليچ بيگ "سنڌي لغات قديمي" حيدرآباد ١٩٢۴ع، ص ٩۴. ۽ پڻ ڏسجي: مرزا قليچ بيگ "لغات لطيفي" سنڌي بوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو ٽيون، ١٩٩۴ع ص ٢٢٧

(۵) سنڌيلو عبدالڪريم: "تحقيق لغات سنڌي"، ڇاپو چوٿون، لاڙڪاڻو سنڌ، ١٩٦٣ع، ص ١٣٠.


Gul Hayat Institute

(٦) جامع سنڌي لغات (جلد پيو)، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو/حيدرآباد، ١٩٨١ع، ص ٨٥٤.

(٧) قادري اياز، ڊاڪٽر: ”شاهہ جو ڪلام پهاڪن طور“ ڪتاب: ”لطيفي لات“، مرتب: ممتاز مرزا، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص ١٨

(٨) جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر: ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“، جوڙيندڙ سنتداس پنهون مل ڪشناڻي، سنت پي وي ڪشناڻي ٽرسٽ، ٺٽي (مهاراشٽر)، پارت ١٩٩٣ع، ص ١٧.

(٩) سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻہ واٽ، گس، رستي لاءِ پَهو لفظ استعمال ٿئي ٿو. اڄ بہ ٻيلن ۾ جيڪي رستا ٺاهيا ويندا آهن يا ٺهيل آهن، اُنهن رستن کي پَهو چيو ويندو آهي.

(١٠)جيٽلي مرليڌر، ڊاڪٽر: ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“، ص ١٩.

(١١)ساڳيو حوال ص ١٥.

(١٢)ساڳيو حوال ص، ١٦.

## شاهہ جا رسالا:

(الف) ”شاهہ جو رسالو“ مرتب: مرزا قليچ بيگ، ڇاپو ٽيون، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، ١٩٩٤ع.

(ب) ”شاهہ جو رسالو-شاهہ جو ڪلام“ (جلد ٨ ۽ ٩) تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

***

Gul Hayat Institute

# انجنيئر عبدالوھاب سھتي جا ڇپيل ڪتاب

- **ڪهاڻيون (ڇپيل)**

١. هراس — آڪٽوبر ١٩٨٩ع
٢. جڏهن بت ئي چوي ڪافر — نومبر ١٩٩٢ع
٣. هٿ جي وڍي — ١٩٩٩ع

- **پهاڪا ۽ چوڻيون/ ورجيسون (ڇپيل)**

١. ننڍڙي روپ وارا، چوڻيون ۽ پهاڪا — اپريل ٢٠٠٢ع
٢. ورجيسون: پسمنظر ۽ ڪارج — نومبر ٢٠٠٣ع
٣. موزون آکاڻين تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون — آگسٽ ٢٠٠٤ع
٤. اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون — مارچ ٢٠٠٦ع
٥. گل شڪر (نئين سر لکيل) — مارچ ٢٠١١ع
٦. پهاڪن ۽ چوڻين بابت تنقيدي مضمون (ترتيب) — جولاءِ ٢٠١٥ع
٧. لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون — سيپٽمبر ٢٠١٥ع
٨. ڳوناٺو ڳُڙ (نئين سر لکيل) — ڊسمبر ٢٠١٥ع
٩. ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون — جُون ٢٠١٦ع
١٠. طبي پهاڪا ۽ چوڻيون — ڊسمبر ٢٠١٦ع
١١. چوند سنڌي چوڻيون (ترتيب ۽ تدوين) — فيبروري ٢٠١٧ع
١٢. ٿري پهاڪا ۽ چوڻيون — اپريل ٢٠١٧ع
١٣. پهاڪن ۽ چوڻين بابت مقالا ۽ مضمون (ترتيب) — آگسٽ ٢٠١٧ع
١٤. گهاگهر منجھ ساگر (تاليف و تصنيف) — جنوري ٢٠١٨ع
١٥. پهاڪن جي پاٻوھ (سنوار سڌار) — اپريل ٢٠١٨ع
١٦. شاھ جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلُو (ترتيب) — آڪٽوبر ٢٠١٨ع

Gul Hayat Institute

- **تاليف ۽ ترتيب**

١. عبدالڪريم گدائي: روايت ۽ بغاوت جو شاعر. — جنوري ٢٠٠٦ع
٢. تنقيدون ۽ تجزيا- پروفيسر نذير احمد سومرو — جنوري ٢٠١٣ع
٣. موھيو مون کي جن- پروفيسر نذير احمد سومرو — مئي ٢٠١٥ع
٤. جيڪب آبادي صاحب ڪتاب ۽ سنڌن ڪتاب — ڇپائيءَ هيٺ

- **پهاڪا ۽ چوڻيون (اڻ ڇپيل)**

١. چوڻين ۽ پهاڪن تي مشتمل مضمون — ڇپائيءَ هيٺ
٢. نصيحت آموز آکاڻين وارا پهاڪا ۽ چوڻيون — س ل ا وت
٣. تاريخي واقعن منجھان نڪتل چوڻيون ۽ پهاڪا — ڇپائيءَ هيٺ

# ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران ڇپرايل ڪتاب

١. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا .......... ڊاڪٽر محبت برڙو (ختم)
٢. ماڻهو ۽ ماڻهپو .......... ڊاڪٽر محبت برڙو (ختم)
٣. آبشار .......... جبران خليل جبران/انجنيئر شفقت حسين وڏو (ختم)
٤. يادون ۽ سُڪونُ .......... ڊاڪٽر محبت برڙو (ختم)
٥. ٻوليءَ جو ٻڻ .......... ڊاڪٽر محبت برڙو (ختم)
٦. سائنسي چاڻ .......... اجمل هديٰ پٽنو (ختم)
٧. ڪامياب زندگي ڪيئن گذارجي؟ .......... شفقت حسين وڏو (ختم)
٨. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت .......... ڊاڪٽر محبت برڙو (-/٥٠)
٩. رانديڪو .......... ملهار سنڌي (ختم)
١٠. ٻه ٽي جام پيئڻ کان پوءِ .......... عمر خيام/ شفقت حسين وڏو (ختم)
١١. گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالا باغ ڊيم .......... محمد ادريس راجپوت (ختم)
١٢. شعور .......... ڊاڪٽر محبت برڙو (ختم)
١٣. شام جي هوا .......... رياضت برڙو (ختم)
١٤. هوا ۾ ٻرياسين .......... بيخود بلوچ (ختم)
١٥. تقريرون .......... غلام علي چنه (ختم)
١٦. موسيٰ کان مارڪس تائين .......... سِبطِ حسن/ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٠٠)
١٧. پنج ڏينهن .......... سعادت حسن منٽو/رضوان گل (ختم)
١٨. وکر ڏارو ڏار .......... غلام علي چنه (ختم)
١٩. ڪونج .......... غلام علي چنه (ختم)
٢٠. ديوانِ رياضت .......... رياضت برڙو (-/٦٠)
٢١. تحفو .......... حسن علي هڪڙو (-/٤٠)
٢٢. جيون تنهنجي نانءِ .......... وفا اسلم شيخ (-/٥٠)
٢٣. ساحل ۽ سمنڊ .......... جبران خليل جبران/پروفيسر عطاءُ الله ابڙو (-/٤٠)
٢٤. سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام .... ڊاڪٽر محبت برڙو (-/٩٠)
٢٥. قنبر: هڪ اڀياس .......... ايڊيٽر ۽ سهيڙيندڙ: رياضت برڙو (ختم)
٢٦. قنبر تعلقو: مختصر ڄاڻ سڃاڻ .......... مرتب: دين محمد ڪلهوڙو (ختم)
٢٧. گرهن جي ڪوجنا .......... جيڪئلن مٽن/ جاويد حسين وڏو (ختم)
٢٨. ٻول جو ٻڻ .......... ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٠٠)
٢٩. گولا .......... ٽيلر ڪالڊويل/ شفقت حسين وڏو (-/٨٠)

Gul Hayat Institute

٣٠. چانڊوڪا چمڪن ........................ مرتب: رياضت برڙو (ختم)
٣١. سڄڻ ماڪيءَ ميٺ ........................ اسد چاچڙ (-/٤٠)
٣٢. ڌرتي: منهنجو گهر ........................ ڊاڪٽر محبت برڙو (-/٤٠)
٣٣. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ........... ايم ايڇ پنهور/ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٢٠)
٣٤. فلسفو: هڪ مطالعو ........................ ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٠٠)
٣٥. ضميري پڇاڙيون ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٠٠)
٣٦. سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون ........................ ڊاڪٽر بشير احمد شاد (-/١٢٠)
٣٧. پيرل قنبر ........................ ڪوڙل قربدار (-/١٦٠)
٣٨. اهنجي ڌرتي ........................ ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٣٠)
٣٩. ڊاڪٽر محبت برڙو (شخصيت، فڪر ۽ فن) ............... رياضت برڙو (-/٢٠٠)
٤٠. ابتدائي سائنس (ٽئين درجي لاءِ) ........................ جاويد حسين وڏو (ختم)
٤١. ابتدائي سائنس (چوٿين درجي لاءِ) ........................ جاويد حسين وڏو (ختم)
٤٢. ابتدائي سائنس (پنجين درجي لاءِ) ........................ جاويد حسين وڏو (ختم)
٤٣. فطرت، سائنس ۽ سماج ........................ ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٥٠)
٤٤. پهاڪن ۽ چوڻين بابت تنقيدي مقالا ........ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٢٠)
٤٥. لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون ........................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٢٠)
٤٦. ڳوناٽو ڳُڙ ........... چاچي لال ڏي آهوجا ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٤٠)
٤٧. محبت جا خط ........................ ڊاڪٽر محبت برڙو (-/٢٠٠)
٤٨. ماڻن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون...انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٥٠)
٤٩. طبي پهاڪا ۽ چوڻيون ........................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٢٠)
٥٠. معلوماتي مالها ........................ واحد بخش تونيه ۽ عابد حسين تونيه (-/٢٠٠)
٥١. چونڊ سنڌي چوڻيون ... ڪيرت مهرچنداڻي ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٤٠)
٥٢. معلوماتي مالها (ٻيو ڇاپو) ....... واحد بخش تونيه ۽ عابد حسين تونيه (-/٢٢٠)
٥٣. ٽري پهاڪا ۽ چوڻيون ........................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/٦٠٠)
٥٤. محبت جن جي من ........................ ترتيب ۽ تدوين: رياضت برڙو (-/٤٠٠)
٥٥. ڌرتي: منهنجو گهر (ٻيو ڇاپو) ........................ ڊاڪٽر محبت برڙو (-/١٠٠)
٥٦. اڪيئن ڏنم جو ........................ عاشق منگي (-/١٤٠)
٥٧. گهاگهر منجهه ساگر (هندڪو پهاڪا ۽ چوڻيون) ... انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٥٠)
٥٨. پهاڪن جي پاٻوهه ........... تيرٿداس پيسومل/انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/٢٠٠)
٥٩. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۽ سنڌي ٻولي ............ ڊاڪٽر محبت برڙو (-/٤٠٠)
٦٠. شاهه جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلو ... مرتب: انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/٢٤٠)

***

Gul Hayat Institute

شاهه جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلو

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي

60



اڻ ٿڪ محنت ۽ بي غرض پورهيو ماڻهوءَ کي ماڻُ ۽ مڃتا بخشي ٿو ۽ جيڪو ماڻهو قلم جو پورهيت آهي، اهو پنهنجي پورهيي وسيلي سماج ۾ فڪر جون ڏياٽيون ٻاري ٿو. انجنيئر عبدالوهاب سهتو هڪ محنتي ۽ جاکوڙي ليکڪ آهي، جنهن لکڻ جي شروعات ته افسانوي ادب سان ڪئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندس ڪهاڻين جا ٽي مجموعا 1. هراس، 2. جڏهن ٻت ئي چوي ڪافر ۽ 3. هٽ جي وڍي، ڇپجي پڌرا ٿيا. پر، ان بعد هن پهاڪن، چوڻين ۽ ورجيسين ڏانهن اهڙو ته ڌيان ڌريو جو اڳتي هلي سندس سڄاڻپ جو حاوي حوالو اهو ئي ٻڻجي ويو. ان سلسلي ۾ هن وقت تائين سندس لکيل، سوڙيل ۽ سنواريل 12 ڪتاب پڌرا ٿي چڪا آهن ۽ هي سندس 13 ڪتاب آهي جنهن ۾ هن شاهه جي شاعريءَ جي پهاڪاتي پهلو تي مضمونن ۽ مقالن جي سهيڙ ڪئي آهي.

هي اسپيشلائيزيشن جو دور آهي، ادب ۾ به جيڪڏهن ڪو ليکڪ ڪنهن هڪڙي شعبي جي چونڊ ڪري ٿو ته ٻين ليکڪن ۾ سندس نالو نمايان ٿئي ٿو. ان حوالي سان انجنيئر عبدالوهاب سهتي پهاڪن، اصطلاحن ۽ ورجيسين تي ڪم ڪرڻ لاءِ ئي پنهنجو سمورو وقت وقف ڪيو آهي، جنهن لاءِ جسُ لهڻي. خاص طور سندس هي ڪتاب جنهن ۾ سنڌ جي مختلف عالمن ۽ محققن جا شاهه جي پهاڪاتي پهلو تي مقالا شامل آهن، تن کي سهيڙي ۽ سوڙي، عبد الوهاب سهتي هڪ اهم ڪم سرانجام ڏنو آهي. هي ڪتاب شاهه جي پهاڪاتي پهلو تي ڪم ڪندڙ محققن لاءِ يقينن مددگار ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

Gul Hayat Institute